


www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(352)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ننڍڙو ڪتاب **”صوفي سونهون - ڀاڱو پهريون“** ناميارِي بزرگ **حضرت نصير محمد صاحب فقير صوفي القادري** جن جي رهاڻ تي مشتمل آهي جنهن کي **روپو ريجهو مل ڪرپالاڻي** 1980ع ڌاري بمبئي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

اسان ٿورائتا آهيون **عبد الجبار شيخ ۽ فقير طارق حيات لاشاري** صاحب جن جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# صوفي سونهون: پاڳو پيون

حضرت نصير محمد صاحب صوفي القادري جن جي رهاڻ

اِي ڪمپوزنگ: عبدالجبار شيخ

تعاون: فقير طارق حيات لاشاري صاحب

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# فهرست

وشيه

مرشد
ناءُ
وحدت
دم
رب جو يادگيرو
محبت
عشق
رب جو خوف
فراموشي ـ ننڊ
حياتي
موت
رات
دل
اک
زمانو
فڪر
چونڊ گفتا

## ٻه اکر عرض

اسانجي مرشد سڳوري حضرت نصير محمد صاحب فقير صوفي القادري 16 ڊسمبر 1960ع جي وصال کيواڻکل 1958ع ڌاري مونکي اچي رايو پيو جو سڄيءَ سنگت کان سندن خط ڪنا ڪري انهن مان چونڊ ڪري ڌار ڌار وِن تي مضمون ناهيم. جهڙو مرشد، نام وغيره جن جي يادداشت اڳيان ڏنل آهي. مالڪن پنهنجي مهرباني سان اهو ٻه رايو دل ۾ وڌو جو بيتن جو ڪتاب الڳ ناهيم.

1959ع ۾ جڏهن درگاه شريف تي ويس تہ سڀ مضمون سائين جن کي پڙهي ٻڌايم ۽ پاڻ نوازش فرمائي ڪيتريون سمجهاڻيون ڏنائون. هڪ ڏينهن جي ڳالهہ آهي شام جو 5 بجي ڌاري پاڻ اچي وينا تہ مون ٻه ڪيو مضمونن جو ڪتاب پڙهڻ شروع. جڏهن پورو ڪيم تہ ڪٽي فرمايائون تہ روپا ٻچو ايترو نہ ڳالهرايو آئيني جو اصل سهڪوئي بند تي ويو آهي. ڪتاب جي ڇپائڻ جي ٻه خوشي سان اجازت ڏنائون.

پوءِ ڪنيم بيتن جو ڪتاب جو بيت تہ گهٽي قدر سمجهہ ۾ نتي آيم. بس اجا هڪ ٻه بيت پڇم تہ ئي ڪين تہ فرمايائون تہ ٻچو بيت ڪٽي ڇڏ! اصلئي من تان سڄو بار ئي لهي ويو. دائمان دلجاءِ تي. تڏهن کان ونئي مان بيتن جي پنيان وقت نہ وڃائندو آهيان.

جيتوڻيڪ سندن حڪم موجب هن ڪتاب ڇپائڻ جو خيال گهٽو اڳي هو پر اتفاق ائين بڻيو جو 1972ع ۾ پهريون صوفي سونهون تيار ڪري ڇپايوسين. تنهن وچ ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ آمد رفت ٻه بند تي پيئي ۽ اسان جو شوق ٻه البت ويجهڙائي ۾ جڏهن درگاه شريف تي ويس تہ هر روز نيم ڪري ڇڏيم تہ پرين صبح جو وڃي هن هٿ لکيل ڪتاب ٿلهي تي سائين ارشاد علي صاحبن ۽ سائين علي گلاب صاحبن جي اڳيان پڙهندو هوس. ۽ پوءِ وري سائين حسن بخش صاحبن وٽ سائين علي گل صاحب پنهنجي سر پڙهندا هئاءِ ڪيترائي پيرا سائين ساڻن ٻه ڪتاب جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ تي. سيني صاحبن

ڏاڍو شوق ڏيکاريو تہ ڪتاب جلد ئي ڇپائجي جو پوين لاءِ هڪ ناياب تحفو ٿيندو.

سائينجن جي نصيحت هدايت جا ڪيترائي گفتا ڪتاب ۾ وري وري تا اچن ان باري ۾ بہ درگاهہ شريف فيصلو ٿيو تہ اهي ڇٽڪ من ڪي متركا تا لڳن. جيئن سائينجن جي فرمان موجب هدايت بہ آخر وجي پٽي تي پوي ۽ اثر ڪري.

پنهنجو لنگ پالي، سمجهہ ۽ همت بخشي پنهنجي نصيحت هدايت وشيہ وار صورت ۾ لکائي اٿن تنهن لاءِ سندن لک لائق مون ۾ سندن شڪر ادا ڪرڻ جي نہ لائقي نہ توفيق!

پڇاڙيءَ ۾ وري بہ ڪين اهو عرض آهي تہ شل سندن نوازش سان هرڪو پانڌيئڙو ڪتاب پڙهي. روحاني راحت حاصل ڪري ۽ معرفت جي ميدان ۾ وڪ اڳيري وڌائي. آمين

روپو ريجومل ڪرپالاڻي

حضرت ارشاد علي صاحب صوفي القادري موجوده سجاده نشين درگاه جلالاڻي شريف

حضرت لطف علي صاحبن 23 اگست 1973ع جي وصال ڪيو ۽ سندن فرزند حضرت ارشاد علي صاحب گادي نشين ٿيا. ننڍي هوندي کان ئي ڪين رياضت جو ڏاڍو شوق هوندو هو. سڄي لنگر ۽ ٻنيءَ ٻاري جي نظر داري ڳايون، مينهون پنهنجي هٿن سان ڏهڻ ۽ مهمانن جي ڪارائڻ پيئارڻ ۽ رهائش جو بندوبست پنهنجي سر ڪندا هئا. بيهڪ ۾ قداور مڙس، بدن جا پريل، حسن ۽ هشمت وارا هئا. پر ساڳئي وقت طبيعت نهايت صابرين نماٽي ۽ نيا پري اٿن، مجاهدي ۽ خدائي خيال جا ڪوڏيا صوفي ڪلام ڳائڻ جو پڻ ڏاڍو شوق اٿن. بلند آواز ۽ سوز پرئي سر ۾ جو رات جو ڳائڻ وهن ته وقت جي سمڪ ئي ڪانه رهي. نه ٻڌندڙن کي نه ڪين ۽ مٿان اچي صبح ٿي. ڏاڍا قربدار آهن ۽ اچ ٻه وجبو ته اهيئي اڳيون سڪون لاهيندا آهن. رهاڻ لاءِ عرض ڪجين ته فرمائن ته ادا اسانکي نه ڳالهائڻ اچيئي ڪونه توهين ڏاڏا جن جا جهونا صحبتي آهيو پاڻ ڪجهه اسان کي ٻڌايو سندن عمر هن وقت 50سال آهي.

اسان جو در داتا جي اهوئي عرض آهي ته ڪين اکٺ عمر ۽ سالم صحت بخشين جو معرفت جي ميدان ۾ مجاهدي جون موجون ماڻي جيئن ساري سنگت جو سينگار آهن تيئن هر هڪ ننڍي وڏي جي اندر ۾ صوفي سفر جو شوق ۽ اتساهه ڦوڪين. آمين.

# مرشد

مرشد صورت الله جي آهي، جو هو پنهنجا سڀ وصف پنهنجن طالبن کي ڏئي ٿو. مرشد اهڙي شي بخشش کندو آهي جو سر ڏني بہ ماڻهو نہ پڄي سگهي. مرشد جي ڏنل شيءِ ڏهون فراموشي نہ ڪجي. مرشد ڪعبو قبلو آهي هر ڪنهن ڏي. مرشد بہ وحدت تو ڏسي، جيڪي مرشد ڏنو آهي سو جيڪڏهن سڄو سر ماڻهو ڏيندو تڏهن بہ پورو نہ پوندو.پر اهو قدر انهن کي پيو جن سڃاتو. جيڪي مرشد ڏنو آهي انهن کان واڌاري پيو چا آهي. جو ڏجي. جيڪي مرشد وٽان مليل آهي، محبت بہ انهن سان رکو. پر جيڪي اوهان کي ڏنل آهي سو اها شي سڃاڻو تہ رب بہ اوهان کي سڃاڻندو.

هيءُ وجود هڪڙي خاڪ جي مٺ آهي، مرشد هڪڙي چٽنگ وجهندو آهي چولي ۾ جي کو ڦوڪيندو تہ ڊاند بہ ٿيندو. هي سرير متڪي آهي.عقل يا شريعت ان ۾ ڪير آهي. مرشد ان ۾ طريقت جو سنبائڻ تو وجهي تہ وصف شريعت وارا ڦري طريقت وارا ٿين.يعني فقيريءَ وارا وصف، پوءِ ايندو معرفت يعني سمجهہ ۾، تڏهن ٿيو درويش، سڃاڻندو تہ مان ڪير آهيان. انسان آهيان، هيءُ سر اسرار آهي، دل عرش عظيم آهي، جتي حق تعاليٰ جي ڪرسي آهي.

رات اتس ڏهي ڄمائڻ لاءِ، ڪيرڪيرم نہ ڄمي، پر سنبائڻ جي لپ هر ڪنهن لاءِ آهي، اها لسي چو ٿي ڄمائي؟ جو هن جي لونءَ لونءَ ماريل آهي محبت جي مانڌاڻيءَ سان، تڏهن ٿي ڄمائي، پوءِ ورلو ولوڙي تو مکڻ ڪڍي من مون. معرفت ولوڙي ٿي ۽ حقيقت ان جو مکڻ آهي. وري بہ معرفت مکڻ کي گهه ٿي ڪري. کي سيپئي ولوڙين تا چا؟ هر گهٽ ۾ لعل آيل آهي. ڪنهن سنياريو، ڪنهن نہ سنياريو.

الله سائين انسان کي ماڻهو ڪڏهن تو ڪري؟ جڏهن انسان معرفت ۾ آهي. معرفت ۽ ماڻهو اکر ئي هڪ آهي. معرفت کان ٻاهر آهي تہ ماڻهپي کان ٻاهر آهي. معرفت چا کي تا چون.؟ معرفت چون تا تہ جڏهن ماڻهو رب ۾ فنا ڪائي تو وڃي. سڀ سان هڪ ٿي، ٻيائي تو وڃائي. پوءِ پاڻ سڀ کي پيو وٽندو ۽ کيس سڀ پيا وٽندا تفاوت ئي ڪونہ هوندو. ٻيائي وئي، توڙي هندو توڙي مسلمان ، معرفت ۾ ماڻهو تو ٿئي. معرفت معنيٰ سڃاڻائين ، توحيد معني

سمجهائين، توحيد ڪيائين معنيٰ تہ ڳالھ ڳجھ جي سمجهائين. رب تعاليٰ جي نالي وٺندو ايندو تہ اخلاق ڦرندا ايندس. جيئن ان طرف پوندو تيئن اخلاق ڦيري اچي معرفت ۾ پوندو. جڻ تہ الله تعاليٰ ان کي ماڻهو ڪيو. ان ماڻهوءَ جي اٿڻي ويهڻي بہ نماز آهي. معرفت ۾ ماڻهو اچي ٿانهرجي ٿانءُ پيو ، جڻ ماڻهو پاڻ ۾ سمائجي ويو.

لٿي ڪڙہ قلوب تون، وڏي سڌ ويو

جڏهن طريقت سمجهندو تڏهن معرفت کي پهچندو. پهرين طريقت پوءِ معرفت، معرفت جڻ مهرباني آهي.

شريعت : انصاف

طريقت : راہ، سمجھ

معرفت : سڃاڻڻ پنهنجي رب کي

حقيقت : ڳالھ کي سمجهڻ، هيڪڙائي

جلال : جوش

جمال : صورت پڃائڻ

جماليت کي پهتو تہ صورت پڃائي ٿانهرجي ٿانءِ پيو. ڪماليت کي پهتو تہ عقل خانو ورتو.

مرشد جو ڪم آهي نصيحت هدايت ڪرڻ. پيو تہ فقير ڪجھ بہ ڪونہ ٿو ڪري. وڏيڪ سعيو ڪرڻ ڪم پنهنجو آهي. جي نہ ڪندو تہ اڳيان حساب ڏيڻو پوندا. جڏهن اجا تائين راہ رب جي تڏهن جڻ عقل ئي ٻيو آيس.جي ڪو پڇي تہ مرشد وٽان ڇا وٺي آيا آهيوتہ چئجي تہ نالو رب جو پاڻ سان وٺي آيا آهيون. هونئن بہ انسان ماءُجي پيٽ مان ڇا ڪٺي آيو آهي! هيءَ سڀ هدايت انسان کي آهي. حيوانن کي تہ هدايتون نہ ٿيون ڏجن. انسان اڄ ڪو ڪو آهي نہ تہ سڀ حيوان آهن. جيئن لٺو جيءَ سان هنڊائبو آهي تيئن نصيحت بہ دل سان هنڊائبي آهي. مرشد تي بہ پڃاڻو ٻيهي ٿو نصيحت ۽ هدايت جو.

مرشد واٽ سٽئين وٺائندو آهي ۽ نصيحت هدايت ڪندو ايندين تہ مٽان دوزخ ۾ نہ پون. ٻورن لاءِ ڏڪ نهيل آهن، ڏنار ٻورن کي هڪل ڏيندو ايندو تہ مٽان مال پرائي ٻنيءَ ۾ نہ وڃي پوي. ۽ ڏور ڏڪ ۾ نہ پون. جيئن مال لاءِ ڏڪ آهن تيئن انسان لاءِ دوزخ آهي. مرشد هروقت طالب کي هدايت ڪندو ٿو رهي تہ

متان طالب دوزخ ۾ نہ پوي. مونکي ٻيو ڪو ڏور چارٽو ڪونهي. منهنجو مال آهين آهيو چوان ٿو تہ متان ڏڪ ۾ پئو انهي مال جا ڏڪ دوزخ آهن.

مرشد جي چوائيءَ ۾ رهجي، مرشد تي بار ٻہ انهن جو آهي جيڪي چوائيءَ ۾ رهندا. مرشد تي طالب جو ايترو بار آهي جو نصيحت هدايت ڪري وڃي تڪي ڇڏيس. مرشد جو طالب تي بار آهي تہ چوائيءَ ۾ اچي ۽ امر سان رهي. چوائيءَ ۾ هوندو تہ خطا نہ ڏسندو.

مرشد ڪامل، طالب هجي سچو، چوائيءَ ۾ هجي انهي تي ڦري وري مرشد عاشق تي ٿو پوي. ڪنهن ڪنهن طالب ۾ مرشد اميد رکندو آهي تہ هيءُ هلڻ جهڙو آهي. انهي ڪي ڪٽي ٻہ ميل مرشد جو ٿو جو هن ڪان نٿو وسري پر

فقير ڦِرٽا، مريد ڦُرٽا،ٻئي جڳ ڳاري ڇڏٽا

ڪي مرشد مرڪايا تہ ڪن مرشد لڇايا، هرويرو مرشد متان ڪري ٻہ نہ پئجي، مرشد تہ مددگار آهي. پر پاڻ ٻہ ڪجهہ نہ ڪري! مرشد تي بار ٻہ انهن جو ٿو پوي. جيڪي چوائيءَ ۾ تا اچن.

الله ۽ مرشد ٻئي ڳڏيل آهن. نڪوالله بندي ڪان پري آهي نڪو مرشد پري آهي. جيئن مکڻ کيرم ڳڏيل هجي ائين ڳڏيل آهن. مون ٻہ توهان کي ويجهو آهيان. پر هڪڙا پري آهن تہ وري انهن مان هڪڙا ويجها آهن. ۽ هڪڙا ويجها اهن تہ انهن مان هڪڙا پري آهن. مرشد جي پچر ڪيئن ڇڏبي. توڙي مئي ڪانپوءِ ٻہ بار انهيءَ تي آهي. مرشد ڏنار آهي هر سنياري ٿو تہ متان ڪو منهنجو وهٽ ڏڪ ۾ وڃي پئي. ڏنار نہ ڇڏجي. نہ رب وسار نہ رهبر وسار.

هي ڳرو ٻج آهي. نام جي نالي جو. مرشد هڪڙو اڪسير اندرم رروانو ڪندو آهي. اها زماني جي آزار جي دوا آهي. ٻار ننڍا هوندا آهن انهن کي مائٽ ڪوڙيون ستيون وجهندا آهن اولاد آخر پياري لڳندي آهي. پر ڪڙين ستين جي پچاڙي ڏاڍي فائديمند چڱي ٿيندي آهي. ڏکيون ڳالهيون مرشد ٻڌائيندو آهي پر انهن جي پچاڙي چڱي آهي. مون اوهان کي ڏک ٿو ڏسيان. باقي ٻيا مطلوب طالب کي ڏک نہ ڏسيندا آهن.

ڏيکاريس تي ڏکن، نيئي گوندر گس پريڻ جو،
سونهائي سورن ، وجي ڪئي هيڪاندي هوت سين.

هر ڪو ئي مرشد وارو آهي، مائٽ مرشد ڪنهن ڪنهن کي ملندو آهي.

مون کي بہ مائٽ مرشد مليو هو، اوهان کي بہ مائٽ مرشد مليو آهي. انشاءَ الله تعاليٰ الله سائين، جيئري تہ جدا نہ ڪندو پر مئي بہ نہ ڪندو. مرشد کان مئي بہ جدا نہ رهبو آهي، باقي جيئري جدا ڪيئن ڇئجي؟ بندا الله جا آهيو، مون اوهان جو آهيان ۽ اوهين منهنجا آهيو.

دم دم ساڏي دل تي، هِنِ سڄڻان ديان ڳالهيان

ڇو جدا پاڻ کي سمجهندا آهيو؟ اوهان منجهہ نتو ڏجي، ڳولي لهو. جيڪي منهنجا صحبتي آهيو انهن جون پارتون شهنشاهہ کي ڏنل آهن.

طوطي کي پڙهائيندا آهن، آڏو آئينو ڏيندا اٿس.اولائتو بيهي ڳالهائيندا اٿس. آئيني ۾ طوطو پاڻ کي پيو ڏسندو، سمجهائڻ وارو ظاهر نظر کان ڳجهو هوندو. طوطو سمجهندو تہ اهو ڳالهاءُ آئيني واري طوطي جو آهي، آهي تہ اوريان بہ پاڻ، پريان بہ پاڻ.پر پاڻ کي آئيني مرشد جي ۾ ڏسندو. هي ڪجهہ سمجهڻو آهي.

مرشد صورت معنيٰ الله

اها سڀ خبر وحدت مان پونديس.

پنهنجو خيال بہ ، خيال مرشد جي سان گڏي تہ ڏسجي! پلي حلال وجهہ جو ڪم هجي، پر جيئن تہ دليئون دوست نہ وسري. دوست ڪنهن کي چوندا آهن.؟ دوست چوندا آهن جيڪو هيٺن کي هٿ ڏئي. بيو جيڪو دل جيئري رکي پنهنجي رب ڏانهن . اهي سڀ ڪم انهي لڪ ۾ سمجهڻا آهن.

انسان ٻوٽي آهي.سنياسيءَ ٻوٽي باهہ ۾ وڌي تہ نظر ۾ رکندس تہ متان زيان نہ ٿي پوي، مرشد بہ جنهن کي ڏکڻ۾ وڌو تہ نظر ۾ رکندس تہ متان مست نہ ٿي پوي. سنياسي ٻوٽي ماري ٿو.مرشد شناسي آهي، پاڻ ئي ٻوٽي آهي، هڪ دفعي مون ۽ هڪ بيو ساٿي گڏيا پئي ريل ۾ وياسين، ڏٺوسين تہ متي هڪ گيڙو ڪپڙن سان ماڻهو ليٽيو پيو آهي هن اسان کي ڏٺو ۽ اٿي وينو.اسان ڪانئس پڇيو تہ ابا تون ڪير آهين؟ چيائين تہ سنياسي آهيان. اسان کان پڇيائين تہ توهين ڪير آهيو؟ مون چيس تہ اسين شناسي آهيون. ويچارو منجهي پيو. تنهن تي مون چيومانس تہ سنياسي جهنگ جي ٻوٽي ماري اڪسير ٺاهيندا آهن. شناسي انسان کي ساڙيندو آهي جو انسان پاڻ ٻوٽي آهي. جنهنڪري عبديت مان احمديت تو ثابت ڪري يا ٿي تو پوي.

پلي مرشد ونجي، نبي ڪريم ﷺ حديث ۾ چيو آهي تہ جنهن جو مرشد ورتل نہ آهي، انهي جو مرشد شيطان.

لاشيخ الهو ولا شيخ الشيطان

اهي اولياءَ قلندر سڀ مرشد وارا آهن. پريان هر ڪو ئي پنهنجي واٽ سان آيو آهي. پوءِ سيني هدايتون هتان اچي سونهان ساڻ ڪنيان آهن. پلي مرشد ونجي پر تڪڙ نہ ڪجي، ڏسي وائسي ونجي، ڪھٽيءَ وارو ، ڪتابن جي ڏگهين ڳالهين ڪرڻ وارو نہ ونجي، رهٽيءَ وارو ونجي. الله سائين جا پيارا ٻانهان هر جاءِ آهن. مرشد ڪامل ونڻ گهرجي.

جي ٻڪري ڪهبي آهي، تہ هندو بہ ڪائيندو آهي ۽ مسلمان بہ ڪائيندو آهي پر جي مري ويندي تہ ڪير نہ ڪائيندو. انسان بہ ائين آهي جي بيگرو ٿي مرندو تہ ڪوبہ ڪونہ پڇندس. مرشد رهنما رستو ڏيکاريندڙ آهي.

مرشد هڪڙو ونجي، فيض پلي ڪري سيني ڪان گهري، دعا رن زال ڪان نہ گهري. هڪ جو پٽ سڏبو ڄڻي ڄڻي جو نہ سڏبو. تڪڙ ڪري مرشد نہ ونجي. سالڪ در در ڪين گهمندو. هو تہ پاڻ ۾ راض ٿيو وينو هوندو. ڪهٽيءَ وارا گهڻا آهن رهٽيءَ وارو ڪو ڪو آهي.ٻچو مرشد وارا تہ آهيو، بيگرا نہ آهيو. مرشد گروءَ وارا آهيو. بيگرو ماڻهو شل صبوح جو نہ سامهون نہ اچي تہ چڱو آهي. صوفي رهبر ونندا آهن. قلندرن غوثن سيني سونهان هتان ساڻ ڪنيان. اهي قلندر غوث سڀ رهبرن وارا آهن. ڪي بيگرا ڪين آهن.

هر گز هردي حاضر ناظر، جتي امڙ نڪ ابو،
بيون سيئي ٻن ڏيو، هڪ نام صاحب جيو

بيون ڳالهيون جي ٻڻ ڏيو. سو ٻچو شڪر ڪريو جو مرشد وارا تہ آهيو، بي مرشدا تہ ناهيو.اول مرشد ڳو تا پڇن. هر هڪوئي پنهنجن وسيلن سان اهي. اوهين بہ پنهنجا وسيلا نہ وساريو جو هو هڪل سان حامي آهن. جن واحد وسيلا ورتا ان ڪي باهيون باغ ٿيون. جن وڻ وسيلا ورتا تن تي ڪرٽ وڙها. حضرت ذڪريا ع تي ڪرٽ وڙهو تہ بہ رب نہ وساريائين.

هڪوئي رانجهو لڪان جيها
لج لڌ جو بار انهي تي رکو

اوهان لکيو آهي تہ گرونان جو چوڻ آهي تہ جيڪي الله ۽ مرشد ڪري،

اوهان کي انهي حال ۾ ۽ فيض جي وٽڻ ۾ ڪنهن آندو آهي. انهيءَ ٻوليءَ ۾ ڪنهن وڌو آهي اوهان کي! اهو سمجهڻ جو ڦير آهي. سمجهجي تہ اتي الله ۽ مرشد آندو آهي، ٻيو ڪنهن آندو آهي. سچاتي قدر پوندو آهي.

جي وَر وائيءَ لهين تہ وائي ٻي نہ سڪ،
هو هڏهين هڪ، ٻڌڻ ۾ ٻہ تيا

مرداني کي گرونانڪ ٻهاري ٻہ ڏيڪاريندو هو ۽ غم ٻہ ڏيڪاريندو هو توکي ڪير تو ٻهاري ۽ غم ڏيکاري! گروناڪ ان چوڪري سان مهرباني ڪئي هئي. شاه شهيد جا ڏنو هو مريدن کي جو گنج نهيا پيا اهن. شهيدن جا سائين قلندر ذات پير چورن تي مهرباني ڪري متانئن ولايت بيهاري ڇڏي. اوهان کي سائي صادق شاهه جو احوال ايندو هوندو پوءِ چوندو ويو

آهيان پاڻ الله، ير ساريان تو صديق کي

تون تہ انهن کي پرتل آهين جيڪي چورن کي ايتري قدر مهربان آهن. رڳو پاڻ سنيار.

مون در مرشد جي اچڻ وڃڻ واري گِلي جهلي بينو آهيان. گهڻا سال تي ويا آهن. ڪڏهين نہ پڇيائون تہ چو بينو آهين. سنگت ساري لنگهي ويئي، سيپئي سوار تن منجهہ پيادو هڪڙو مون آهيان، مرشد ڪانپوءِ سهاڳ جي رات هڪ بہ نہ ڏنيم، اميد نہ تو لاهيان، من ڪا سهاڳ جي رات اچي وڃي،اوهين سيپئي سهاڳڻيون آهيو. هر ڪوئي سچائي ڇڏيو تو وڃي جو پنڌ جي جڏي آهيان

اها مڙيئي مان ڏانهن ، هوتن ڏوهہ نہ هڪڙو،

در ٻہ انهن جو جهليو اتم جي نالايق نواز آهن.

اهڙي ڪا آهيان جا تنهنجي توري کي تورو چوان!

مرشد کان الله گهريو آهي يا ڪرامت گهري آهي؟مرشد وٽان هڪڙن الله گهريو هڪڙن ڪرامت گهري. جن الله گهريو تن کي ڪرامتون بہ تيون. جن ڪرامت گهري تن کي الله بہ ويو وسري، ۽ ڪرامت بہ نہ ڏنائون.

مرشد کان بہ دعا اها گهرجي تہ مون کي پنهنجو ڪجو، دعا گهرجي تہ

تون سمو آءُ گندري مون ۾ عيبن ويهہ،
ڏسي واٽڪي ڏيءُ، متان مونڏانهن منهن متين.

تون سمو آءٌ گندري، مون عيب هزار،
ڏسي واٽڪو يار، متان مونڌانهن منهن متين.

تون سمو آءٌ گندري مون ۾ عيب لک،
ڪارڻ رب الک، متان مونڌانهن منهن متين

طمع چڱي نہ آهي. بڇڙي ۾ بڇڙي شي آهي طمعداري،
طمع تلوارون تکي، جنهن طمع سر نوايا،
لک لعنت تنهن طمع کون، جنهن جاني جدا ڪرايا
پر ٻچو هڪڙي طمع چڱي آهي مرشد جي راض ۾ طالب هميشہ طمعدار آهي. سائينءَ جي راض ۾ هر ڪو طمعدار آهي.
طالب لاءِ مرشد جيڪي ڪري ٿو تنهنجي سڌ طالب کي ڪانهي. مرشد ڪا نتو ڪري طالب لاءِ ٻچو عشق جي منظوري بہ مرشد وٽني ڏيندس. گهر ويني فتويٰ بہ اول مرشد آڻي ڏيندس.
مرشد صورت معنيٰ الله
هڪڙو پکي آهي تنهن کي ٻچا ٿين تہ اکيون پوريلون هونديون اٿن. اهو پکي پوءِ جبل ڊوڙي پارس هٿ ڪري اچي ۽ ٻچن کي اکين تي لائي تہ انهن جو اکيون کلن. مرشد بہ ائين آهي. ڪيتري محنت ۽ تڪليف طالبن لاءِ ڪرڻي ٿي پويس سا ڪيس خبر! جيئن عقل گهٽو تيئن مرشد لاءِ چيٽ.
اک مطلوب جي چا نتي ڪري طالب لاءِ، نهارڻ سان نشو ڏيئي ڇڏيس عشق جو، جيڪي مرشد جي اکين سان ڏسي سگهيو سو پنهنجي اکين سان نہ ڏسي سگهيو. مرشد ساپيان طالب وٽ وينو آهي. مرشد سر آهي طالب ڪرسي آهي سر چڻ مرشد جو اچي وينو.مرشد سر آهي، طالب ڪرسي آهي سر چڻ مرشد جو اچي وينو.
الله ۽مرشد جي ساراهہ ڪجي. جيتري گهٽي اوتري ٿوري، هلندڙ طالب هوندو تہ ساراهہ الله ۽ مرشد جي ڪندو. جيتري بہ ڪندو تہ اها ٿوري پيو سمجهندو.
طالب پهرين عاشق آهي ۽ مرشد معشوق. جڏهن ساري چال سڌاري تو

تڏهن وٽي تو اچي. جڏهن وٽي آيو تہ پوءِ مرشد عاشق آهيس. هيءُ طالب ڪڏهن عاشق آهي تہ ڪڏهن معشوق. پهرين سخا طالب جي آهي پر پوءِ مطلوب جي سخا اهڙي آهيس جو ٻئي جهان ناهي ڇڏيندس.

مرشد ۽ طالب ٻہ وٽن وانگر پيوند ٿا ٿين. ٻي سرن جا سر ٿا ٻي سرن سان پيوند ٿين. وڻ پيوند ڪري پوءِ مصريءَ جو پاٽي ڏيندا آهن تہ سندس ميوو منو ٿئي. اڪ جي محبت چڻ مصريءَ جو پاٽي آهي.

ڪتيو ڪتيندينءَ ڪيترو وجي ڪر سوداگر يار

سوداگر چوندا آهن رهنما کي رهنما مرشد کي چوندا آهن جيڪو دل وننڌڙ آهي. سوداگر ٻہ مرشد کي چوندا آهن. انهي سوداگر يار کي اکين منجھ جاءِ ڏبي آهي. تنهنجي اکين جو سرمو اهو آهي سو هميشہ اکين ۾ هجي. لڪل نہ ٿجي ۽ اکين مان نہ ڪڍجي.

صورت مرشد معنيٰ الله

پوءِ اڪيون اهيئي پسندي پاڪ ٿيون. صورت سان اڪ ٻڌل رهندي تہ عام خيال گهٽا نہ ٿيندا، دم سان ياري هجي،

گهر مان ڪڍي گهل، وجي صلح ڪر سلطان سين
جو تون تنهين جي در ڏهاڙيون ڏڻ لهين.

سلطان ٻہ صورت مرشد جي آهي

سخن سٽي شيخ جو تون ويسهجي ويهہ،
تہ ڏاتار سندو ڏيهہ، تو اندر اثبات ٿئي

شيخ ٻہ مرشد کي چوندا آهن

محبوب صورت مرشد جي آهي اڪ صورت ۾ مقيد هجي. رهبر جي ضرورت آهي سو اڪ مان نہ ڪڍجي، هر وقت نظر ۾ رکجي. سونهون نظر مان نہ ڪڍجي جو سونهين جي وڏي درڪار آهي. ان سان گڏيو وججي. اهو اکين جو قيد آهي.

جنبيو وج جهاز گڏيو غورابن سين،
پوريندءِ پرڏيهہ ۾ ساجا رکج ساز،
اچن ٿا آواز ستاٽي تنهن سمنڊ جا.

جهاز ۽ غوراب بدن کي چوندا آهن.

صورت اک ۾ رکجي، نظر نظر ۾ هجي تہ سجوئي منهن نظر اچيءَ نگاهہ نگاهہ مون هلي وڃي. سڌڙيو نہ هلي سگهندو. بي خوفائيءَ ۾ رب وسري ٿو. صورت بہ وساري ٿو. صورت گڏيل آهي مگر جا دل فراموش آهي اها ننڌ آهي. فراموشيءَ مان اک پٽجي. اک پاڻ خيال رکندڙ آهي. مگر دوست پنهنجي کي نظر ۾ رکي جتي هجي تتي.

فکر دليل تيسين تائين جيتر اک بڌل نہ آهي. اک صورت سان بڌبي آهي. اک اصل صورت سان بڌل اهي. درجي بدرجي هلي ويندو هيءُ پنڌ اکين جو آهي. ماڻهو اڳ وسوڙيل آهي، تنهنکري سونهون نظر مان نہ ڪڍجي. اک گڏي ڏسجي سهڻي سائينءَ کي اکين ۾ وهارجي، سونهپ جي ضرور درڪار آهي. مرشد جي صورت حقيق بہ آهي، مجاز بہ آهي،تڏي ڪوسيءَ سچ نظر ۾ هوندو تہ اوندهہ ڪنهن بہ ملڪ ۾ نہ ڏسبي. فراموشي سڀ گمراهي آهي، سچ منهن ۾ جيڪو رکندو، اهو ڪنهين ملڪ ۾ اوندهہ نہ ڏسندو. ماڻهو وڃي تہ هونئن ئي پيو ٿو. سچ منهن ۾ ڏيئي هلجي. سچ آهي صورت پنهنجي هيڪلائي سنپارجي ۽ سونهون اک مان نہ ڪڍجي.

گم هوکي ويک نظارا،
آب سارا، محبوب کي صورت ۾

مرشد جي صورت جيڪي اکين ۾ رکندا تہ انهن کي اڳيئون اوندهہ نہ بيهندي. چو تہ انهن رهبر سچ اکين ۾ رکيو آهي. اهو ڪنهن بہ ملڪ اوندهہ نہ ڏسندو. خبردار تجي جيئن اوندهہ جي ملڪ مان نڪري وڃجي.

تون آءُ اچي اکين ۾ ويهہ، آءٌ اکيون کٽي پوتيان،
پيو ڏسي نہ ڏيهہ ، ۽ آءٌ نہ ڏسان پئي کي

سچ نظر ۾ رکبو تہ انهن کي سچ نظر ۾ ايندو. اوندهہ نظر ۾ رکبي تہ انهن کي اوندهہ نظر ۾ ايندي. اندر منجهئون حقيقت وارو سچ ايرندو تڏهن اوندهہ ٽرندي،

ايريو سچ حقيقت وارو، اوندهہ جو اسباب ويو،

خبردار ٽيڻ گهرجي، هي هلندڙ قافلو آهي، جيئن اوندهہ جي ملڪ مان نڪري وڃجي، مرڻ تائين بہ سچ منهن ۾ هجي.

صورت گڏيل آهي پر دليل آڏا اچيو ٿا وڃن. دليل وجود تون متيندو

وججي. هي انسان پاڻيءَ جو پتلو آهي، جي پاڻيءَ ۾ ٽبي هڻندو تہ نہ اندريون آواز ، نہ ٻاهريون آواز ٻڌندو دليلن جو دلو آهي تنهنڪري ان ۾ دليل اٿن ٿا، اهي دليل خطرا هر ڪنهن پوندا آهن، جيسين خيال وججي محويت وٺي. دليل اوليائن کي بہ پوندا آهن پر پوءِ جيئن وهندڙ درياهہ ۾ ڍوند لڙهي وجي، اک ٻڌل هجي تہ دليل نہ پوندا.

سونهون بہ نظر مان نہ ڪڍجي جو هيءُ بيابان آهي، ڪو ڪنهن جو ساٿي ڪونهي. اتي سونهون گهرجي ساڻ، جنهن راه ونرائي آهي اهو سونهون نظر مان نہ ڪڍجي، سونهون ساڻ آهي ۽ اهڙي دوست کي اکين ۾ جاءِ ڏبي آهي.

مرشد جي صورت سيني ڏني پر هڪڙن رات جو صورت ڏني تہ ڪن وري ڏينهن جوڏني. رات جو صورت چٽي نہ ڏسبي.مطلب تہ جڏهن صورت چٽي نٿي ڏسجي تہ ان کي رات جي صورت چٽي ٿي. پر ڏينهن جي صورت صاف ڏسجي ٿي. مرشد اهو ئي پوءِ ڪيڏانهن ڏينهن جو ڏسڻ ڪيڏانهن رات جو ڏسڻ.

مرشد جي صورت جو روبرو فوٽو مرشد جي صورت جو عڪس آهي. تنهنڪري ان جو ادب ڪجي. طالب کي ڪپي ادب، ٻت اهي اهن جيڪي پٿر ۽ نڪر جا نهيل آهن. انهن کي ٻت چئجي. طالب رهي انهيءَ صورت سان جيڪا روبرو صورت ڏنل آهي. مرشد جي صورت ۽ خدائي نام جو ٻج گڙو آهي.

هيءَ جماعت بادشاہ پير جي آهي جو شاہ شهيد ذڪر بادشاہ پير جي پوٽي ڪان ورتو هو، خواجہ خضر پئي ويو اڌ رات جو درياءَ جي ڪپ سان تہ هڪ لاٽ ڏنائين ويجهو آيو تہ ڏسي تہ ڪو سمهيو پيو آهي. ڏڪو ڏيئي چيائينس تہ اُٿ هيءُ وقت سمهڻ جو ناهي. ڇي خواجہ خضر هن مهل جاڳايو اٿيئي. خواجہ خضر پڇيو تہ تون ڪير آهين جو مونکي سڃاڻين ٿو، پر مان توکي نٿو سڃاڻان؟ هن جواب ڪونہ ڏنو، رلي ويڙهي سمهي پيو. خواجہ خضر وري اڳيان هليو تہ وري بہ نور جي لاٽ ڏنائين. اڳيرو اچي ڏنائين تہ هڪ زال سمهي پيئي آهي. ان کي بہ جاڳايائين، زال چيو هوڏانهن منهنجي مڙس کي اٿاريوَ ۽ هينئر وري مونکي اٿاريوَ. خواجہ خضر پڇيو تہ اوهين ڪير آهيو؟ اها زال بہ رلي ويڙهي سمهي پيئي. اتي خواجہ خضر عرض ڪيو تہ سائين مان تہ توهان جي سيني عاشقن کي سڃاڻان. پر هي بہ ڪير آهن؟ اتي آواز ٿيو تہ تون منهنجي عاشقن کي تہ سيني کي سڃاڻين. پر هي اُهي آهن جن تي مان عاشق آهيان وري سوال

ڪيائين تہ هي ڪنهن جا طالب آهن؟ آواز ٿيو تہ حضرت محبوب سبحاني جا.

شاه شهيد عليہ رحہ جن جو ميلو هڪ اڪبري حج آهي. جيڪي آيا سي اگهيا اهو سندن فرمان آهي، پيرو نہ ميرو، ڪچيءَ ڏڪٽيءَ ۽ منديءَ ماڪوڙيءَ جو سندن اقرار ڪيل آهي. سو هرگز نہ ڇڏيندا. ميلي تي خير سان اچجي جو دعا جي جاءِ آهي. در جي وڏي لڄ ٿي پوي. هلي درڏسو ، ميلي جي گل ٿيڻ تائين مڙيئي اتي هججي، اها وک ئي الله سائين قبول ٿو ڪري.

پاڻ وٽ ميلو ڪيو، اهو چڱو ڪيو اٿوَ، پنهنجي ميلي تي ميلي ڏٺي پاڻ آيا هوندا، پاڻ وٽ ميلي جي سنيار پلي ڪري ڪريو . اهو ڏينهن چڱو آهي. اوهين رب نہ وساريو تہ اوهين بہ نہ وسرندا. جيڪو نہ ٿو وساري تہ اهو سدائين ميلي ۾ آهي.

فقير ڪنهن کي سڏجي؟ فقير اهو جنهن جي ڏني رب ياد پوي ۽ ڪيل گناهہ بخش ٿي وڃن.

جنهن جي سپ ريءَ سري،

پر گهر پني ڪينڪي، پر گهرئون بہ ڪين گهري،

جيڪو مانيءَ لاءِ مري، سو سامي سڏجي ڪينڪي.

ڏني ڏڪوئجي، ري ڏني راضي رهي

فقير وٽ وڃڻ سان ڇا ٿو ملي؟ جيئن تون اتان روانو ٿئين تہ ان گهڙيءَ ملائڪن کي حڪم ٿيو تہ پڇوس تہ ڪاڏي ٿو وڃين؟ ملائڪ روح ڪان پڇن ٿا تہ ڪاڏي هليو آهين؟ جواب آيو تہ الله جي ٻانهڙي ڏي. ملائڪن کي حڪم ٿيو تہ پڇوس تہ ڇو ٿو وڃين؟ ڪنهن دنيا جي ڪم سان ڪين الله لاءِ؟ جي الله لڳ تہ انهيءَ گهڙي ڪان وني تي متس رحمت وسي، سڃو وقت جيسين تائين پويان پير ڪري اچي گهر پهچي. رحمت جي خبر مرڻ وقت پونديس، ڪو پئسو ڏوڪڙ تہ ڪونهي جو هڪدم خبر پوي!

فقير ڪان دعا گهرجي، ڇو تہ رضا جي گودڙي ۾ فقير لڪي ويو. مثنويءَ واري صاحب فرمايو تہ الله فقيرن جي ائين مڃي جيئن مائٽ ننڍن ٻارن جي. رضا جي گودڙي فقير تي آئي.

جيڪا رب رضا، نڪي پٽ ڪي دعا

وڏي ۾ وڏي ڪرامت فقير لاءِ آهي ته سڀ ڪجهه سامائجي وڃي. ڌن، زال، مال جتان ڪٿان ٿو ملي. فقير اهو جو انسان جي چال سڌاري. سڄيءَ حياتي ۾ هڪ زماني جي عادت ڇڏيائين ته لک ٿيو.

مشڪلاتون قسمين آهن پر فقير لاءِ مشڪل ۾ مشڪل آهي:

هي آءٌ نه گڏيس پرينءَ کي

وڏي ۾ وڏي مشڪل اٿس، جدائي پنهنجي رب کون، مشڪل آهي ته مشڪل ڪشا به پنيان اٿس. جيئن رات جي پنيان ڏينهن آهي.

الـفـراق اشـد مـن الـمـوت، آءٌ هـت نـه هـونـديـاس،
آڏا لـڪ لـطـيـف چـوي، وجـي جـبـل جـهـاڳـيـنـداس،
آس نـه لاهـيـنـداس، مـن جـيـئـري جـت ڏسـي مـران

هـي آءٌ نـه مـلـيـس پـريـن کـي، تـون تـو لـهـيـن سـج،
مـنـهـنـجـا نـيـئـي پـريـن کـي سـنـيـهـا ڏج،
وجـي ائـيـن چـئـج، تـه ويـچـاري واٽ مـئـي.

هـي آءٌ نـه مـلـيـس پـريـنءَ کـي، پـورا ٿـيـا پـسـاهـه،
سـڪـان ٿـي سـڪـرات ۾ رويـو پـڇـان راهه،
پـيـئـي ڪـٽـي پـسـاهـه،پـسـڻ ڪـارڻ پـريـنءَ جـي

فقيرن وٽ نه ولهان پيا دکن درد فراق جا، جي دکايا دوستن،

فقير ڳجهيون ڳالهيون پنهنجون پاڻ سمجهن. صادق سائين دلي سان به رهاڻ ڪندو هو.

اوليائن جا به تصرف ٿيندا آهن، سعدي اچي ته بهاري، جامي اچي ته جوش، عطار ته قلب ڪليو پون، عطار الف ۽ ميم ڪدي ڪتوريءَ ۾ وجهندو هو.

عطار نود خدا بود،او پاڪ وجود پاڪ وجود

ميران اچي ته سڄيءَ ڪچهريءَ تي غم ڇانئجي وڃي جو ميران تي درد گهٽو بينل هو. ميران بائي جي ڪلا هئي. جڏهن جيئري هئي تڏهن هن پيڪا به لڄايا ۽ ساهرا به لڄايا. هيءُ قدر مئي ڪانپوءِ ٿيو اٿس. ان سان گڏ به چار فقير پيا

گهمندا هئا ڏاڙهيءَ سان، ويچاري جو رئو بہ لاهي وجهندا هئا پر چوندي ڪجهہ بہ ڪانہ هئي. هت اچي تہ ميران وهي تہ جيڪر هر ڪو ان ڏانهن نهاري، ٻئي پاسي نهاريئي ڪونہ!

سخي قبول محمد وڏو قربدار هو، مونکي چيائين تہ تون الله آهين جو مون ڪيس چيو تہ تون سچل آهين. پوءِ چيائين تہ هي لوڙهو ۽ هو (جهوڪ شريف) ٻئي تنهنجا آهن. مون چيو تہ برابر، جو مون ٻنهي جو ٻهاريدار آهيان. تنهن تي چيائين تہ ڪسڪي وئين. مون سچل فقير جو هڪ خليفو ڏٺو وڏيءَ عمر وارو هو، ڳالهہ ڪيائين ميرانپور جي، چي هڪ پيري ويو هوس، اُتي هڪ گل ڏٺم جنهن جهڙو جهان ۾ ڪونہ هو.

انسانيت جو بہ هڪڙو درخت آهي. ڪلهن ڪان متي جيڪو سر آهي سپ پيوند ڪري مرشد جي صورت رکجي. پنهنجو سر نہ سمجهجي. ائين چاٽجي تہ ڪلهن ڪان متي جيڪو سر مبارڪ آهي سو مرشد جو آهي. مراقبي ۾ ويهجي تہ پاڻ وچ ۾ نہ آڇجي. ائين چاٽجي تہ مرشد وينو آهي.اڪ پٽئي بہ صورت مرشد جي سمجهجي. هڪ ٽيءُ تہ پوءِ ٻيائيءَ جي ملڪ مان نڪرندين.ويندي ڪانپوءِ وجود وسريل هجي ۽ محويت ۾ هججي.

# نام

نام سان خبردار رهجي فقط هڪ مالڪ جي نام کي بقا آهي، ٻي سڀ فنا آهي. سو سندس نام کان فراموش نہ ٿيو. پوتل رهجي جو جيئڻ ماڻهو اڳيان ٻہ وڃي اچي.

هت مئجن منا ماڻ، اڳيئون پريا تا گهرجن پيڙ ۾

هت ٿورو وقت بيهڻو آهي سو مرد ٿي ونو نالي رب ڪريم جي ڪي، نہ وساريو جو اها ڳالهہ وسارڻ جهڙي نہ آهي.

جنين وساريو نام، تن پت وڃائي پانهنجي

نہ وسري نہ وساريو، وسري نہ وري تو اڃا ٻہ جيئڻ ٿورو آهي پنڌ گهڻو آهي سو سندس نالو وڏو فرض آهي. اوهان هر حاجت ۾ ٻہ مالڪ جو نام ياد ڪريو. دم سان پريت رکو. سيني ڪمن ۾ وڏي ۾ وڏو ڪم اهو آهي تہ رب نہ وسري، سندس نام وسريو تہ ماڻهو بيراهہ ٿيو.

جيئاريس ئي سنيار، آءٌ ملي ڪنديس ڪوهہ!

هڪڙن کي الله سائين سنجرندي سمجهائي ڇڏيو، هڪڙن کي ڄمندئي، نہ تہ ٻہ وهيءَ ۾ سنياري وڃڻ اها عادت نيڪن جي آهي، سو ٻہ انهيءَ نام جي نانوَ سان.

اوهان کي فقط هڪ رب جو نام ڏسيل آهي، باقي زماني جا ڪم سيکوئي ڄاڻي ٿو. اوهان کي اهڙي شيءِ مليل آهي جو سر ڏئي ٻہ نہ پڄي سگهجي. انهيءَ شي جو سڄاتي قدر پوندو. هينئر سمجهہ رکو،

سمجهہ ويکين اڪ سمجهڻ نقطا، سالڪ سمجهي سوءِ،

بساطميءَ ڪيهي بات ڪهي، ڪوئي سمجهڻ والا هوءِ.

جيڪي اوهان کي مليو آهي سو سڄاڻو جو سڃاڻڻ ڪانپوءِ قدر پوندو. جنهن جي نالي وتي لکيا ڏوهہ لهي وڃڻ اهو نہ وساريو. رمز پاڻ ۾ لڳل هجي. بادشاهن بادشاهيءَ کي ترڪ ڏيئي ڪاٺ جون مانيون پيٽ سان ٻڌيون. انهيءَ رمز بازيءَ ۾ آيا. ميران ٻائي ٻہ انهيءَ رمزبازيءَ ۾ آئي.

مالڪ جي نام کي ائين ونو جيئن وري چئي نہ سگهو. الله جي نالي کي ائين وٺي وڃو جيئن وڻ ويڙهي وٺي وڻ کي، ذڪر کي ائين وٺي وڃجي جيئن وري پاڻ نہ ڇتي سگهي.

الله تون ايوين ياد رکين، جيوين ناگر کي چت گهاگهر ۾

اها راهہ نہ ڇڏيو ۽ راهہ سان پيا رڙهو. ڪو رب جي نالي سان چڱيءَ طرح رهي تہ ڏسي تہ رب جو نانءُ قلب جا طاق ٿي ڪڍي ڇڏيندس. انهيءَ دردن جي دنبوري کي وڄايو ٻوليءَ حق جي سان، اهو خاڪي خرقو آهي.

دنـــبـــورا درد جـــي ٻـــولـــي ڪـــا ٻـــڌاءِ

جـــي الله ئـــي الله ٻـــيـــو فـــنـــا فـــانـــي جـــنـــدڙو

الله نہ وساريو، ٻنهي جهانن ۾ منو نالو الله سائينءَ جو آهي. منو نالو آهي رام جو،تون هندائي ڏس هنئين، اهو نالو ساڻ محبت جي گهرجي. دم دم تي سعيو هجي. سرت رکجي نالي رب جي سين.منالو رب جو جيڪو ئي بدن ۾ پيو وهائيندو غير وجودئون تڏهن ترندو.هر درد جي دوا تہ الله سائينءَ جو نالو آهي، اهو نہ وساريندا تہ الله ۽ مرشد مرڻ وقت بہ گڏ هوندو.

جنهن کي مالڪ جو نام وٺندڙ ٿئي تو تہ اهو پاڻ مالڪ کي وٺندو آهي. اوهين اهو هڪ سبق پاس ڪريو تہ توهان جا سيئي ڪم پاس ٿي وڃن، ظاهر جا، ڇا باطن جا، نالو رب جو نالائق تو نوازي وجهي. ههڙي مهل وري هٿ اچڻي ناهي. بادشاهن بادشاهي ڇڏي بہ رب گهريو آهي، اها ڪا توري ڳالهہ ڪانهي! اهو قدر پوندو اڪ ٻوٽئي ڪان پوءِ، نيٺ اڪ ٻوٽئي آهي ۽ خدا سان ڪم پوٺو آهي.امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي خبر اڳ ۾ ئي پيئي آهي. شڪرانا آهن، اوهان کي مبارڪ هجي، ڪيترو علم پاس ڪيو اٿو! اوهين اهو هڪ سبق پاس ڪريو تہ جيڪو علم پڙهيو اٿو تنهن ڪان اهو هڪ سبق پلو آهہ. منزل جيڪا اڳي باري ۾ آهي هاڻ انهيءَ ۾ پاس ٿيو ۽ پهچو. هيءُ وڏو سفر آهي جيئن مول سلامت هلي پهچي. ساري علم ۾ نقط سمجهڻ وارو سمجهجي. گهٽائي کي ڇا ڪبو! گهٽائي آسمان ۾ تارن جي بہ آهي. پر درڪار هڪ سج جي آهي. جيڪو سبق اوهان کي ڏنل آهي اهو هڪڙو سبق ياد ڪريو تہ ٻئي جهان موچارا ٿي وڃنوَ. سبق جيڪو مليل اٿوَ اهو ياد ڪندا جو انجو امتحان آخر ڏيٺو پوندو. غير وجودئون تڏهن ترندو جڏهن صيقل پيو وهائيندو . صيقلوهندو، تڏهن غير جو

ڳنڍيو ڳرندو. جيڪو صيقل وهائيندو انجو سينو صاف رهندو. صيقل اهو آهي جيڪو مرشد ڏسيو آهي.

علم ٻن قسمن جا اهن هڪ ذاتي ٻيو صفاتي. ذاتيءَ سان هدايتوند آهن ۽ صفاتيءَ سان عام آهن.

بي حسابو، بي ڪتالو، بي اديب
اوليان را حق ڪند علم نصيب

"لا" پڙهن، لاهوتي لوڪان پڙهه نه جاتي،
حق دا نالا نفي ڪرن، آپ ڪرن اثباتي
خير محمد خاصان دي مُنجهه ڳئي مصحلاتي (عقل)

ذاتي ۽ صفاتيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ جڻ رات ۽ ڏينهن جو فرق آهي. ذاتيءَ وارو ڏينهن ۾ بينو آهي ۽ صفاتيءَ وارو رات وانگر اوندهه ۾ ٿو هٽ هٽي.

مون توهانکي هڪ الله ڏسيو آهي ته الله نه وساريو. جيڪي سياڻي وساري هليو اهو اڄ وساريو. ٻارن ننڍن ۾ مخمور نه ٿجي ۽ خدائي خيال رکجي. خيال سنيارجي ۽ اک پٽجي جو موت آيو بينو آهي. ڪيترو ننڍي ٻار وانگر هنج تي ڪٽيو هاٽي ٻاراٽي والد چڏي مرد ٿيو. اهو پنڌ مرداٽو آهي. دل جي ديگ تپائجي جو موت وسري ويو اٿوَ. ڪهڙو ڪم اٿوَ هتي جو ويهي رهيا آهيو! هيءُ خيال جو ڪم آهي. خدائي خيال ڪي خيال چئبو آهي. ٻئي خيال ڪي بي خيالي چئبو آهي. اوهين راز سان هجر جو راز عجب آهي. ٻڌل راز سان هججي.

بقا هڪ نالي رب جي ڪي آهي، سو انهيءَ ۾ گم هجو ٻي سڀ فنا آهي. ٻيون ڳالهيون نيون نه سڪجن. اهي وهم ويني ڪانپوءِ مراقبي واري ڪي پيا چوندا دل ۾ ڪتابن واريون ڳالهيون. جڏهن بقا نالي رب جي ڪي آهي. ۽ اوهان ڪي مليل ٻه آهي ته انهيءَ ڪون وڏيڪ ڪهڙي ڳالهه آهي جو ڪتابن جون ڳالهيون تا ڳوليو. اهي سهنجائيءَ جون ڳالهيون ڇڏي ڏڪن واريون ڳالهيون ڳوليو. جڏهن ٻڌل مون سان آهيو پوءِ هيڏي هوڏي ڏسندو. ڇتي نه سگهندو. نه ڏسو هيڏي هوڏي جيڪي اوهان ڪي مليل آهي انهي ڏانهن ڏسو. جنهن سان

ٻڌل آهيو تنهن کي ڏسو. اوهين خيال ۾ وهندا هوندو ته ٻه اوهان کي ياد وري وري ٻه اهي ڪتابن واريون ڳالهيون ايندي هونديون. هلندڙ خيال کي وري ٻتڙ ٿي پوي. جي مراقبه ۾ وهندوَ ته وري اهي ڪتابن واريون ڳالهيون ياد ڪندو.توٽي چڱيون ته ٻه رب جي مٿ نه ڇئبيون. جيڪي اوهان کي مليل آهي انهيءَ قبوليت سان هلو. ڪتابن ۾ وري وڏو الله ملندو ڇا! گهٽيون ڳالهيون چڱيون نه آهن هلندڙ کي. ڪتاب رڳو تقرير ٿا سيکارين. صلح ته اصل ڪونه ڪن. تقرير رڳو صفاتي ٿيندي آهي.دل پوءِ شاخون ڪولي ڪونڪو سولو پيچرو ڪڍيو وڃي. پنهنجي سک لاءِ ۽ وڃيو صفاق ۾ وڃهي. ڪتابن ڪئي رب حاصل نه ٿيندو آهي، رب ڪئي رب حاصل ٿيندو آهي. ڪتابن ۾ رڳو وسوسا آهن. توهان کي رڳو امر الله سائينءَ جو ڪيل آهي. الله سائينءَ جي طرف ڪان وري نفس اجايا رايا وجهندو آهي. ڪتابن جاء اهي ڪتاب ماٺهوءَ کي هوش ڪان ڪڍي ڇڏيندا آهن. هاٽي هوش رکو هڪ نالي رب جي سان.

اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀيئي وسار،
اندر ڪٽي اوجار، ٻيا پنا پڙهنديـن ڪيترا.

ماڻهو پاڻ ٻه هڪڙو جيئرو ڪتاب آهي. ٻيا ڪتاب ٻه انهي جيئري ڪتاب منجهان اتريل آهن. علم ٻه جيڪو انسان کي پنهنجي ڪل ۾ آيل آهي سو اصل سان رهڻ گهرجي. ٻاهر ته بيان آهي. فڪر جي ڦرهي ، سورن جا سبق ، ماٺ مطالعو، اهو علم آهي. ساري علم مان درڪار هڪ نقطہ جي آهي، اهو نقطہ پاس ريو ته ٻئي جهان لهي وڃنوَ. علم جيڪو آهي اهو پنهنجي ڪل ۾ آهي. اهو علم پلو آهي. اهڙو علم ٻئي پاسي نه ڏسي سگهبو.

بدن ڪتاب آهي. علم جي معنيٰ آهي تعريف حق جي، علم ۽ تعليم آهي رب جي تعريف، جي واقف ٿيو ته لُونءُ لُونءُ تعريف آهي. ٻيا ٻاهران انهن اکرن ۾ منجهي مري ويا. اوهان اثبات پنهنجي الله کي ڪريو. هڪڙا سکن ته وري هڪڙا سمجهن، ڳالهيون ڇڏي ڏيو، حال کي وٺو، طالب جو ڪم آهي ته گهٽين ڳالهين نه پوي.

ڳالهين گهر ڪاريا، چشن پڳا هڏ،
سي ڪيئن سٽن سڏ، اديون عجيبن جا.

ماڻهو ٻچو سيني وصفن سان اهي. اهو ڪتاب آهي جيئرو، انهيءَ ڪتاب

تان بيا ڪتاب اترن ٿا. ٻيو جهنگ مان ڪونه ٿا آڻين، اهو ڪتاب ناهيل ڪنهن جو آهي! علم ڪنهنجو آيل آهي انهيءَ ۾.

گر نبودي ذات حق اندر وجود، آب گل را ڪي ڪند ملڪ سجود

ڪتابن ۾ صحبت پنهنجي رب جي ٿا ڏسو. ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ وڏو ڦير آهي. هي دوست دوئيءَ کان ڏوڻٽا آهن.

بقا هڪ مالڪ سائينءَ جي نام کي آهي. باقي سڀ وهامندو ٿو وڃي، پوتل هججي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي تنهن لڙهيءَ ۾. ساري علم مون دراز بہ هڪ نقطہ جي آهي. اوهان کي اهو نقطہ سمجهايل آهي. اهو ڪجهہ سمجهڻو آهي. مرشد وٽون بہ ڪجهہ سمجهڻو آهي. جي سمجهي ڏسين تہ ساري علم جي بحر مون درڪار هڪ نقطہ جي آهي. فقط اهو آهي سندس لطف جو، جيئن هڪ الله نہ وسري، اهو فقط هڪ، جو سر ويا سبق نہ پلا.

سر تہ ويو ڪاني ڪاڻ ۾، هو ڪي ٻيو ٿا گهرن.

انهيءَ نقطہ اوهين نہ ڇڏيو. ائين ونڃي وڃو جو پاڻ ان مان ڇٽي نہ سگهيو.

نقطہ ڇا ڪي چوندا آهن.؟ جو سر ويا سبق نہ پلا. منصور کي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ کان اڳي سندس ڪرايون ڪپيائون.ڪلي پيو، پڇيائونس تہ منصور ڪلين چو ٿو؟ چي جن هٿن سان مون ڪم ڪندو آهيان سو اوهان کي نظرئي ڪين ٿا اچن. وري پير ڪپيائونس تہ بہ ڪلي پيو، پڇيائونس تہ منصور ڇاهي؟ چي جن پيرن سان پنڌ ڪندو آهيان سي تہ اوهان کي نظر بہ ڪين ٿا اچن! پوءِ ڪلهن کان ڪري ٻانهون ڪپيائونس. رت جو پيو وهي سو ڏاڙهيءَ کي لائي ڇڏيائين. پڇيائونس تہ منصور ڇا ٿو ڪرين؟ چي وضو ٿو ڪران. پڇيائونس تہ وضو ائين ڪبو آهي؟ جواب ڏنائين تہ جن سان مون جهڙي ٿيندي آهي. سي وضو ائين ڪندا آهن. پڇو سبق ياد هو. اوهان هڪ سبق جو امتحان بہ اجا نہ ڏنو آهي. جنين عملدارن مونکي هت وهاريو آهي اهي بہ پڇن ٿا تہ سبق پڪا يا ڪچا؟ پوءِ مان اوهانجي سبق جو ڪهڙو جواب ڏيان. پڪو آهي ڪين ڪچو؟ خبردار رهجي پنهنجي صاحب سان، باطن جي قدرت جو صاحب بہ خبردار آهي. تون ڪاليج ۾ پراوا پار ٿو پڙهائين. مان وري ڪاليج ۾ پنهنجا پار ٿو پڙهايان.ڪيترا امتحان تو وٽ پراون ٻارن جا اچن ٿا. توکي عملدار سمجهن ٿا، ڏسو تہ تن ۾ ڪڪيون بہ پڙهايو ٿا. مان بہ ڪڪيون پڙهايان ٿو.

اوهان کي خبر آهي تہ حضرت يونس نبي هو، انکي وڏي مڇي اُڳري ويئي هئي. مڇيءَ جي پيٽ ۾ تہ بہ الله نہ وساريائين. مخدوم بلاول فقير هو. گهاڻي ۾ پيڙائونس. هڏ پيا ٽڪاوَ ڏين تہ پاڻ پيو کلي! تہ بہ انهيءَ گهاڻي ۾ الله نہ وساريائين. حضرت ايوب کي سڄي جان ۾ کيڙا هئا تہ بہ رب ڪريم نہ وساريائين. انهيءَ پنڌ ميران بائيءَ کي کيترن غمن گوندرن ۾ وڌو تہ بہ نہ مڙي. اڃا تہ خرار مان هڪ چوتائي نہ پيتي آهي. اڳيئي ٿا دانهن ڪريو غمن جي! غمن جو ملڪ تہ اڃا اڳيرو آهي.

رڻ تتو رائو متو، پتٽيون ٿيون پتين،
سڏ ڪيو سورٺ ڪي، ٿيون اُپيون اوسارين.

سڄي بحر علم جي ۾ ، درڪار هڪ نقط جي آهي. اوهين گهٽين ڳالهين ڪي چا ڪندا! جيڪڏهن ماڻهو انهي نقط سان آهي تہ سڀ علم سان آهي. ٻيو ڄڻ ليڪن ۾ پيو گهمندو.

وري بہ انهي نقط تي ايندو تڏهن مطلب کي لهندو. سو اهو نقط نہ ڇڏجي. درڪار هڪڙي الله جي آهي ٻيو انهن ليڪن کان پچ پري، محبت پنهنجي رب سان رکجي، قدر سجاتي کانپوءِ پوندو آهي. اهي پيغام انهي صورت کي ٿا ملن. پوءِ ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. گهٽائي لکجي تي صحبت جي واسطي نہ تہ درڪار هڪ نقط جي آهي، اهو پڪو ڪجي!

ونو نالي رب جي کي، رب کانسواءِ ٻي ڪهڙي تات ڪجي، اسين اوهان ڏي لکندا آهيون اٿو توهين لکندا آهيو گهوياتو، جنهن جي نالي وتي دليون پيئون ٿيون نوازجن اهو نام نہ وساريجي.

دنبوار درد جي ٻولي ڪا ٻداءِ،
جي الله ئي الله ٻيو فنا فاني جندڙو

جيڪي بہ نيڪ ، اولياءَ، انبياءَ آهن سي سڀ مالڪ جي نام نوازيا آهن. اوهان کي بہ اها راهہ ونرايل آهي. اها راهہ وجي حضور پهچائيندي آهي. سواءِ الله جي ٻي ڪهڙي صحبت ڪجي! راهہ نہ ڇڏجي جو جيئڻ مئي جيئري گڏ هججي. انهيءَ رب جي پاسي جي اهل بہ چڱي آهي.

جيڪي بہ نام سان آهن اهي مون وٽ آهن ۽ مون انهن وٽ آهيان. اوهان کي سمند آڏو آهي. جن کي الله سائين ياد آهي. تن کي سمند هڪ سُرڪَ بہ ڪانہ

آهي. پاڻ کان جدا نہ سمجهو. اوهان اسان جا آهيو اسان اوهان جا آهيون. مائٽ مٽ جي طرف کان ڇڏي هلبو.باقي مرشد جي طرف کان مئي بہ جدا نہ ٿيندو. اوهين پري ٿا پاڻ کي سمجهو! مون کئون تہ پري نہ آهيو. پر مونکي گهڻو منا ٿا لڳو. جڏهن پاڻ ۾ گڏجو ٿا بيو جيڪو اوهان کان ڳالهرائي ٿو انهي کي ڏسي سگهو ٿا؟ ڏسندو پر جڏهن ڏسڻ مان ڏسو. اوهان پاڻ ۾ بہ يا ٿي ويهي گڏجي الله ۽ مرشد جي صحبت ڪندا آهيو. مون بہ اوهان سان وينو ٿو صحبت ڪريان توڙي هتي وينو آهيان. اوهان منهنجي پاڪرين آهيو. انشاۓ الله پاڪرين گڏباسين. اوهين ڳالهائيندا آهيو اها تعريف رب جي اوهان کان ڪير ٿو ڪرائي! اوهين تہ اڳي گونگا ٻاتا هئا انهي طرف ڌانهن! اوهان کي ان ڳالهائي ڪنهن وڌو آهي. تعريف وينا ٿا ڪريو هڪ الله جي ٻي مرشد جي، اهو چڱو آهي.

خدائي جيڪي اَمر آهن انهن بہ چيو، مرشد بہ امر چيو، پوءِ الله ۽ مرشد جو فرمان بہ ونڻ گهرجي.ڪجهہ فڪر ڪريو ۽ امر سان رهو. انسان امر جو بندو آهي، امر ڇڏي پاڻ وٽندي نہ ڪجي. رب هادي هدايت ڪندڙ آهي مگر سندس امر ۾ رهجي، جيئن مالڪ کي ماڻهو وٽي اچي. ڪم هاج پلي ڪجي، نيڪ نيت سان ڪجي هججي امر الله سائينۓ جي ۾.

امر جي نہ مڃين سي ڏوٽي ڏولائي پيا

جوئي امر ۾ هوندو سوئي ملندو. رب تو چوي تہ تون مونکي راضي ڪر تہ مان توکي راضي ڪريان. پوءِ رب کي چا ۾ راضي ڪري سگهبو؟ امر مڃڻ ۾، جيئن امر مڃيندڙ پٽ پيءُ کي وٽندو آهي. ڏينهن جو حلال وجہ جي ڪم سان رهو، باقي رات جو الله سائينۓ جي نام سان گذاريو، هدايت کانسواءِ ماڻهو حيوان آهي. حيوان بہ جهنگل ۾ پيٽ پريو ٿا گهمن پيا. ماڻهو لٽو ڪپڙي ڪري ٿو پر جهڙو ماڻهو هدايت سان ٿو لهي، تهڙو لٽي ڪپڙي ۽ ٻئي ڪنهن نموني سان نٿو نهي. جي ماڻهو پاڻ هدايت وارو هوندو تہ هدايت پيو ڏسندو. جي ٻي هدايت ماڻهو هوندو تہ ٻي هدايتي پيو ڏسندو. پنهنجو پاڻ سنيارڻو آهي. هدايت جي ڳالهين ۾ رب راضي ٿيندو آهي. ٻي هدايتيۓ کان الله سائين رکي وٺندو.

نام جو قدر اڪ ٻوٽئي ڪانپوءِ سڀ کي پوندو. ڪن سالڪن کي اهو نام جو قدر جيئري ٿي پيو.

طاهر نہ بيني، باطن ڪُجا است

رازق، مالڪ، خالق هر ڪنهن جو آهي، باقي هادي تي هدايت ڪنهن ڪنهن سان ٿو ڪري. ڏسو تہ هدايتوند ماڻهو بہ ٿورو آهي. ڪو ڏسجي ٿو! بي خلق خدا جي گهٽي آهي. دم اجايا نہ ڇڏجن. مالڪ جي نام سان جيئن پريا پرپور اچن. هدايت وارن لاءِ نصيحت اثرائتي ٿيندي آهي.

جيڪي نتا ڇاڻن نيڪي بدي، تن کي هدايت ڇا ڪندي!

هر شيءِ امر مالڪ جي سان آهي. سندس امر ڪانسواءِ ڪک بہ نٿو چري سگهي. اوهين امر ۾ رهو. امر سان بڌل رهو. بڌل ڊور لاءِ ڊڪ ئي ڪونهي. سو بڌل رهجي. اڄ حال اهڙو آهي جو بڌل بہ رسو ڇني ٿا ڪڏين. پوءِ تہ مال ئي ڪجيو وڃي. رب جو ڊپ ئي ماڻهن ۾ ڪونهي.

امر سان رهجي، امر مڃجي. جي رب جي نام سان محبت رکيل هجي تہ پيا قرنا ئي ڪين پون.

جسي بيلي وچ شير پيا، ڪل جناور چپ گيا
آوڻ نال گروڙ جنهيندي، ڪل جناور بي وطن ٿيا
اڳ وچ شير پچي ڦيڪاري، سارا جهنگل سنا گيا
جتان هوسين شير هڪوهڪ . اتي رهسين ڪونہ پيا،
سچل دا وس نہ ڪوئي، نينهن ازل دي نروار نيا.
خيالات جو پيلو آهي، شينهن نالو رب جو اچي پيو،

خيال خدائيءَ سان رهجي پيو اجاين خيالن کي ڇا ڪبو! سڄايو خيال هڪ رب جو يادگيرو آهي. دوست پنهنجي دل ۾ حاضر ناظر ياد ڪجي. چوڻ ونجي، ماڻهو امر جو بندو آهي. چوائي ۾ هوندوَ تہ ڏک ۽ خطا نہ ڏسندو.

ماڻهو زماني ۾ وڃائجي ويا آهن. پر امر مڃجي. چوي ٿو تہ ذڪر ڪريو. ذڪر ائين ڪريو جيئن وجود وسري وڃي. ذڪر سان سڀ شي آهي. هي وڻ بہ ذڪر سان آهن. ماڻهو ڪونہ هوندو هو پوءِ ڪنڌل ڪان پڇندو هوس تہ وڻن ۾ ذڪر بڌين ٿي؟ جي هائو سائي وڻ سڀ ذڪر پيا ڪن. جا شيءِ ذائقو موت جو چکي ٿي. سڀ شيءِ کي دوست دل ۾ ياد آهي.

خدائي خيال کي ختم ڪري ٻين ڪمن کي ٿا ونو. خدائي خيال کي ونو جنهن سان اول آخر ڪم آهي، ظاهر باطن ڪم آهي. دليل سڀ دور ڪندا وڃو. کهڙو بہ چڱو دليل تہ بہ رب جي مٿ نہ، دليل ٿاريا وڃجن. جيئن رب جي نالي

ڪي ورتو اٿو تيئن نہ ڇڏجو. پارس پرين هينئر ويجهو آهي، رڱڻ چڙهي پيئي آهي.اهو پنڌ مردانو آهي.

سهڻو شاهہ لطيف چوي اڳيئون شال وڻان

خدائي ٻج ڳرو آهي. سامائجڻ ڪانپوءِ خبر پوندي آهي. درجہ بدرجہ سامائبو ويندو. رب جي نالي جو ٻج ڳرو آهي. بدن ملڪ آهي. جيئن لونءَ لونءَ ۾ سامائبو وڃي. مراقبہ ۾ ويهجي تہ جيئن وجود وسري وڃي. لونءَ لونءَ ۾ ذڪر هلي ٿو. لونءَ لونءَ رب گهري تہ اهو پلو آهي. مان وري راضي تڏهن ٿيندس جڏهن توهان لونءَ لونءَ نالر رب جي ساڻ پيئي وڃي.

الله سائين جي اڻ تڻ پلي ڪري اوهان منجهہ هجي. پوءِ جيئن ٻهاريءَ سان ملجي. رب ڪريم جي نام سان جيئن سدائين سهاڳڻ هججي. سواءِ الله سائينءَ جي ٻيا ڪهڙا ڳهہ وجهڻا آهن!

ذڪر تئون ڪندو آهي. بازين منجهہ بازي دم جي آهي. مونجهہ ٻہ نہ مڙجي. صحبت ڪانهي تڏهن ٿي مونجهہ ٿئي. خيال خدائي پاڻ ۾ هٽي ڇڏجي. رمز پاڻ ۾ لڳل هجي. توڙي ماڻهن ۾ ويني ٻہ گهٽو نہ ڳالهائجي. خيال ٻهاري نہ وڻندو جيسين پنهنجو خيال هن خيال سان نہ گڏبو. جڻ ذات صفات گڏي ڏسجي، درجہ بدرجہ،

ٿُبن پوءِ ٿبي آهي ٻي انت ۾

خيال عام ڪان يگانو هجي. اهو جڻ جوڳ منجهہ آهي.

پري ڪين آهيو. ويجها آهيو. ٻيڙو تري پوندو. سچ جو ٻيڙو لڏندو ٻڏندو ڪونہ. منڊي ماڪوڙي ڪچي ڊڪٽي فقير پنهنجي ڪين ڇڏيندو. مطلب تہ سبق ياد هجي. وسري نہ،

ائين چرخو چور جيئن پونءِ وڪوئي نہ ٿئي
تنهان پوءِ وجي تور تہ سون برابر سُٽ ٿئي
ائين چرخو چور جيئن ستن ڪي پيئي سار ٿئي
تنهان پوءِ وجي تور تہ ماڻڪن مٽ ٿئي.

تڪي تار تن سان لائجي تہ ماڻهو اڳيئون صرافن ۾ وٽي اچي. تڪي تار تن واري اسان چئي هئي. ولايت جي خبر اوزار پهچائي ٿو. توهان جي اوزار ڪي ٻہ وڄ جو پاٽي آيل آهي. پڙڪو ڏيندو پر جڏهين چرڪ پويس. تار ڳنڍيل هجي، تار

ٻه بادشاهه جي بنگلي تي ٿيندي آهي. ڪو عام وٽ ته نه هوندي! هي ڳالهيون نه آهن حال آهن. حال بيحالن سان نه ڪجي. ڳالهه ڳالهه آهي، حال حال آهي.

ارمان آهي اوهان جو جو جيڪي اوهان ڪي مليل آهي تنهنڪي سر ڏئي ٻه نه پڄي سگهبو. اهو ارمان آهي جو نه سڃاتو نه سمجهوَ. اها نصيحت ۽ هدايت جيڪا اوهان سان ڪيل آهي سا جي پٿر سان ڪجي ته پٿر ئي ڦاٽي پوي. ۽ جيڪي اوهان ڪي مليل آهي ان ڪان واڌاري ڪا شي هجي ته چئجي. حيف اوهانجي عقل ڪي هجي جو رب نه سڃاتوَ. الله جا امر چڏي ڏنوَ، ڪجهه نه سمجهوَ، ارمان آهي ڪيتري نصيحت هدايت ٿي آهي پر اثر ذرو ٻه نه ٿيو آهي. نصيحت ٻه اها اثر ڪندي جا پٽي تي پوندي. پتو ٻه اوهان ماڻهن ڪي آهي الائي ڪونهي! ليڪي لل ڪونهي!

گنبذ تان گولي ڪٽي ڇڏ ته نڪاو وجي هيٺ ڪندي. ڳالهه ڪٽي ڪر ته اها دل تان ڪري پيئي. وري ٻي ڳالهه ياد اٿو؟ چي الاجي تو ڇا چيو! ڪنهن ڪنهن ڪي ڪل پيئي آهي. پر اهو ٻه صبر ۾ رهيته چڱو آهي.

جي سموري سرڪار توکي مينگها ملندي ماٺ ۾
اوليا صاحب ٿو چوي ته
صبر دا ڏي لوڙها ميان شاهه باهو دم راڪا پلهاوين
چي صبر ڪري ويهي دم هلاءِ

ٻچو، اڄ گڏهن ڪي هيرا ماڻڪ ٻڌي ٿا ڇڏين يعني سپ جن ڪي رستو ٿا ڏسين يا نام ٿا بخشين سي ماڻهو ڪونهن، ڪيترا گڏهن مثل آهن.

توهان جو ڪهڙو ڪم آهي عام سان! فقط نام ۾ گم هجو. ٻيون ڳالهيون ئي نه سکو، جو مراقبه ۾ وهڻ ڪانپوءِ وهم ۽ اهي ڳالهيون اچي وسوسا وجهنديون. اوهين اهي سوليون ڳالهيون ڇڏي ڏکيون ڳالهيون قبول ڪريو.

ٻچو، مونکي سائينجن ذڪر ڏسيو، پر مونکان وسري ويو. ٻئي ڀيري جڏهن ويس ته هڪ ڏينهن فرمايائون ته ٻدنو ڪٽي ٻاهر هل. ٻاهر هلي چيائون ته اسان ڪي ريلي يا ڪاڪوس جو خيال ڪونه هو، توڪان ذڪر وسري ويو آهي سو ويهه ته توکي وري سمجهايون. موٽي جاءِ تي آياسين ته مونکي خيال آيو ته فقط انهيءَ اڪر ڪين ايڏي ۽ حد تي رسايو آهي! اتيئي پاڻ مون ڏانهن نهاري فرمايون ته نينگر سپ پير پيغمبر اولياءَ انهي نالي رب جي پئي نوازيا آهن.

چوي ٿو مون توکي پنهنجو ڪري خلقيو آهي. چوي ٿو تہ نڪو مون توکان پري آهيان. چوي ٿو تہ تون مونکي پنهنجو ڪر. رب رحيم ڪريم آهي. گهري وٺو. جي نہ ملي تہ ماڻهو چو گهرن. جنهن جي دل ڪي طلب هوندي آهي تہ اها گهرندي آهي. رب جي رحم ڏانهن اميدوار ٿجي. اول نالو الله، الله الله جو نالو نهال ڪندو. رب ڏانهن سٽائي آهي تہ سڀ ڏانهن سٽائي آهي.

اوهان لکيو آهي تہ ڪري ڪل ئي پاڻ ٿو ۽ ادم بہ پاڻ ڪرايو آهيس. وري تعليم بہ سڀ شي ٿي گهري. ۽ محنت بہ سڀ شي ٿي هري. وتايو فقير مست هو. چوندو پيو وجي تہ جيڪي ڪري سو الله. اوچتو چوڪر هنيس پٿر تہ پنيءَ ۾ زور سان ڌڪ لڳس. پنتي ڏسي چوڪر ڏي بيهي رهيو. چوڪر وري جواب ڏنس تہ جيڪي ڪري سو الله! تہ وري وتائي فقير چيو تہ قيامت پنهنجي بہ وڃائين ٿا. ٻچو دشمن ۽ دوست ٻئي ڏيل اٿس. رب جي حڪم ڪانسواءِ تہ پن بہ نٿو چري. پوءِ جي دشمن ي رايو پوي تہ فڪر ڪري. ڪين برو ڪم ڪري وهي؟ فڪر ڪري.

هڪ قاضي هو پرر وڏو درويش هو. هڪ ڏينهن مون وٽ آيو ۽ ڳالهہ ڪيائين تہ هڪ دفعي ذڪر بيهي ويو. پٽڪو ۽ چولو لاهي اچي بازار مان لنگهيس. جهنگ ۾ وجي ڪائنچ بہ لاٿيم ۽ وري بہ اچي بازار مان لنگهيس. ماڻهن چريو چريو ڪري اچي ورتو چي قاضي چريو ٿيو آهي. بس! نفس ڦڪو ٿيو تہ ذڪر ڪلي پيو.

## وحدت

ماڻهو وڻجارو وحدت جو آهي. وحدت هيڪڙائيءَ کي چئبو آهي. هيءُ موڪليل بندو آهي. هيءُ انسان الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي. هيءُ وڻجارو ئي وحدت جو آهي. انسان ڪري چئجي جو وحدت سان هجي. حياتيءَ جو خزانو سرڪار ڏنو آهيس ڪاڻ وحدت جي، وحدت جو دڪان ڪٿي آهي؟ هي وجود وحدت جو دڪان آهي. ڪنهن سنياريو ڪنهن نه سنياريو. هيءُ آتڻ آهي، گوڏا ٻئي مونا آهن، پاسريون تاڙيون آهن ڪن چموٽيون آهن، تار خيال آهي،

چرخو چندن عاج جو، ويهي آتڻ ڪت

سنهون ڪتڻ نه اچي ته رندا روڙجن ته ٻه تار نه توڙجي، جي ڇڇي ته وري ڳنڍجي.

ڪت گهڻو، گهم تورو، ٻاهر ٻانهن نه لوڏ، تاجي نيندو آن تـوڙ، تندون تندون ڪري جوڙ، متان سڌ پويئي صراف کي، تاجي آهن اٽـي ويـهـٽي اها ٻه ڇڳي ڪجي.

ڪتيو ڪتيندين ڪيترو وجي ڪر سوداگر يار

سوداگر ٻه مرشد کي چوندا آهن. اهو ته سودا پيو تو ڪري وحدت جي دڪان تي سچ لهي تو وجيس. بس منهنجو فرمان اهو اتو ته وحدت نه ڇڏيو. هر گهڙيءَ وحدت سان رهو.وحدت منجهه ٻه دم ٿوم نيئي وجهي.

وحدت جو دڪان اهو وجود آهي. اولياءَ ۽ انبياءَ هر ڪوئي پاڻ مان راضي ٿيندو ويو آهي. سيپئي نالي رب جي پئي نوازيا آهن. خيالات ٻي ڇڏي خيال رکو تڏهن انهيءَ ٻوليءَ مان واقف ٿيو. خيال عجب چيز آهي، خيال خدائي

وڃن ٿيون وجود ۾ ريءَ تنبيءَ تارون

جڏهن وحدت ڇڏي تو ته زمانو ڪثرت آهي. اهو هن کي ڪنيو تو وجي. ڪثرت ڇڏي وحدت ۾ پئبو آهي. اوهان وحدت ڇڏي وري ڪثرت ۾ گهڙيا آهيو. اڪبر ڇڏي وجي اصغر ۾ ٿيا آهيو. اهي سڀ رايا نفساني آهن. گهڻو وحدت سان رهو. ڪيترو فنا ۾ رهبو! ڪثرت ڇڏي وحدت کي ونو، جو ڪثرت ۾ ويهي نه

سگھبو . وٺو وحدت کي، وحدت کانسواءِ ڪثرت ڪٽي ويندي. سنيرندي سچ لهي ويندو. اهو سنيرڻ بہ سَڌ آهي.

بيائيءَ جي ملڪ مان بہ هيڪڙائي ڪيڏيس. هيڪڙائي وحدت کي چوندا آهن.ماڻهوءَ کي آهيئي سمجهہ جي مار، گهٽائيءَ ۾ پيئي هڪ نقطہ نہ وسارجي. سڄي علم ۾ درڪار کي هڪ نقطہ جي آهي. اتاهون انسان مالڪ سائينءَ سان اقرار ڪري هليو آهي نہ توکي نہ وساريندس. سو

اقرار نہ ڦيرائڻ آهي مردن جي شان ۾،
پير مغان ايوين فرمايا، وحدت والا راه بنايا

بيو زماني جي اجاين غوطن مان ڇا ٿيندو؟ پوءِ بہ جيڪي رب ڪندو اهو ٿيندو. رات ڏينهن وحدت ۾ هججي. دل وحدت ڏي وجي بيو زمانو تہ هر ڪوئي ڇڏيندو تو وجي. جن وحدت وساري سي اڳيئون هلي انڌا ، گونگا ۽ ٻوڙا ٿيا. وحدت سان رهو، وحدت سڀ سيڪاريندس. هي ڪثرت جو جهان آهي. ان مان وحدت ڪٽنديس. جڻ رات مان ڏينهن ٿي ايندو۾ وجيو پون، يعني ڏينهن . کي وري وحدت مان ڪثرت مان رات ۾.

هي جهان دنيا جو آهي. دنيا ۾ رڳو غم آهي. اونده مان سچ روشن ٿيندو آهي. اوهان لکيو آهي تہ زماني جي لهرن مان نڪري نٽا سگهون. انهن لهرن مان وحدت ڪيڏيس. اها وحدت واري هوا، ڪٽنديس ئي اها، وحدت کانسواءِ ڪثرت ڪٽي ويندس.

درياه جي ڪپ تي وجي ويهجي. پڇجي ڇا آهي؟ چي درياه . وٺو پري پڇجي تہ ڇا آهي؟ چي پاڻي. پوءِ وري وٺي درياه ۾ وجهجي پڇجي تہ ڇا آهي؟ چي درياه . تيئن هي انسان بہ هڪ قطرو آهي، سو بحر ۾ سمائڻو آهي.

هر ڪوئي پنهنجي منصب سان آهي. اوهان پنهنجو منصب وڃايو هڪ الله سان. گهٽائي نہ ٻڌو جو منجهي تو پوي ماڻهو. گهٽا تہ تاون ۾ بہ آهي پر درڪار هڪ سچ جي آهي. ٻنهي جهانن ۾ درڪار هڪ رب جي آهي.

وحدت جن وجود، ڪعبہ ڪوڏيو تنين جو،
بيدل ڳل وحدت دي من تون،
الف اندر ۾ ڪيو ڪاپڙين
حرف ذاران هڪڙي بيو تان نہ ٻڌن.

انهيءَ حرف هڪڙي سان محڪم رهو. “ ب” پروڙڻ آهي. بيوساهي “ ب” اکر اچي “ بي ادب” ، “ بي عقل” وغيره ۾، “ ز” اکر لڙائي ڪرائيندڙ آهي، زن، زر ۽ زمين.

هڪڙن جي زمانو وحدت آهي. هدايتوند ڪم زماني جو، حلال وجه جو ڪن ٿا پر رهن وحدت ۾ ٿا. ڪم ڪريو پر رهو وحدت ۾. گهٽائيءَ ڏي ته ڪن ٻه نه ڏيو. فقط هيڪڙائيءَ کي وٺيون بيٺا هجو.

صفات يعني اوندهه سان ذات ۾ ڪيئن وڃجي؟ وحدت ويندي صفات جا وصف ڦيرائيندي. سيڪاريندي ٿي سڀ وحدت، سمجهه ٻه وحدت ڏيندي. جي اڳيئون لاءِ سالڪي گهرين ٿو ته وٺ وحدت کي.

ڪتابن ۾ گهٽائي لکيل آهي. سو اوهان گهٽائيءَ کي ڇڏي هيڪڙائيءَ کي وٺو. جو ڪم ٻه هڪ رب ڪريم سان آهي. باقي ڪتاب ته منجهائي وجهندا آهن. ڪتابن ۾ رڳيون ڳالهيون آهن، سي ٻه چون ٿيون ته اثبات ڪر الله کي.

وحدت آهي محبت رب ڪريم جي. پوءِ جيڪو رکي، گهٽي علم ڪان گهٽو يقين پلو آهي. يار يقين جنهن جو آهي، ڪشش اها ڪٽنديس. ٻي راه ٿي نه پڇائجي. ماڻهو آيو ٿي ايتري لاءِ آهي. سڀ خبرون وحدت مون پونديس. پر ان طرف پوندو وڃي. پوءِ زال مان الله سائين پيو ٿو ڪري مرد ڪري ۽ حيوانن مون ماڻهو ڪري. اهڙي رڱڻ چڙهي بيني آهي. هيءُ لڪ ٿي اهڙو آهي.

رب ٿو چوي ته مون جنهن مطلب تي توکي بيهاريو آهي. اهو مطلب تو ڇڏي ڏنو آهي. جنهن مطلب تي مون حيوانن کي بيهاريو آهي. حيوان ائين انهي مطلب تي بيٺا آهن، تون حيوانن کان ٻه پري آهين. مطلب وحدت کي ۽ وحدت هيڪڙائيءَ کي چوندا اهن.

جي پانئين جوڳي ٿيان ته رلي ڪٽي مَ رُلُ

رلي چوندا آهن وهمن کي ۽ توهان ڪٽي وهم ويڙهيا آهن پاڻ کي اهي وهم وساريو. هاڻي ويڙهي وهو هيڪڙائيءَ جو هُل. ٻَنِ ڏيووهمن کي. چڱيءَ طرح رب سان رهو. پوءِ ڪريو انصاف اهو ته رب چڱو يا وهم چڱا. رب هادي هدايت وارو آهي. ۽ وهم سڀ نفس جو رايو آهن.

وحدت دي درياءَ اڇليا سر رهيا نه پير

هتان ٻي سر پي پائي ٿي هلجي. اوهين مريد ٻه ٻ ي سرن جا آهيو اوهان

ڏي صحبت بہ بي سرن جي تي موڪلجي. خود نہ تجي بي خود تجي.

بي خودي دا باب ، جوئي پڙهي سولي هوش گنوائي
الله سائين ڪائي چا تو؟ خودي
وڪر ڍيرئون ڍير، پر وهائو ويسلا

بازار ۾ آيو آهي يار پيارو. هاڻي هلو تہ اها بازار ڏسون، رڳو ڪنڊ قيراءِ تہ سڄڻ سامهون بيٺو آهي. ٻوڙي ٻوڙي ۾ شينہ آهي. گهٽ گهٽ ۾ لعل آيل آهي.

تن مڪہ، من مدينو، دل ڪعبہ ڪر جاڻي،
رب رسول ڏونهين وچ بيٺي، نال يقين سڃاڻي،
تن من قال ڏيوين تون سجدا، لاشڪ شِرڪُ نہ آڻي،
حج حضور هي اتاهين ميان مراد، جي جاڻ سڪين تان جاڻي

انهيءَ ڳالھ ۾ شرڪ نہ آڻجي، اڄ انهي طرف جو خريدار ڪتي آهي! ڪتي ڪتي تمڪي تي باهڙي.

ڪشمير ڏي وڃڻ جو ڪو ضرور تہ ڪونہ آهي. وحدت ۾ پلي وڃ.
وحدت جن وجود، ڪعبہ ڪوڏيو تن جو.
اهو وڃڻ ئي چڱو آهي. انهي وڃڻ ڏانهن عارفبازي آهي.
بادشاهن تخت چڏي اها راند ڪئي.
طالب جو ڪم آهي تہ گهٽين ڳالهين ۾ نہ پوي.
ڳالهين گهر ڪاريا، چشن پيگا هڏ،
سي ڪيئن سٽن سڌ، اديون عجيبن جا
جهنگ اوري ،جهوڪان پري، تنهان ڳوٺ پراهون ڳوٺ،
ڪار ويارٽي ڪوٺ، اڃا بہ آڳاهين چئجي.

عشق مذاق ناهي، نہ باراٽي راند آهي. هي جهلجي گهٽين ڳالهين ڪان تو. گهٽين ڳالهين منجهان دل وڃي سودا ۾ پوندي آهي.

هڪڙي طالب طريقت دي، تو گهِنُ حقيقت هيڪا،
هڪڙي مردي مذهب ڪيئي تون ڏي دوئي تون ڏڪا
خوش خير محمد دين ڪفر وچ، عشق نهين رهندا لڪا

هيءُ پنڌ مردانو آهي. ستن جو پنڌ ناهي، بادشاهن پيٺ سان ڪاٺ جون

مانيون ٻڌي، تہ ٻہ پنهنجو الله اثبات ڪيائون. سو جڏهن گهٽائي وساري ڇڏبي تڏهن هيڪڙائيءَ ۾ اچبو. ٻيا خيالات تہ ڪيترائي ٿا هٽ ڪريو مگر هڪ خيال بہ تہ هٽ ڪريو. سواءِ الله جي ٻي سڀ خيالات آهي. جيڪر هلي پئو، پر موت وساري ڇڏيو اٿو. ۽ ٻي خيالا تي پيا آهيو، سواءِ رب جي ٻيون ڳالهيون چو سکجن! جاهل گمراه آهي سو ڇا ڏانهن؟ راز ڏهون گمراه آهي.

اکران دي وچ جوئي اڙيا،
عشق دي چاڙهي مول نہ چڙهيا

چو جو اکرن وارو هيڪڙائي ڇڏي وجي گهٽائيءَ ۾ پوندو آهي. سو گهٽائي گمراه ڪندڙ آهي. ٻيون سڀ ڳالهيون ڇڏي وحدت ڪي وٺو نہ تہ گهٽيون ڳالهيون سودا جاڳائنديون. اوهان پنهنجي جدائي سنياريو. هيءَ علم ، عقل جي ڳالهہ نہ آهي. رب وساري سهنجايون ڳوليندا ٿا وتو، هيڪڙائي ياد ڪريو جو گهٽائي آخر فنا آهي.

هڪ بادشاه هو جنهن کي الله سائينءَ بہ چوکر خدمت لاءِ ڏنا هئا هڪ آهي وات چبو يعني جنهنجي وائيءَ ور پيا، جو وحدت جي ڳالهہ ڪري هيڏهون جي ڳالهہ نہ ڪري. ٻيو آهي چالاڪ.چالاڪ کي وچ ۾ وهاريون وينا آهن ۽ سڀ سندس چوائيءَ ۾ آهن، وات چبي دانهن ڪئي تہ اسان ٻنهي کي غلام ڪري وٺي آيا آهيو. چالاڪ سان پيا ٿا ڳالهايو مون سان نٿا ڳالهايو؟ هنن چيو تہ تنهنجو وات چبو آهي. چي مون تہ نتو ڏسان اوهين ٿا چئو. هنن چيو تہ هي چالاڪ ڏاڍيون سنيون ڳالهيون ڪندو آهي. وات چبي چيو تہ هينئر ڇگو تو چوي پر پوءِ سيني جي ٻانهن پچائي پچي ويندو.چالاڪ چيو تہ هيءُ اصل مون تي ڪوڙ ٻڌندو آهي. وات چبي چيو تہ مان اصل ڪوڙ ڪونہ ٻڌندو آهيان. چالاڪ چيو تہ توهين پڇوس تہ سهين تہ ڇا ٿو چوين وات چبا؟ هنن پڇيس تہ تون ڇا ٿو چوين وات؟ چبا؟وات چبي چيو تہ ڏينهن آهي ٿورو پنڌ آهي گهٽو، حياتيءَ تي ڪهڙو پروسو آهي ۽ لکپڙه بہ اچي ويئي آهي تہ مرڻ کان اڳ مري آءُ. چالاڪ چيو تہ ڏسو تہ مرڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا ڳالهہ ڏسيوَ بہ تو. چالاڪ ڪنهن بہ درويش جي ڪچهريءَ ۾ اندر نہ ايندو. لڄي پيو لڳندو. ٻاهر در تي ٻيٺو هوندو. رڳو ٻانهن پچائي سيني جي، نڪتو هليو ويندو. جي اچي تہ ڦڪو پيو لڳي. وات چبو اهو آهي جنهن جي وائيءَ ور پيا.

هڪڙو ماڻهو ڪنهن اوليا وٽ آيو. چيائينس تہ توهين چئو ٿا تہ الله آهي هڪڙو پر اهي ڪٿي ۽ وسي بہ هر ڪنهن ۾ ٿو. تنهن جي ثابتي؟ سچ مٿي چڙهي آيو تہ اولياءَ ڪجهہ پاٿيون گهرائي پاڻيءَ سان ڀرائي رکايون. ۽ ان ماڻهوءَ کي چيائون تہ هاڻي ڏس تہ کهڙي ۽ پاٺ ۾ سج ڪونهي. پريان ڪڙيو پيو وهي ۽ واهہ بہ پيو وهي، انهن ۾ بہ نظر هٽي اچ.

# دم

دم پساه مالڪ جا آهن ۽ معرفت جا موتي آهن. اهي اجايا نہ وڃائجن. دم ساري جسم مان پريل اچي ۽ پريل وڃي. رمز پاڻ ۾ لڳل هجي.نالي رب ڪريم جي ڪي ائين وني وڃجي جيئن وڻ ويڙهي وڻ کي وڻندي آهي. جيئن وري نام ڪان پاڻ ڇتي نہ سگهي. اصلي موتين جو پورهيو لڳي تہ ٻيا پورهيا سڀ ڇڏي ڏجن. اهي ڏنڊا انهن ڪيا جن کي دل سان لڳي آئي. باقي عام کي تہ هٿ سان لڳي آئي. هٿ تڏهن ڍرا ٿيا جڏهن دل سان لڳي آئي. جن ڪان صورت وسريل آهي تہ اهو پنڌ انهن جو ناهي. محبت پنهنجي رب جي دم سان رکو. جيئن دم خالي نہ وڃي.

خيال رکين هڪو هڪ دم دا

دم ٽپيو اچي ٽپيو وڃي، ڪو هاج ۾، اٿڻ ويهڻ ۾، ڪائڻ پيئڻ ۾ دم سان هججي. پريت رکي، دم سان دوستي رکي، پيو ڪهڙو ڪم اوهان کي ڏسجي؟ دم اجايا نہ وڃايو. الله سائينءَ جا ڏنل آهن. پيو ڪونہ ڏيئي سگهندو. دم وڏي غنيمت آهي.

گذريءَ کي ڇڏي ڏيو، رهندا وڃن ٿا جيڪي دم ، سي هٿ ڪريو، مور تہ نہ وڃايو. پياري ۾ پياري شي آهي ساهہ. اها تہ گهران پيئي وڃي ئي وڃي.

جو دم حياتي هووي، رهِ يار نال آوي

اهي دم آهن معرفت جا موتي پر ڪنهن سنڀاريو. ڪنهن نہ سنڀاريو، جيڪي بہ دم سندس نام سان هلن ٿا اهي سجايا آهن. بنا نام وارا دم اجايا آهن. ڪنهن سجاتا ڪنهن نہ سجاتا.

پويان پساهہ آهن سي پنهنجي رب کي هاٽي ڏيو. هينئر پويان پون آهن. رب ڪانسواءِ اجايا ٿا وڃايو. جيڪي بہ دم آهن سي هلايو نام الله جي سان. جن کي دم جو قدر پيو انهن مان اها ٻولي نڪتي تہ برابر رات هڪ دم مونکان سواءِ نالي رب جي ڇتي ويو. دم جڏهن ختم ٿيندا تہ هڪ دم لاءِ بہ سگندو. لک ڪروڙ ڏيندو ہ بہ هڪ دم نہ ملندس. سچ جيسين بيٺو آهي تيسين ڪو ڪونہ ٿو نهاريس پر لٽي ڪانپوءِ قدر ٿو پوي.

ڏنل دم رب جا سي ماريندا تا وجو! اهي اهڙا دم آهن جي لکن ڪروڙن ۾ ٻہ هڪ نہ ٿو ملي. اهي تو زيان ڪري ماڻهو. رڳو زيان خور ٻہ نہ ٿجي. زيان خور ڇا چوندا آهن؟ اهي زيان نہ آهن جيڪي روز پيا ٿا ڪريو. جيئرا دم بنا رب جي اجايا پيا ٿا وڃايو. زيان ئي زيان پيو ڪري تہ زيان خور نہ چئبو! اولياءَ هجي ڪامل، ان ڪي ٻئي جهان ڏيو تہ تون هڪ دم ڏي ، هو تہ ڏيندو جو هن جو دم الله جي نام سان آهي. هن جي دم دم ۾ الله سمايل آهي. هي ٻئي جهان الله جي مٽ تہ نہ آهن. جنين سڃاتو سي هڪ دم ئي نثا ڏين ٻنهي جهانن تي. پوءِ اهي دم ٿا وڃائجن پيا جو ٻنهي جهانن تي هڪ دم ٻہ نہ ڏجي.

دم جي ڪاهہ ڪريو ۽ دم جي سرت رکو
دم دم ڌمال دم ڪي، ڪرني نہ فراموش،
موسيٰ ٻہ ڪوہ ڪهتا، رب ارني نہ فراموش

جڏهن سپ دم ماڻهو ڏيئي ٻيهندو، پوءِ قدر پوندو، دم دم تي سعيو هجي، پريو اڃي پريو وڃي، سعيو پلي هجي پوءِ جيڪو ٻڃي سگهي. وسان نہ گهٽائجي. سعيو ڪجي جو اندر جا هٿ ٻہ سعيو چوريندو آهي.

چولي اندر جوئي ٻولي .سو ساڏو ساڙِ ڪڙا هٿ چولي،تنهن تان وويسان اولي گهولي.

نئون دم نئون سعيو. ٻندي تي آهي سعيو.سعيو ٻہ انهن ڪي ڪپي جن ڪي مليل آهي. جنهن جو هادي پنهنجو رب تو ٿئي، آدم ۽ سعيو ٻہ انهن ڪيو. دم سان پريت رکجي. هيءَ رمز بازي آهي. دم نہ وسارجي، جيئن هڪ دم ٻہ بنا رب جي خالي نہ وڃي. اٿن پهرن ۾.

جو دم غافل سو دم ڪافر

همٿ ڪريو. همٿ سعيي ڪي چوندا آهن. همٿ ادم ڪي چئبو آهي. همٿ اها آهي جو نہ وسري نہ وسارجي. خيال سان محبت گهٽي هجي. هي سارو جهان خود خيال آهي. زال جو خيال پنهنجو، مڙس جو خيال پنهنجو. پيتي ڪانپوءِ خيال بيخود ٿيندو آهي. اهو واپار جو اهڙي دستو آهي. جيڪا ڳالهہ الله سائينءَ وس ۾ ڪري ڏني آهي. انهيءَ ۾ نہ گهٽائجي. ڇڻ ادم ۽ سعيو وس ڪري ڏنا اٿس. مجرو ٻہ همٿ ڪي آهي.

سعيو ڪريو. رب ڪريم پيارو ڪريو يا پنهنجي جان پياري ڪريو، اها

واردات سر جي آهي. پوين گناهن ڪنهن جي ڪانہ ڪئي آهي.طالب هر ڪوئي پيئي ٿو پيو پر هرڪوئي طلب سارو ٿو پيئي. جي سعيو ڪندو تہ رب ڪريم مهربان ٿيندس. لاهي پاهي بہ رڳو پيٽ واري پاسي بيهڻ اجايو آهي. هينئر پارس پرين ويجهو آهي تڏهن ٿو سعيو ڪرائجي. همت سعيي ڪي چوندا آهن.مرد بہ همت سان آهي، مجرو بہ همت ڪي آهي، نيڪن جو ڪم آهي هتان سمجهي هلڻ، باقي مئي ڪانپوءِ ڇا ٿيندو! هر ڪنهن سعيو ڪيو آهي. جو هيءُ سڏ سرڪار جو اهڙو آهي جو محل ماڙيون ڇڏي هليا.

جن همت ڪئي تن حق ڏنو ٻيا نسبت نادان.

جڻ ان طرف ڏانهن همت ڪريو. سعيو هجي. ٻين ڪمن جو سعيو ڪريو ٿا تہ اهي ڪم پورا ٿي ٿا اچن. هيءُ بہ سعيو ڪريو. جو سعيي سان هي ڪم بہ پورو ٿي ٿو اچي. هر حال هر گهڙيءَ سعيو هجي، سعيو ڪرڻ رب ڪريم جي طرف ڏي هر هڪ انسان جوفرض آهي.ڪم هاج ۾ بہ نہ وسري نہ وسارجي. سعيو اهوئي ڪجي.

حياتي ساعتڙي آهي. همت سان ٻينو هججي. مدد بہ همت سان آهي. نيت خدا سان ڪم پوٽو آهي. خاص خداوند آهي. حق پاڪ خداوند آهي. اوهان هڪ رب راضي ڪريو تہ پوءِ چوطرفيون مددون ملن.

پڙهيا آهيو پر مطلب سمجهوئي نٿا. اوهان لکيو هو تہ جيڪي تقدير ۾ هوندو اهو ٿيندو. باقي ادم ڪرڻ اجايو آهي. اهو توهانجو چوڻ اجايو آهي. تقدير تي ياڙڻ اها عادت زالن جي آهي مرد ادم ڪندو آهي. مرد تي ادم جو حڪم آهي تہ ادم ڪريو. پر نہ سڀ مرد مرد آهي، نہ سڀ زالان زالان آهن. ادم ڇڏي پرائيت تي بيهڻ اها بہ زال آهي. همت ادم ڪي بہ چئبو آهي. زالاڻي وصفن مان نڪري مرد ٿيءُ. جيڪي ادم ڇڏي وينا آهن اهي پنيون رليون آهن. مرد تي امر ادم جو ٿيل آهي. ادم ڪريو. جنهن ڪم تي ادم ڪري اٿبو تہ ڪم پورو ٿي ويندو آهي.ادم ڇڏي وينو هوندو تہ اهو ڪم ئي رلي ويندو. اهو ادم ڇڏڻ جو رايو توهانکي جنهن وڌو اهو دشمن آهي. اهو رايو ماري ٿو. ڪاملن جو دم دم تي ادم آهي. ادم مهرباني آهي. جي ادم هوندو تہ ڪم سان هوندو. جيڪڏهن ادم ئي نہ هوندوتہ بي ڪمو ٿيو وينو هوندو. موت آهي رسريل، ماڻهو بيخوفو ٿيو ٿو پوي. بيخوفي ڪان ادم تي نہ سگهندو.

ڪريو يادگيرو موت جو، جو وڏي عبادت آهي،
جنين موت وساريو، واءِ تنين لاءِ واءِ.

يادگيرو بہ ادم ڪبو تہ ايندو. ادم نہ چڏيو، مرد ٿيو، زالون نہ ٿيو. رڳڻ چڙهي بيني آهي. زالن مان پيو تو مرد ڪري، ڊگن مئون پيو تو ماٺهو ڪري، پر جن ادم ڪيو. نہ سپ زال آهي نہ سپ مرد مرد آهي. قدم قدم تي سعيو هجي جو آخر خدا سان ڪم پوٽو آهي. اڄ جي محنت سيان تائين نہ رڪجي. چرخي ڪي ڏور تاريڪ پيا تئين وجهو.

دم ڪي ڪماليت ونرايو. پيون ڳالهيون سڪٽيون تہ نہ آهن. امتحان توهان جو تڏهن پڪو ٿيندو جڏهن پون ڪماليت وننڊو. جيڪي پون بنا رب جي تا وجن اهي زواليت ۾ تا وجن. حياتي ئي زواليت ۾ وجي. موت چڏيو اتوَ تڏهن تا پون وجن بنا رب جي. دم سان پريت هوندي تہ دم ڪماليت وننڊو. نئون دم نئون خيال. سندس دن عطا ٿيل سي بہ وجن ٿا، تار سان رهو. بي تاري اولاد ئي چڱي ناهي. دم جي ڪاه هجي. پوءِ جي ماٹهو منزل رسيو تہ لڪ ٿيو نہ تہ راه جو مرڻ بہ پلو آهي. فقط سعيو هجي، دم دم جو سعيو وقت بوقت اوهان ڪي ڪبو آهي. باقي پيا ائين نہ ڪندا آهن. دم جي ڪاه هجي. ۽ سونهون نظر مان نہ ڪيجي. اها چڱائي ڪنهن جي آهي؟ نيٺ هدايت پنهنجن ڪي ڪبي آهي. نہ وسري نہ وساريو. سهٽي جي اڳيئون سهٽا لڳو. جيڪي مرشد چيو آهي ان تي ويساه ڪجي تہ دم ڪماليت وٺي. اها خبر سپ وحدت مان پوندي. جيئن آهستہ آهستہ وڏيڪ وهڪ ڪبي ۽ دم چڱيءَ طرح هلائبو. تيئن دم بدن ۾ وهندو ويندو۽ هڏن مان بہ آواز نڪرندو. سو خيال سان پوتل رهجي.رمز پون سان گڏيل هجي. وسري ياد ڪجي.

پنڌ ڪندي پرينءَ ڏي جو مون ڪتن ڏينهن،
هوند منهنجي نينهن اُپر لاوان لڌيون.

دم سان پريت رڪجي. اها توري ڳالهہ ناهي جو وڃڻ جو وارو بہ آيو آهي. اڄا ريل ڪانتي مٿ ڪري تي، ماٹهو ايترو بہ نتو بيهي. دم سان پريت هجي. ۽ سونهون بہ نظر مان نہ ڪيجي. پريم بہ پنهنجي دم سان رڪجي. پيو رهبر بہ نظر منجهان نہ ڪيڻ ڪپي. دم جي ڪاه ڪريو. دم خالي نہ چڏيو، ۽ سونهون نظر مان نہ ڪيو. ماڻ خالي نہ پرجن، ماڻ ٽپيو اڃي ٽپيو وڃي. ماڻ دمن جو. فقير

درويش انهي کي چئجي، رات جو جنهنجو پيٽ خالي هجي طعام کون، دم سيپئي نام سان ڀَريا اچن، ڀَريا وڃن. نہ خالي بنا رب جي.

اک دم هو وڻ نال الله دي، بهتر کنون بادشاهي،
کيا جو مَلِڪُ سليمان هويا، جنهندا لشکر لک سپاهي،
ديوان پريان امر وچ رهندي، جيهي آهي تيهي ناهي،
تنهين کنون بہ اڳي ميان سچل سائين، وڃ ڏيندا هي دم اوڳاهي.

کھٽيءَ واري سان بہ گھٽو نہ ڳالهائجي. رهٽي واري سان پلي کري ڳالهائجي . پر سر پلو آهي. پر صبر بہ خدا کارڻ کجي. متان دم اجايا وڃن. اجائي گھٽي ڳالهائڻ ۾ دم اجايو نہ وڃي. سواءِ رب جي. اجائي اٿڻ وهڻ کان بہ ڪِري کجي. اجايو گھمڻ کو چڱو آهي ڇا! اجائي وک ئي چڱي ناهي. ائين اهو کم اهڙو آهي جو ٻنهي جهانن ۾ سهڻو کندو، انهي کم سان لڳل هوندا تہ، توهانجي وٽي بہ مات ٿي. جيئن پوءِ تيئن دل تازي ٿيندي ويندي. کنن ڌهون بہ ٻوڙا ٿيو، آدم بہ تڏهن اهي جڏهن دم سان آهي. جي دم سان ناهي تہ آدم ناهي، کا ٻي صورت آهي.

صبر سکجي. جيکو خواب ڏسو تا وري ٻين کي ڏسيو تا. صابرين ماڻهوءَ جي دل ڳوڙهي رنگ جيان رچندي آهي. اهو نالو رب جيکو پنهنجي اندر ۾ وهائيندو ، انهي کي قسمين قسمين خواب ٿيندا. عام سان ڳالهہ نہ کولبي آهي، جهليو پاڻ کي، توهان جي دل دانهن کان نٽي رهي. جيکو خواب خيال جي ڳالهہ ظاهر ٻين سان کندو، انهي کي ايمان جاڳندي ويرم نہ ٿيندي.

مات کر مَ کُڇ

صبر سکجي، رب کريم کي سپ ستر معلوم آهي، توڙي ماڻهو کٽي هجي، صبر عجب آهي. هُت صبر بہ معلوم آهي، ستر چئبو آهي صبر کي. هيءُ حال احوال بہ سپ معلوم آهي. هي اچڻ وڃڻ بہ سپ معلوم آهي. کچهريءَ ۾ کو ڳالهاءُ اهڙو آهي جو ڳالهہ کندي ماڻهو کافر ٿي تو وڃي. وري کا اهڙي ڳالهہ آهي جو ڳالهہ کندي رب پيو راضي ٿيندو. اها بہ ڳالهہ، هوءَ بہ ڳالهہ.

جي ياد کر نہ تہ پوءِ ياد کندين
اڄو ٿيو آهين پر اندر اڇوئي نہ کرين،
اڳين عبادتن کان لِک نٽو لاهين،

انهيءَ ۾ دغا جا دانهين، ٽيندين لک لطيف چئي.
پوءِ ڇا ڪجي؟ ڇي ماٺ ڪجي.

ماٺ ڪر مَ چو ڪوجهو ڪهين مَ ڪَهه
منديون سنديون ڳالهڙيون تون سيني جون سهه،
تہ تنهنجو ڳپ مان ڳڏهہ، پوري سوڏو پاهر ٿئي.

پر ايترو بہ ڪو سهي نہ! بارگير آهي، اهو سهندو جيڪو بارگير ٿيندو. پر وهٽ ئي بارگير پيو وٺندو. بارگير پلو آهي. پوءِ ڪهڙي صلاح آهي؟ سبحان الله ، ويڪيا درشن اتريا پاپ!

نٽو قري قول بادشاهن جو، بادشاهہ اهو جنهن ” فاذڪروني اذڪرڪم” چيو. ڇي تون گهر مونکي تہ مان گهران توکي. جيڪو دم سان رهي سو رب سان گڏ آهي. سالڪ کي ٻئي جهان ڏي نہ هو هڪ دم جو منصب نہ ڏيندو. جو هنجي دم دم ۾ رب سمايل آهي.

چون ٿا تہ بہ ملائڪ ڪلهن تي وينا آهن هڪ چڱا ڪم پيو لکي ٻيو برا ڪم. جڏهن ڪو دم سان ٿو رهي تہ الله سائين چڱن ڪمن لکڻ واري ملائڪ کي حڪم ٿو ڪري تہ اهي تون نہ لک، اهي تنهنجي لکڻ کان گهڻو مٿي آهن اهي مان لکندس. تڏهن ٿو چئجي تہ:

گهڙيءَ ۾ تہ گهڻو ، نہ تہ بہ هڪ دم،
لهن ئي گوندر غم، محشر جا مراد چوي.

مون تہ راڳ ڪونہ ٻڌندو آهيان ٻچو مان ٻوڙو آهيان. ٻچو اجايا دم ٿا وڃائجن. جڻ خدائي خيال ختم ٿو ڪري تڏهن ٻئي پاسي ٽڳ ٻڌي، ٻئي سان ڳالهائي ٿو، جڻ پنهنجو خيال ٻئي کي ٿو ڏئي. هي جو ڳالهائجي ٿو، ڪو ماڻهو ٿو ڳالهائي ڇا؟ اهو خيال ٿو ڳالهائي، نہ ٻئي کي خيال ڏجي:

ساهيون ساهيون ٻڌ، سور پٽڻ وڏو سندرو،
ڪيچ اڳاهون پنڌ، متان ڇپر ۾ ڇڙي پوي

اهو سندرو ٻڌڻو آهي. رڳو چويٽو تہ سندرو نہ ٻڌ، پنڌ تہ اجا پري ٿيو.

قرآن شريف ۾ لکيل آهي تہ ڪائو پيئو پلي، زيان نہ ڪريو. ملن جي معنيٰ آهي تہ ڪائو ماني ۽ ميوا پيئو پاني ۽ خرچ اجايو نہ ڪريو. انهن جي حقيقي معنيٰ آهي تہ ڪائو خودي، پيئو شراب وحدت جو ۽ زيان نہ ڪريو اجايا دم.

جنين ڪين ڏنوسي ڪين ٿيا. ڪين ۾ موتي ٿيندا آهن. ڪين ۾ ايترا موتي ٿيندا آهن جو شاه سڪندر وٽ به نه هوا. سمنڊ به ڪين ۾ ٿو وهي جو بي انت آهي. ڪين هيڪڙائيءَ ڪي چئبو آهي. اهي دم جيڪي اچن ٿا تو منجهون ، اهي معرفت جا موتي آهن. نه وڃايو اجايا دم. اهي دم موتي معرفت جا نه وڃايو. قدر پوندو جڏهن سپ دم ڏيئي وينو پوءِ، سيڪو تعريف دم جي ڪندو ويو آهي. دم زنده هجي، دل ۾ دوست پچائجي، وحدت منجهه به دم تو نيئي وجهي.

نئون دم نئون خيال. خيال خدائيءَ ڪي ختم ڪري پوءِ تا ونو ڪم ڪي. ڪم هاج ۾ خيال خدائيءَ ته پوءِ به چڏٿو نه آهي.بي ڪمون ماٺهو گهر ۾ به نٿو وٽي. درويش لوڪ ڳالهه الله سائينءَ جي ڪري، اوهين وري ڪريو پنهنجي بيماريءَ جي ڳالهه، اوهين رب وساري پيو ڳالهيون تا ياد ڪريو. دم دم ئي سعيو هجي جو ماڻهو هلڻ وارو آهي. گوهي گاگن واري چڏ متان پوءِ هٿ هٽين!

جي ماڻڪ موتيءَ جو پورهيو هٿ لڳي ته بيا پورهيا چڏي ڏجن. رات سمنڊ آهي، جنهن ۾ ونجهه ڪونه تو لڳي. موتين جو پورهيو به انهي سمنڊ۾ آهي. جيڪو ساهي منجهائيندو انهي وات ۾، اهو موتين جو پورهيو ڪندو، موتي معرفت جا. هيڏي سچ لهي هوڏي ايري انهي وچ ۾ هڪ دم به خالي نه وڃي.

مفتي منجر وهار ته لهيئي ڪاڻ قاضيءَ جي
پچاڻو ئي لهي وڃي.

هيءَ گهنٽي جيڪا دم جي لڳي پيئي تي اها چڙهائي آهي. ٽيم پرجي تي وجيس.

دو جڳ اپنا جوئي گنوائي، سوئي منصب پاوينگا

ٻنهي ۾ هن جو چا آهي؟ ٻٺهي جهانن ۾ هن جو ڪم رڳو رب سان آهي، ٻئي جهان پلي جيڪي گهرن انهن کي ڏئي. رڳو سندس راز ڪپي ، من سچائي!

جيڪو دم قدم تي نه جاٽي، نال تنهيندي ڪم ڪيها

تنهن سان کهڙو ڪم جيڪو پنهنجو دم ئي نٿو سڃاٽي، جن ڪي ساه ڪنئين سڌ نه پوي تن سان سور ويهي کهڙو سلجي، انهن جون وري کهڙيون ڳالهيون ڪجن. اجايو ڳالهائڻ آهي، جن ڪي پنهنجي ساهه جي ئي خبر ناهي، جن ڪي پنهنجي دم جي خبر ڪانهي.

دم آهي پڪي نئڍڙو ، نه پير، نه چهنب، نه پر، ڪائي موتي، دم سائو اهي روح به سائو آهي. انڪري ساول وٽي ٿي.

# رب جو يادگيرو

رب جو يادگيرو سڀ ڪنهن جي مٿان فرض آهي. رب ڪريم جو يادگيرو نہ وساريو. يادگيري ڪان فراموش نہ ٿيڻ گهرجي. يادگيرو آهي تہ ماڻهو ڇڻ ميلي ۾ آهي. دل جيئري بہ يادگيرو رکندو آهي. هونئن بہ يادگيرو هميشہ چڱو آهي. ياد وارو ياد ۾ آهي. اوهين ڳالهائيندا آهيو، اهي تعريف رب جي اوهان ڪان ڪير ٿو ڪرائي، اوهين تہ اڳي گونگا ٻاتا هئا انهي طرف ڌانهن! اوهان کي انهي ڳالهائي ڪنهن وڌو آهي.تعريف وينا تا ڪريو هڪ الله جي ٻي مرشد جي، اهو چڱو آهي، مالڪ جي يادگيري ۾ مرڻ بہ عجب آهي. ماڻهو وڃي تہ هونئن ئي ٿو. رب رب ڪندو هلجي. پنهنجي مالڪ سائينءَ کي پاڻ سان دائم قائم سمجهڻ گهرجي.

ڪيچي ڪهندا ويا چوندا ويا تہ ونجو واٽ وندر جي

انسان کي رب پيدا ڪيوآهي پنهنجي يادگيري واسطي.يادگيرو بہ انسان لاءِ آهي.ٻي تہ اڄڪلھ حيواني گهٽي آهي،رب ڪريم شل ڪنهن کي انسان ڪري ماري تہ چڱو آهي.انهي پنهنجي وطن جو بہ يادگيرو ڪجي جو بہ يادگيرو ڪجي جو آخر انهي وطن ڏي هلڻو آهي.بيهي نہ رهو جو بيهي نہ سگهبو.هينئرهلڻ چڱو آهي،اجا الائي ڪهڙا وقت بيهندا.رب بيپرواھ آهي. ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندو.

هيءَ نہ هٿ وهاٽي تون آڳه ڪراڳ جي.

جنهن کي الله سائين پنهنجوڪندو آهي انهي کي يادگيرا بہ پنهنجا ڏيندو آهي. اهوپنڌ عارفن جو آهي. دل کي بہ زنده مالڪ جويادگيرو رکندو آهي. دل جيئري رکندو آهي يادگيرو رب جو. دشمن جو تہ ڪم آهي راھ مارڻ.اول ڪان اوهان کي رب جو ڏسيل آهي،جنهنجي نالي ورتي ئي لڪيا ڏوھ لهي وڃن. بي عيب هڪ الله سائين آهي.بيو هر ڪوئي گناهن سان پريل آهي. جهڙي تهڙي حال سان بہ رب قبولڪريو.سواءِ رب جي ٻي ڪهڙي آه وسنئن وچ ٿي! سواءِ رب جي بيو ڪهڙو تڪيہ آه؟ وڃي ٿي رضامندي.هر حال ۾ بہ طرف رب جي رهجي. انسان کي الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي خاص پنهنجي محبت ۽ پنهنجي يادگيري واسطي. سو سندس يادگيرو نہ وساريو. فقط پنهنجي مالڪ کي مالڪ

ڪري سمجهو. سيني ڪمن جي جوابداري انهي مالڪ تي آهي. باقي بندو اجايو ٿيو آهي. سندس يادگيري جا وقت هٿان نہ وڃايو. مالڪ بيڏوهو آهي. اوهان ڪي اول ڪان چيل آهي تہ مالڪ جو يادگيرو نہ وساريو. آخر ٻيو سڀ فنا آهي. بقا فقط هڪ مالڪ جي نام کي آهي.

اڳيئون بہ ڪامل ڪنبندا ويا آهن. رب جو يادگيرو رکڻ اها نيڪن جي عادت آهي. ڪم هاج ۾ پوتل هججي. وسري وري ياد ڪجي، رب ڪريم جي پنڌ ۾ ڪوبہ اعتراض نٿو جڳائي. اهي سڀ اعتراض ڇڏي اٿي پنڌ ڪريو. رب ڪريم جي پنڌ ڪان بس ڪرڻ جي باس ئي نہ باسيو. انهي پنڌ جو قدر پوندو پر اک پوٽئي ڪانپوءِ. هينئر صحبت ٻڌي اٿو ڪجهہ گهٽي تنهن ۾ ڊاپي پيا آهيو. ڪاريل آهيو منهنجي هٿ جا، مرشدن تي بہ پڇاڙو ٻيهي ٿو نصيحت ۽ هدايت جو، آيوئي ماڻهو ڪنهن هدايت لاءِ آهي. انهي هلڻ ڏانهن اعتراض ڪهڙا تا ڏيو! ڪاڻي چوي تہ مونکي ڪُک ۾ سور آهي. ڪاڻي چوي تہ مونکي ريزش ٿي پيئي آهي، ڪاڻي چوي تہ منهنجو خيال پورو نٿو لهي، ڪاڻي چوي تہ مان ويهي نٿي سگهان! جتان خط اچن ٿا سڀ ائين پيا لکن. مون تہ هوند توهان جي گهٽي کهل ڪريان پر رب جي بيپرواهين جي اوهان کي خبر ناهي! رب جون پلڪارو اهڙيون انسان تي آهن جيئن درياہ ۾ ڇولون پيئون اچن.

اسان وٽ هٿ رکيل آهن سورن جاسامان. توهان کي ڪنهن چيو تہ اهڙن دردمندن سان گڏجو! هاٿي جي گڏيا آهيو تہ پلي ڪري اچو، وک وڏائيندا هلو. مان تہ توهان کي سڏيندو ٿو وڃان. رنن جهڙا مڙس آهيو. اوهان کي زال بہ چڱي. نيٺ پنڌ ڪندي جند ڇٽندس. اوهين رڳو زماني جي ڪا اوهان کي خبر ڪانهي تہ آءٌ ڪو آيل آهيان بمبئي ۾. هيڏي هوڏي نہ نهاريو.

ڇي لکن جا لوڏا هل ٿاب پوئي سسئي
رب رب ڪندا هلو، هيڏي هوڏي نہ ڏسو سواءِ رب جي.
ڪيڏڻ دي دن چار

چار ڏينهن لنگهي ويا، رهندا بہ وڃن ٿا. هن زماني جي راند ۽ رهلي (لاري) سارو جهان جهلي وڌو آهي. ريس نہ ڪريو ڪنهن سان، اوهين هلڻ پنهنجو سکو.

يادگيرو پنهنجي رب جو هر ڪنهن تي فرض آهي. ٽيم حياتيءَ جو پريو تو

وجي. وجي ٿي وهامندي، ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. نفعي نقصان جي خبر لهجي ٿي، پر بندگيءَ وقت بيخبر! ٻئي جهان وسارين تہ وسار پر هڪ رب ڪريم نہ وسار. نيٺ خدا سان ڪم پوڻو آه، انهي مالڪ جي روبرو ٿيڻو آه. رڳو بيخوفو نہ ٿجي، پوتل هججي، يادگيري جو اوسيئڙو ٿڌيءَ ڪوسيءَ ٻينو هجي.

ٿڌيءَ ڪوسيءَ ڪاه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداه، پوءِ پير نہ لهندينءَ پرينءَ جو

چيل آهي ۽ هاڻ بہ چئجي ٿو تہ سندس يادگيرو ڪا چرچي بازي ناهي، جن کي خبر پيئي تن دانهان ڪيون، چوائيءَ ۾ هوندو تہ خطا نہ ڏسندو. اهو توهان تي ڪم رکيل آهي رب جي يادگيري جو. هر هاج ۾ رب ڪريم نہ وساريو. رب جو يادگيرو فرض آهي ماڻهوءَ تي. يادگيرو پيو تہ دل کي سڌ ٿيو. نہ وسري نہ وسارجي، وسري نہ وري ياد ڪجي.

جو دم غافل سو دم ڪافر
ڪيچي ڪهندا ويا، چوندا ويا، ونجو واٽ وندر جو

رب جو يادگيرو فرض آهي، زال تي توڙي مرد تي، خدائي حال ڪانسواءِ ماڻهو بيحال آهي. مالڪ جي راضي تہ ٻئي جهان موچارا ڪري ڇڏي.

اهو چٽتو بينوئي بينو هجي. سالڪ سالڪ آهي ۽ بيخبر بيخبر آهي. بيخبرو انهي کي چئبو آهي، جيڪو رب ڏانهن بيخبرو آهي. جنهن کي رب ڪريم پنهنجو ڪندو آهي، انهي کي يادگيرائي پنهنجا پيو ڏيندو آهي. جاڻ تہ الله سائينءَ هنڪي پنهنجو ڪيو آهي. پر سڀ جي تعليم گهرندي آهي. جيئن هي عام ظاهر وارو تعليم گهرندو آهي. تيئن هو علم بہ تعليم تو گهري.

علم حق در علم صوفي گم شود
اين سخن کي باور مردم شود

صوفيءَ جو علم رڳي ذات حق جي آهي. صفات پاڻيهي ذات سان اچي گڏبي. لاري صوفين جي سيپئي لڱل آهن. اهو عجب لارو آهي. صوفين وٽ رڳو الله آهي. خريدار بہ هجي! جيئن هتي ماڻهو کي پٽ جائو تيئن هُن طرف وري مرد تي آيو، جنهن کي رب جو نالو وٽي تو. اهو پاڻ رب کي وٽي تو.اهو اڳيان وٽي تو. هتان نهي جڙي هلي اهو پلو آه. مرد بہ هتان تي هلي.

ڪجهہ وطن جو يادگيرو بہ ڪجي جو آخر وطن بہ هلڻو آهي، هيءُ وڏو

سفر آهي. رمز پاڻ ۾ لڳل هجي.

ريل مڙيئي ريل، پر رمز تکي آهي ريل ڪان،

درجي بدرجي خيالات ڀڄبي اچجيءِ يادگيري رب جي سان هججي. ڪنير جي مٽي ٻه جيئن ڪمائڻ ۾ ايندي ويندي تيئن ميلاپ ۾ ايندي ويندي. هيءُ ٻه ميلاپ ۾ تڏهن ايندو جڏهن ڪمائيندو هلندو. هيءُ ٻه مٽيءَ جي مٽ آهي نه! ٻئي جهان وسري وڃن ته وساري ڇڏيو پر هڪ رب نه وساريو، ملڻ نه ملڻ وسري وڃن ته وساري ڇڏيو پر هڪ رب نه وساريو. ملڻ نه ملڻ سائينءَ جي وس آهي.

بندا بيراڳي ڪر ڪا وطن ورڻ جي،

وطن جن وساريو حيف تنين کي هوءِ.

اوهان رب راضي ڪريو ته رب اوهانکي راضي ڪري. رب سائينءَ جي محبت نه ڇڏيو. رب ڪريم جي يادگيري ڪانسواءِ ٻيو سڀ فنا آهي. پوءِ فنا جي ڪهڙي تعريف ڪجي! تعريف ٻه مالڪ جي جڳائيندڙ آهي. ۽ انهي جي ڪجي. مجلس محبوب ري، ٻيو سڀ تقويٰ (اجائي هستي) آهي. فقط رب ڪريم نه وساريو ٻيو وڏين عبادتن کي ڇا ڪبو! رب جي مٽ ڪابه عبادت ڪانهي. نه شاهن کي ڳالهه دل سان لڳي آهي ته ڪاٺ جون مانيون ٻڌي رب گهريائون. خدا جو خوف وڏي عبادت آهي.

سچو طالب اهو چئبو آهي جيڪو سختيءَ ۾ ٻه پنهنجو محبوب نه وساري، حياتيءَ جو ٽيم ٻه پريو تو وجي. هاٽي هليا وڃن، اڏويا وڃن اُٺ، رب رب ڪندا هلو، ٻيو ڪهڙو پرجهلو آهي وڃتي! ٻيو فنا ۾ ڪهڙا هٿ هٽبا!

بقا نالي رب جي کي آهي. اوهان پڇيو آهي ڪو سولو رستو! بنا اعتراض ، مالڪ جي طرف جيڪو رستو اوهان کي ٻتايل آهي. اهڙو ٻيو ڪونهي. سو اهو رستو نه ڇڏيو.

جيسين ٿا جيئو رڙهو پيا انهيءَ راهه ۾،

تُر مردان، پُر مردان، ٻه مردان، جُهر مردان.

اوهان هر حاجت ۾ ٻه مالڪ جو نام ياد ڪريو. دم سان پريت رکو. سيني ڪمن ۾ وڏي ۾ وڏو ڪم اهو آهي ته رب نه وسري. توهين انهي ڪم کي وٺو جنهن ڪم اوهان کي لائي ڇڏيو اٿئون. اوهان جي ڪمن جو الله ۽ فقير نگهبان آهي. وڏو ڪم اهو آهي ته اثبات ڪريو الله کي، سو وراڪي ڳنڍ هڪ، هڪ الله

نہ وساريو، سندس ناموسريو تہ ماڻهو بيراه ٿيو.

جيئاريس ئي سنيار، آءٌ ملي كنديس كوه!

يادگيرو دل كي پيو تہ سڌ ٿيو. اوهان كي كشش بہ كجي ٿي ۽ سڌ بہ كجي ٿو پر سمجهو نٿا پيا. جيكي بہ صحبتي آهيو انهن كي سڌ ٿيندو آهي.

هيڏي هوڏي جي ڀٽڪ ڇڏ، ويهي پنهنجو رب كريم ياد كر، هك ٿيءُ تہ پوءِ ٻيائيءَ جي ملك مان نكرندين. ويني كانپوءِ جيئن وجود وسريل هجي ۽ محويت ۾ هججي. نالو رب كريم جو ڳرو ٻج آهي. بدن بہ ملك آهي، سو پلي كري لونءَ لونءَ ۾ سامائبو اچي. جيئڻ ٿورو آهي ۽ پنڌ گهڻو آهي. مرد ٿيءُ تہ پوءِ معرفت جي ميدان ۾ اچين. معرفت ماڻهو اكر هك آهي. هينئرپويان پساه آهن. نالي رب جي كي ائين وني وڃ.جيئن پاڻ نہ چئي سگهي. اك جي محبت سر سان هجي، ٿڌيءَ كوسيءَ پوتل هججي. انهي كم كي وٺ، بو علي قلندر جو چوڻ آهي تہ مرد ٿي وٺ انهي كم كي، نہ تہ كڌڙن وانگي تاڙيون وڄائيندي سڄ لهي ويندءِ.

رب كانسواءِ ٻيو اوهان كي كهڙو كم ڏسجي! جي رب جي محبت سان آهن اهي مئي بہ مون سان گڏ آهن. جيكي هك راه سان هلندڙ آهن اهي گڏ آهن، مئي بہ جدا نہ آهن. الله سائينءَ كانسواءِ ٻي كهڙي صلاح ڏيان؟ سواءِ رب جي ٻيو كهڙو يادگيرو ركجي. مالك سائينءَ جو يادگيرو دل كي جيئرو ركندو آهي. اهو خيال رب كريم پنهنجو بندو كيو آهي. پر بندو بہ پنهنجي خالق مالك كي مالك كري تہ ڏسي. سندس فرمان مبارك آهي تہ بندي جي سيني كمن جي جوابداري مون تي آهي. فقط بندو مونكي نہ وساري ۽ منهنجي محبت ڇڏي اوندهہ ۾ اجايا هٿ نہ پيو هڻي. سواءِ رب جي ٻيو اونده ۾ هٿ هڻندا آهن. ٻيڙو كتو ڏٽي پٽائي. ٻي خيالي نہ تجي. خيال چوندا آهن رب جي يادگيري كي. ٻيا دليل آهن زماني جا. خيال سان رهجي.

يادگيري جو اوسيئڙو ٿڌيءَ كرسيءَ ٻينو هجي. رب سائين نہ وساريو، دم سنپاريندا هلو. زماني جي گردش ۾ قابو ماڻهو بہ پلي پوندو آهي. هاٿي هلڻ ۾ دير كانهي. مون بہ توهان كي فقط رب كريم جي يادگيري جو چيو آهي. يادگيرو كندا تہ ياد ۾ ايندا ويندا. وسري تہ وري ياد كجي. جڏهن ماڻهو سمجهي بہ ٿو. پوءِ وري هٿ ٿو كري، ڇڻ خطا ٿو كري. رب ياد كريو، هر حال

۾ رب نہ وساريو. ڪٿي بہ هجو تہ پنهنجو رب نہ وساريو جو پوءِ جدا نہ رهندو.

چڱاين ۽ چڱن ڪمن مٿون الله سائينءَ جو يادگيرو ڪرڻ، ڪيل اعمال آهن سي سپ اڳيئون هلي ڏسندا. تڏهن ٿو چئجي تہ ڪريم جي محبت نہ ڇڏيو. هر ڪوئي پنهنجي اعمالن سان ٿو هلي. اوهين تا چئو تہ اسين ڪجهہ ڏسون. سپ ڏسندو اعمالن سوڌو. اعمال هڪ رب قبول ڪيو بينا هجن.

لارو رب جو نيئي ڏيکاري ٿو در دوست جو.

سواءِ لاري رب ڪريم جي بيو ڪهڙو لارو آهي جو ونجي. جي اهو لارو نہ هجيئي ها تہ تنهنجو اهو هوش ڪٿي هيو! پنهنجي رب جي پيش پيل هج. من سهاڳ جي رات ڪنهن وقت اچي بہ وڃي! اڳيئون بہ سهاڳڻ تڏهن سڏبين‌ءَ.

ڏينهن جو حلال وجہ جو ڪم ڪجي، اڌ رات ڪانپوءِ رب گهرجي. هول حسيني مٿي ۾ وجهي لڙائي ڪجي. پنڌ ڏانهن سست نہ ٿجي. هرڻ جيڪڏهن هليو وڃي نہ توبچيءَ جي ڏک ڪان هليو وڃي. جيڪڏهن ڪنڌ ڦيرائي ڏنائين تہ هو بہ توبچي آهي، نڪاءُ بندوق هٿندو، هليو وڃجي پوئتي نہ نهارجي. بادشاه جي سلام تي جو ويندو سو جي هيڏي هوڏي ڏسندو تہ چئبو تہ پوري هوش سان نٿو وڃي. هلو بہ ٿا، هيڏي هوڏي ڏسندا، پوري هوش سان نہ. سرت هجي. مراقبہ ۾ ويهجي تہ سرت سان ويهجي. ڏک ڏک تي لڳندو تہ فراق جاڳندو، غم جاڳندو، سرت سان هججي. ڏينهن آهي ٿورو پنڌ آهي گهڻو. ڍرو نہ ٿجي جو بر بيابان آهي، ڪوبہ ڪنهن جو ساٿي ڪونهي.

تنهنجي دوا آهي يادگيرو رب جو. ٻي ڪري آهي تنهنجي صبر جي. رب ياد ڪريو تہ هلو. رب ياد ڪجي. فقير جي اولاد آهيو سو هر حال ۾ رب ڪريم نہ وساريو. اوهان تي اهوئي فرض آهي جو مرڻ تائين بہ مال جو يادگيرو نہ ڇڏيو. منهنجي دل ۾ اهو يادگيرو رهندو آهي تہ جيئن اوهان ڪان مالڪ نہ وسري. اجا وڍ ٿڪ اوهان ڪي ڪانہ ڪئي اٿم، ٻي نصيحت هدايت آخر مرشد تي حق آهي. فقير جي اولاد آهيو اوهين تہ هوند شڪر ڪريو. ڪم هاج ۾ وڏو ڪم فرضي اهو آهي جيڪو توهان ڪي توهان جو باو ٿو ڏسي. جيئن دليئون دوست نہ وسري، جو هيءَ حياتي هڪڙي ساعتڙي آهي، پر اها بہ وهامندي پيئي وڃي. رب نہ وساريو. انهي ڪم هاج ۾ وڏو ڪم خدائي ڪم آهي. انهن نوڪرين ۽ ٻين جي هٿن ۾ ماٺهو مري ويندو. غفلت پنهنجي رب ۾ اميدوار ٿيو تہ رب نہ

وساريو. جيڪو وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو. ٻانهي رسي تہ بہ ٻانهي مسي، سائين رسي تہ بہ ٻانهي مسي. خدائي امر بہ آهن. فقير جا طالب آهيو، انڪري ٿو چئجي جو نيت خدا سان ڪم پوٽو آهي. ٻيا پنهنجا مسڻ قبر سڀ جوابداريون هن تي اهن، ياد ڪري، اهي سڀ مٿي تي اٿس. ٻيو حلال وجہ جا ڪم نبين بہ ڪيا آهن، اهي پلي ڪري، پر واندو نہ رهجي. اڪ بہ صورت ۾ لڳل هوئي جيئن ننڍو ٻار هجي. ننڍو ٻار مائٽ جي پويان هلندو آهي، هيءُ بہ اولاد آهي نہ،،، سونهون نظر مان نہ ڪڍجي. جاڻ ماڻهو هيڪلو ٿيو.

اهو اٽڪنو پنڌ آهي. انهي ۾ غم بہ ٿيندا آهن ۽ مونجهہ بہ ٿيندي آهي. اجايا ڦرنا بہ ٿيندا آهن، اهو هر ڪنهن طالب کي ائين ٿيندو آهي. تہ بہ خيال ڪي هنيون ويندا آهن. غم ڪائيندو وڃجي. جيڪو غم ڪائي ٿو سو ظاهر بہ وٽي ٿو. باطن بہ وٽي ٿو اٽڪنو ويساهہ آهي پنهنجي رب تي رکٽو، پنڌ بہ وڏايو ۽ اعتقاد بہ وڏايو پنهنجي رب ڏانهن. اهو پنڌ جو اهڙو آهي، ميران ٻائيءَ کان بادشاهي ڇڏائي ڇڏيائين. مالڪ سائينءَ جي پنڌ هلڻ ۾ ڪوبہ اعتراض نٿو جڳائي. جو اهو خدائي پنڌ اصل اهڙي قسم جو آهي.

پنڌ ساروئي ڪيچ جوٿو مٿي آهہ،
اهو پنهل پچاءِ جو منزلان معاف ڪري.

هت پٽڻ بيحد، هُت پرينءَ پرواهہ ناهہ ڪا.

هينئر گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ آيل آهي، اهو نہ وساريو. پنهنجي مالڪ سائينءَ جي طرف ڏي دل کي خبردار ڪجي ۽ خبردار رکجي. اونده ۾ ماڻهو ڪيترا هت هٽڊو. جنهن دل ۾ هي هي نہ آهي، تہ اها دل غير آباد آهي. رب جو چٽتو بينو هجي.

هَي هَي جي نہ هوءِ تہ جيڪر جيءُ جلي وڃي!

جيڪر سُرن وانگر دلاسا ڏيانوَ پر اهو پنڌ جو اهڙو آهي. سايپان هلٹو آهي جيئڻ ٿورو آهي پنڌ گهٽو آهي. اها راهہ جيڪا ورتي اٿو اها راهہ نہ ڇڏيو. آخر اها راهہ وڃي حضور مالڪن جو ڏيکاريندو. ٿوري جيئڻ لاءِ هيءَ عمر سڳوري اجائي

نہ وڃائجي. رڳو زماني ۾ مخمور نہ ٿجي.
حب دنيا، سر خطا

ڏينهن ٿورو منزل ڏور
ويهي ڪين وڃاءِ، توکي وري بہ هلڻو پوندو انهي هوت ڏي.
ڏينهن ٿورو پنڌ گهڻو، ڊوڙڻو اٿيئي تہ ڊوڙ،
جنن راهہ ۾ پوندو ماڻ اها راهہ جهليندي ڪيترو!

عمر سڳوري بيراهي نہ وڃائجي، پنڌ ڏانهن ويهي نہ رهجي جو ويهي نہ سگهيو. جا گهڙي وينو هججي تہ ويني وڃائجي نہ، اڳيئون بہ طالب حق جا وڻن تا، طالب دنيا جا نتا وڻن. هيءُ هلندڙ قافلو آهي، ٽڪيٽ يقين جو پختو رکجي. آهي بہ يقين، ڪاهہ نہ وڏي تہ اعتقاد وڏايو. چڪور پڪيءَ وانگر
اپني توڙ نباهہ، اُسڪي او جاني
الله سائينءَ جي پنڌ ڪان ۽ طرف ڪان بي ڪما نہ ٿيو. بي ڪمو انسان ماتا پتا ڪي بہ نتو وڻي.
سلا اهي جيڪي انگورئون پلا
جهڙي تهڙي حال سان بہ هلو. راهہ جو مرڻ ئي چڱو آهي. پنهنجي رب جو طرف ونيون بينو هججي. گذر جو تہ هڪ پاسو آهي، بيا پاسا بہ نيٺ آهن، ماڻهو هلندڙ آهي، نيٺ اُها منزل ڏسبي. صبوح شام پنڌ ۾ آهي، منزل بہ باري آهي، جو ڪامل ڪنبندا ويا، جيئن پوءِ تيئن منزل کي ويجهو پوندو تو وجي.هيءُ هڪ وڏو سفر آهي، ماڻهو اچي منزل کي ويجهو ٿيو آهي. ڪنهن سنپاريو ڪنهن نہ سنپاريو. هينئر " ونحن اقرب" ويجهو آهي. هتي ڪجهہ بہ نہ آهي. جيڪي آهي سو اڳتي آهي. هيءُ هلندڙ قافلو آهي. انهي ۾ غم بہ آجن تہ بهاري بہ آهي. جڏهن الله بہ آهي تہ پوءِ غم جو پيا ڪريو؟ هر ڪو اميدوار پنهنجي الله ۾ آهي.
ماندي ٿيءُ نہ مارئي جو الله بہ آهي،
متان ٿي ماندي جو ويجها اٿيئي وڻ وندر جا.
تاڪيد اها اٿو تہ جهڙي تهڙي حال سان بہ هلو. هيءُ وڏو سفر آهي، ماڻهو اچي وطن کي ويجهو ٿيو آهي. بيو تہ نہ اجهونہ آسرو اڳتي آهي.

خدائي پنڌ ۾ غم گوندر بہ آهن، زماني جي بهاريءَ کان رب جي طرف جو غم بہ پلو آهي. انهي پنڌ ۾ غم گوندر کائيندا پيا هلو، منجهہ ڏسي بہ رب ڪريم جو يادگيرو نہ وسارجي، جو آهي منجهہ ظلمات حياتي. ظلمات اونده کي چوندا آهن. هيءُ پنڌ نياز جو آهي، سچ جو پنڌ آهي. اجا ڏک انهي پنڌ جا اوهان ڏٺا نہ آهن. رڳو ٻڌا اٿو. ٻيو جي ڏک نہ پڄي تہ هڪ رب نہ وسارجي.

ڏيکاريي ئي ڏکن، نيئي گوندر گس پرينءَ جو،

سونهائي سورن وجي ڪيئي هيڪاندي هوت سين.

رب ياد ڪجي ساڻ خوشيءَ ۽ بهاريءَ جي، غم اچي تہ کائيندو وڃجي.

غم کائڻ غم پيئڻ، غم جي ڪريو غِذا،

دليل چڏي ويهجي. خيال بهاري تڏهن وننڊو جڏهن پنهنجو خيال وجي هُن سان گڏجي. جڻ ذات صفات گڏي. گڏي ڏسجي پر درجہ بدرجہ.

ٿبن پوءِ ٿبي، آهي بي انت ۾.

اهو پنڌ سارو انسان کي متي تي آهي. پوءِ جيئري ڪري يا مُئي ڪري. ڪُريز ڏجيس تہ پوءِ سڪندو. اها ڪريز شهبازن لاءِ آهي. ڪريز انهي لاءِ ڏجي تہ جيئن پراڻا پن ڇڻن ۽ پوءِ نوان پن ڇمن. پنڌ اهو سيڪارڻ گهرجي جو تہ نہ آهي. ڪجهہ سمجهڻو آهي. اهو پنڌ سڱن سان لاڳو نہ آهي. ٻي سر تي هلجي. لاڳاپن واري سر جي طلب ٿا ڪن. پنڌ ڪريو. توهين لاهي پاهي رڳو پيٽ تي ٻيهي رهيا آهيو. ٻار کي هوندو هڪ ٻبو وات ۾، ٻيو هٿ ۾ تہ ٿئين لاءِ پيو واجهائيندو. هن انسان کي هڪ گرهہ وات ۾، ٻيو هٿ ۾ تہ ٿئين لاءِ پيو ڏسي. هر ڪوئي پنهنجي اعمالن سان آهي. وجي ان جي دامن ونجي.خيال خدائيءَ کي مرد تي ونجي.جو اهو پنڌ مرداڻو آهي. هيءُ پنڌ پهلوانن جو آهي. ظاهر ۾ پورا باطن ۾ پورا. خيال سان بہ خيال رکجي. سڏڙيو نہ ٿجي. سڏڙيي جو ڪم نہ آهي، پوتل هججي. لڙهيءَ جو موتي آهي، انهيءَ لڙهيءَ ۾. پيراهي وک بہ چڱي ناهي، سو راه سان وک وڌائيندو هلو.

پنڌ پراهون ۽ منزل ڏور

هيءُ اڻ سڌيو پنڌ آهي. توڪل ڪجي جو وڃڻو ضروري آهي. پنهنجي هيڪلائي ڏسي سونهون نظر مان نہ ڪڍجي. ريس نہ ڪجي ڪنهن سان. سونهون رهبر هميشہ پنڌ وارن کي نظر ۾ هجي. واندو نہ رهجي نام کان، جو

آخرين وقت آهي. انهي دردن جي دنبوري کي هاڻ وڃاءِ ٻوليءَ حق جي سان. اهو خاڪي خرقو آهي. خدائي پنڌ ۾ تکڙ نہ ڪبي آهي. سڀ شيءِ درجہ بدرجہ ٿيندي آهي. مگر وک وڌندڙ هجي. عمر جو پنڌ آهي تکڙ نہ ڪجي، درجہ بدرجہ.

راه ڪان بيراه جو مرڻ ئي پلو آهي. چڙهيا تہ اوهين بہ گهوڙن تي وينا آهيو، پر جڻ تہ جڙَ گهوڙن تي آهيو جو وقتي راه تي، وقتي بيراه ٿو هلي، لغام هٿ ۾ هجي. ڇڏائجي وڃي تہ وري جهلجيس. آخر گهوڙو وهو ٿي ويندو. ۽ پوءِ تہ راهہ تي پيوهلندو.بيراهو ماٺهوچگُوناهي. جيڪا راهہ ورتل اٿو انهيءَ ۾قدم واڌاري ڪندا هلو.هر حال ۾ وک وڌايو، سعيو ڪريو، آخر خدا سان ڪم پوٹو آه. خبردار پنهنجي رب سان ٿيو، مطلب تہ اهو پنڌ اهڙو آه. پهريون ڏک آهن پوءِ باغ بهاري. انهي پنڌ مان نہ ورچجي. عام لاءِ ناهي، جنهن کي رب پنهنجو ٿو ڪري انهن کي غم گوندر طرف انهي جا پيا پوندا. پر الله ڏي بہ وڃجي جو اهو وڃڻ سهٹو آه.

هتين پيرين مولڙين ڪاهج پر ڪاپار،
متان چوري ڇڏئين پرين جي پچار،
توتي سنت سسئي آهي لوچڻ جي لغار،
هوتن لک هزار، تون پاڙج ڪين پنهل سان.

ڪارين ۾ ڪار چڱي ڪورين جي، جو چجي تہ وري ڳنڍين. هونءَ بہ وسري تہ وري ياد ڪجي، وسري تہ وري ياد ڪجي. پوءِ رب ڪريم چوندو تہ هن بہ نہ وساريو، اهو جڻ وسريل ڪين چئبو. ٻولين ۾ ٻولي چڱي ڪنهن جي؟ جتن جي، صبح ٿيندوئي ڪين تہ سويلئي لڏ پلاڻ جون هڪلون ڪندا. جي اٿو يار اٿو، پلاڻيو. پوءِ بہ هونگاريندا هلندا، پڄندا ويندا.

هر ڪوئي موڪليل بندو آهي. بي تاري اولاد ئي چڱي ناهي. تار تن سان لائجي. اها توري ڳالهہ ڪانهي. الله سائين جنهن بندي کي پنهنجو ڪندو آهي انهي کي رايا بہ پنهنجا وجهندا آهي. مڙيوئي تار ڳنڍيل هجي. رازق رب ڪريم آهي، جنهنجي دائم ديگ چڙهيل آهي. جيڪو هر شيءِ کي پيو پهچائي. پالڻهار هر شيءِ جو اهو مالڪ الملڪ آهي، باقي سڀ بهانو آهي. اهو رب نہ وساريو جو بخشيشن جو صاحب آهي. ياد ۾ ياد رهي.

هت سچل سنياريا، هُت سنيار سچل جي،

راه جو هلڻ چڱو آهي، راه ورتيون وڃ. هيڏانهن هوڏانهن ڇا ٿو نهارين؟ بيراهي وک بہ چڱي ناهي. جڏهن بيخوفو ٿيو آهين تڏهن ٿو وقت وڃائين ۽ تڏهن ٿو اِهي ڪم ڪرين، جا شي وڃي پيئي ٿي هٿن مان نڪرندي، انجو سعيو ڪجي، وينو آهي تڏهن بہ وڃي ٿو، ستو آهي تڏهن بہ وڃي ٿو،

ڪيچي ڪهندا ويا، چوندا ويا تہ ونجو واٽ وندر جي،

جڻ راه ونجو اها جيڪا سنئين ٿي اچي، اها راه پنهنجي رب ونرائي آهي جيڪا سنئين واٽ ٿي وڃي رب ڏي. اها واٽ چڱي آهي، ڪنهن کي رڳو بيراهو چئبو تہ ڪاوڙجي پوندو. ڇي بيراه ماٺ ڪر، ۽ هجي بہ بيراهو تہ بہ ڪاوڙجي پوندو. ڪنهن کي ڪٽي چو تہ ڪين ٿيو آهين تہ بہ ڪاوڙجي پوندو. ڪين ۾ وري موتي اهڙا آهن جو شاه سڪندر وٽ بہ نہ هوا ايترا. ڪين نٿو ٿئي، هاٿي ٿو تہ مان پيي آهيان.

اڄ جي محنت سيان تائين بہ نہ رکجي. اڄ جهڙي مهل وري هٿ نہ ايندي. درويش پنڌ ڏکيو آهي. ڳالهو تي خيال ڏنائين تہ خدائي خيال کي خطرو آهي. ڳالهوتي خدائي خيال کي خطرو آهي. هيءُ خدائي پنڌ هڪ خيال جو ڪم آهي. هرڻ جنهن کي ڪتوري دن ۾ هوندي آهي سو چرندو ٻين سان آهي پر وهڪ الڳ هوندي اٿس. درويش لوڪن جو بہ اهو ڪم آهي تہ تنهائيءَ ۾ ويهي، حرف بہ هڪڙو پڏي پيو نہ پڏي. جيڪو محبوبن جو چيل آهي اهو پڏي. اهو ڪاه وارن جو ڪم آهي. انئي پهر يادگيرو اهو نبين جو ڪم آهي. ميران بائيءَ چيو آهي تہ ڏينهن اٿيئي تورو، پنڌ گهٽو، ڊوڙٽو اٿئي تہ ڊوڙ. تکو بہ اهڙو وڃجي جو مرڻ کان اڳي وڃي حياتي ڪٽجي.

گهٽي محبت منجهائي وڃهندي آهي. تون هڪ الله اثبات ڪر. رب جو يادگيرو رکجي. وجود وسري وڃي. وجود خود دليل آهي. پنهنجي دل ۾ دوست پڇائجي. دل وڃان سان پيو رب ياد ڪجي. جهڙي تهڙي حال سان بہ رب جي طرف پيل هججي. بندا بہ رب جا آهيو. اثبات ڪريو پنهنجي الله کي. الله اثبات ڪرڻ آهي نبين جو نيهو. ماڻهو هت آيو بہ اثبات ڪرڻ پنهنجي رب کي آهي.

ويهجي بہ نہ، وڃجي بہ نہ، رڳو لُڙُ مئون نڪرجي تہ چئو پنهنجو الله ڏسجي. پنهنجو وڃڻ بہ ياد ڪجي، پنهنجي هيڪلائي بہ ڏسجي، پوءِ ڪيئن ويهي رهجي! هينئر پارس پرين ويجهو آه، دشمن بہ گهر منجهہ آهي،لڙائي

ڪجي، جيئن اڳيئون فقير جو پٽ سڏين، دوست دشمن جو خيال ۽ رايو سمجهجي، دشمن راه ماريندڙ آهي،

ونيو وجھ واٽ، ڪنڌ نہ قيرج ڪاڏهين،
متان لونڌي سر لپاٽ لڳيئي شاھہ لطيف چوي.

اهي بيت نہ ڪري سمجهو، تہ ساري ڳالهہ توهان جي تا ڪن، اوهين پنهنجيون ڳالهيون ٻڌي سٺي ماٺ ڪري ويهي رهيا آهيو، ڪاهہ وڏائجي، جي ڪاه نہ وڏي سگهي تہ يقين وڏائجي. درجہ بدرجہ نڪرجي. انهي گهر مون، اڏ رات ڪانپوءِ متي ۾ هول (پهلواني توپي) وجهجي، جو اڪبري لڙائي آهي، هينئر حياتيءَ جي سچ بيني لڙائي ڪجي. ائين ڄاڻو تہ جيڪو توهان کي راه رب جي ڪون رنڌائي تو سڄڻ نہ آهي. اڄڻ اهو آهي جيڪو دل جيئري تو ڪري، دلاسو بہ وڏو ڏڍ آهي. دلاسي تي پنڌ ڏانهن بيهي وڃبو آهي، جهڙي جان تا پياري رڪو اهڙو الله پيارو رڪو تہ جيڪر وڃي قبول جو،

آهي اجهاڳہ اهو پنڌ ڙي اديون

هو جهڙو آهي صاحب، تهڙا اتس اٿالا (سامان) اڃي تہ وري ڳُسيئي ڪين.

رڳو عبادت جي رب کي پرواه آهي ڇا! نہ ٻچو ، نيت بہ هجي، نيتان ٿيون قبول پون. عادتون بہ مِٺ ڪندو وڃي تہ ماڻهو ٿي پوندو ۽ اخلاق بہ قرندا ايندا. درجہ بدرجہ پوءِ ماڻهو ٿي پوندو. رڳو پنهنجن وصفن ماڻهوءَ کي مُنو آهي. ماڻهو ڳلا نيڪيءَ ڪان ڏڄن تاه خدا ڪان نتا ڏڄن.

انهي رب جي پاسي جي اهل بہ چڱي آهي. جي عبادت نہ پڇيس تہ چپ جو دڪان کولي وهي. ڳالهائڻ جي واندڪائي نہ هجيس ۽ پوتل هجي. نڪو چور جو خوف نہ ٻئي ڪنهن جو. چپ ۾ رهي. ڪو ڪارائيس تہ ڪائي نہ تہ ائين ئي رهي. جنهنجو سجوئي آهي ان طرف پيل هجي. اهو بہ دڪان آهي. ٿورن ڏينهن ۾ پوءِ گهٽي آمدرفت ٿيندي، ڪو زال لاءِ ڪو ڏن لاءِ، پر ڪو دڪان بہ تہ کولي. پوءِ دشمن کي گوڏي هينان ٻوڙيو وينو هجي.

لائي ترار "لا" جي ڪٽي خچر کي مار،
تہ سموري سرڪار مينگها ملنڊءِ ماٺ ۾.

" لا" جي ترار اها آهي جيڪا توهان کي هتان ٻڌرائي اٿئون.

رب ڏانهن ڳاڳن واري ڪوهي نہ ڪريو جو ساپيان رب ڏانهن هلڻو آهي،

پنهنجي رب تي سايبان ويساهه ڪريو، رمز وارو گهوڙو ئي وڻندو آهي. رمز چئبو آهي ٿور کي. جي رمز نہ هوندي تہ رڳو ڏُگَ هلندو. ڦڦڙ ئي ڇني ڇڏيندو. رمز ڪانسواءِ زمانو رڳو ڏگ آهي. ٻيو ڇا آهي. وهندڙ پاڻي چڱو آهي. بيٺل پاڻي بانس ڪري ويندو آهي. هيءُ بہ پاڻي جو پتلو آهي، هلندو تہ بانس نہ ڪندو. پر جي بيٺ تہ بانس ڪندو. اها آهي پاڻيءَ جي بيماري .اجهو آسرو پنهنجي الله سائينءَ ونو جيڪو بخشيشن جو صاحب آهي. ماتا جي پيٽ مان ڇا آندو هيو جو هت سڀ ڪجهہ پيو ٿو ڪارائي. رب ڪريم لطف فضل جو صاحب آهي، جو جيڪڏهن لطف موڪلي يا فضل موڪلي تہ وس وارو آهي جو انهي وٽ ڪمي ڪانهي،

علم عقل جي جاءِ نہ ڪائي

فضل رحم جي جاءِ آهي، گهري وجهي، چوي ٿو تہ منهنجي رحم ڏانهن اميد نہ ٽيءُ، گهري وٺ، ماڻهو سمجهي تہ ظاهر باطن خوش رهان تہ پوءِ مالڪ سائينءَ کي راضي ڪجي. راض گهري ونو پنهنجي رب کان، جو هو بخشيشن جو صاحب آهي. رازق، مالڪ، خالق، رب آهي باقي ٻيو سڀ بهانو آهي. زمين آسمان جي وچ ۾ ٻئي ڪنهن جو حق ئي ڪونهي،هي مهمان آهي، سڀ سرڪار جو آهي، چڱا ڪم سيبئي انهي مالڪ جي راضي سان ٿين ٿا.الله سائينءَ جڏهن تنهنجي اج بک بہ لاهي ڇڏي آهي تڏهن تون هاڻي رب راضي ڪر. ڪنهن کي جو موڪلجي تہ وجي مصري وٺي اچ، پر جي هو وجي ڦٽڪي وٺي اچي تہ ڪيئن وڻندو! انسان کي رب جي سرڪار حياتيءَ جو خزانو ڏيئي موڪليو آهي تہ

وجي وڪر سو وهاءِ، جيڪو پَئي پراڻو نہ ٿئي

اهو وڪر اهي نالي رب جي جو تہ وجي رب جو يادگيرو ڪر. هيءُ وري بين اجاين ڪمن ۾ پيو آهي. نيٿ تہ سرڪار جي روبرو بہ ٿيڻو آهي.پوءِ اڳيان ڪهڙي آبرو ملنديس.

جي ٻئي جهان وسرن تہ پلي وساري ڇڏي پر هڪ الله نہ وساري. يادگيرو هر جاءِ هر هنڌ ۽ هروقت پنهنجي رب ڪريم جو رکو. تڪيو بہ پنهنجي مالڪ جو ونو. توهين سچا الله جا آهيو سو توهين بہ سچائي انهي طرف بيٺل رهو. پنهنجو الله پاڻ سان دائم قائم سمجهو. ڪهڙا سالڪ ماڻهو آهيو جو گهر جو

مالڪ پنهنجي گهر ۾ وڃائي ويهي رهيا آهيو! ڏيئو ڪڇ هٿ تي ڪو سچ ڳولهيو آهي ڇا! جڏهن رب پاڻ سان دائم قائم ڏسجي تڏهن ڇو تا ڊڄو؟

بئي جهان وسارجن ته پلي وسري وڃن پر هڪ الله نه وسارجي. رب پنهنجي دل تان نه وسارجي. ٻيو سارو جهان وساري هليو،محل ماڙين سميت. الله ياد ڪريو. زمانو ڪيترو ياد ڪيو! پاڻيءِ منجهه آهي مانڌاڻي، هر ڪوئي ولوڙيندو ڇڏيندو ويو.پنهنجي وجڻ به ياد ڪريو. ڪيترو اڳ اڳ ڪيو، ڪجهه پوئتي به نهاريو. مرڻو به ضرور آهي، شل پنهنجو ڪري ماري. جيئن رب ڪريم جي يادگيري ۾ مري وڃجي. عبادت جي هٿ پرواهه ڪانهي پر امر مڃڻو آهي. ڏس پوندو تو وڃي پر هي پنڌ انهن جا آهن جيڪي پنڌ پيا. هٿ تون ياد ڪندين ته هٿ تنهنجو يادگيرو آهي. ڇڏڻ واريون شيون وتو تا سنياريندا.سنيارجي پنهنجي رب کي. عام ڪان خيال کي ڇڏائجي. پوءِ جڏهن هيڪلو ٿيو پوءِ مدد سنياريندو.تون رب ڪريم جو يادگيرو سنيار ته تون به سنيار ۾ اچين. خيال سان خبردرا! اک پاڻ سان اٽڪاءِ مردانو پنڌ آهي.

انهي پنڌ ۾ خشڪي به ٿيندي آهي.خشڪيون ٻن قسمن جون ٿينديون آهن. هڪ خشڪيءِ جي بيماري ٿيندي آهي. ٻي خشڪي اها جا پنڌ ۾ لڙائي ڪندي آهي، اها خشڪي چڱي آهي جو غير کي جلائي ٿي.

منهنجو ماڻهو بندو آهي اهو هينئر ويجهو آهي.لڄ لڏ ءِبهاني تي رکي ته به هلو. هيءَ ڪنهن جي ترسڻ جي جاءِ ناهي. گهڻو ئي ترسيو آهي باقي الائجي ڇا آهي.اهو هلڻ اهڙو آهي فقط هلو پيا. جهڙي تهڙي حال سان ته به هلو، اهو پنڌ نبين ۽ اوليائن جو آهي. اهو پنڌ مردن ۽ عارفن جو آهي.جيئري ملياسون ته لک آهي نه ته مري نه ملون! هتين پيرين هر ڪوئي تو هلي

تون هل هيئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار

اٿي رب جي پنڌ جي ڪريو، مٿي پر به هلو جو آيو ٽڪيئي ڪونه ٿو.

وک وڌائجي ته چڱو آهي نه ته اعتقاد وڌائجي. انهي پنڌ ۾ ڪاه ڪجي، ڪاه کي وڌايو ، وک وڌائجي، ڪاه گهٽي جيڪڏهن نه پهچي ۽ نه وڌي ته يقين کي وڌايو. آهي به يقين. مذهبن کي ڇا ڪبو، يقين رکجي اهو پلو آهي، زماني جا ڪم انشاءَ الله تعاليٰ پيا ٿيندا، اوهان پنهنجي گهر جو ڪم ڪرڻ آيو آهي. جنهن ڪان پنهنجوگهرئي وسري ويو، انهي کي ماڻهو نه چئبو. ڪجهه ماڻهو ٿيو، معرفت ۾ ماڻهو اچي ٿانهرجي ٿاںءِ تو ٿئي.

# محبت

محبت هڪ مالڪ سان هجي جو محبوب بہ مالڪ کي چوندا آهن.محبت رب ڪريم جي ڪانسواءِ ٻيو سڀ وسار. سواءِ سندس محبت جي ٻيو ڪجهہ ڪونهي. محبت رب جيءَ ۾ رهو. محبت الله جي ڪون سواءِ اجايو وقت نہ وڃائجي.سڀ وقت هتئون پيا ٽا وڃن.

ريءَ محبت آهي منهن ڪارو، سڃيڏنا ڪونہ سنياري ٿو. محبت ڪانسواءِ دل مرده آهي. جيئن رب جي محبت ۾ پيو ايندو، تيئن اخلاق بہ مٺ ڪندا ويندا ۽ خلط بہ ماڻهوءَ جا مٺ ڪندا ويندا. رب ڪريم جي محبت ۽ يادگيري ۾ گهٽو رهجي.سواءِ محبت رب جي ٻيو هتان مال ڪهڙو ماڻهو ڪٺي هلندو! سواءِ ذات حق جي ٻي وسنئن ڪانهي وچ تي. محبت موليٰ جي عجب آهي. مخمور پنهنجي رب جي محبت ۾ ٿيڻ گهرجي. دنيا جي مخموري آخر فنا آهي، سواءِ رب جي محبت جي نہ ٻي اجائي بڪ بڪ آهي.

وڪر رڪيل هوندو تہ خريدار پيا ايندا.ماڻهن جي لش پش چا ڪبي! هڪ رب کي پنهنجو ڪجي. دم دم تي سعيو جي، محبت رب جي رکجي. وڏي عبادت محبت مالڪ جي آهي. سواءِ محبت مالڪ جي ٻيو اجايو دم نہ وڃائجن. رب جي محبت سان رهندا تہ زماني جا غم بہ لهي ويندا، محبت رب جي نہ ڇڏيو، پنهنجو اصل سنياريو.

محبت سهٽي جي لڳو، جنين جي محبت الله سائينءَ هڪ ڪئي آهي، اهي مئي بہ ڳڏ آهن، جيئن جيئري آڪهہ ڳڏ هوندي آهي. محبت مالڪ ۾ جيڪي آهن، اهي مئي بہ ڳڏ آهن، جدا نہ ٿيندا.اوهان بہ مالڪ جي محبت ۾ رهو، جيڪي مالڪ جي محبت ۾ آهن، اهي جدا نہ آهن، مونسان ڳڏ آهن، رب ڪريم جي محبت ڪانسواءِ ٻيون سڀ محبتون زماني جون ڇڏٽيون آهن، ڇڏيندو بہ وڃي ٿو پيو. زماني جي محبت ڪان مالڪ جي محبت پلي آهي. زماني جي محبت ڏانءِ اڇيو ٿي، باقي محبت مالڪ جي ڏانءِ نتي اڇيوَ.اوهان وڪر وِهايو پر محبت رب ڪريم جو. باقي سڀ فنا آهي، سو فنا جي محبت ڪيتري ڪبي، آخر فنا فنا

آهي.اصل پنهنجو ياد ڪريو، باقي نقل ۾ ڪيترو بيهبو! جيئن وصال وجي محبت رب جيءَ ۾ ٿئي.ماڻهو مري ٿو وجي پر محبت نٿي مري.محبت رب جي نہ ڇڏيو. اها نيت ئي پلي آهي،پنهنجي رب ڏي رکڻ جي.

محبتي ميڙي ڳوٺ ٻڌجي هڪڙو،
تنين جي ويڙهي، هلي ايندو بادشاهہ.

ماڻهو محبت رب جيءَ ۾ گم هجي. محبت جو مرڻ بہ پلو آهي. محبت مالڪ جيءَ ۾ مرڻ عجب آهي ۽ ٻئي جهان موچارا ٿين ٿا. دانهون بہ محبت ڪرائيندي آهي. خبر اٿو تہ تائيم حياتيءَ جو پرجي آيو آهي؟ اوهان وٽ محبت ڪانهي.پاڻ سمجهايو جيئن محبت رب جيءَ ۾ رهو تہ رب نگهبان ٿئي.ايڪيتاليهون حصو هججي زماني ۾ چاليهہ حصا پنهنجي رب جي محبت ۾ هججي. مالڪ جي نام سان محبت رکجي جو آخر مالڪ سان ڪم پوڻو آهہ.اها محبت ڪو ڪو رکندو آهي.سالڪ رکندا آهن.

مالڪ جي محبت ڪانسواءِ عمر بيراهي ٿي وڃي.پنهنجي مالڪ جي محبت ۾ رهجي. هر حال هر هاج ۾ مالڪ جي محبت نہ ڇڏجي. گهر ۾ پلي ڪري مالڪ جي ٻولي هجي.

ڪو پورڙو يا گهٽ عقل وارو ماڻهو اچي تہ پاڻ ماڻهو ان تي کلون ٿا، پر اهي پاڻ کان چڱا آهن جو عقل تورو اٿن.هيءَ سڄي مار ئي عقل تي آهي. هڪ ڪراچيءَ جي سکر ماڻهوءَ وڏي وڪيل کان پڇيوسين تہ ٻچو محبت الله جي چڱي يا دنيا جي؟ وڪيل جواب ڏنو تہ قبلا سائين محبت الله جي چڱي. اسان چيس تہ ٻچو تون چريو آهين.وڪيل ويچارو ماٺ ڪري ويهي رهيو. تڏهن چيونسينس تہ ٻچو اڳيئون چريا انهن کي چوندا جيڪي سمجهيون وينا آهن پوءِ بہ نٿا هلن. سڄي مارئي عقل وارن ۽ سمجهہ وارن تي آهي.

محبت ظاهر جي بہ عجب آهي، دل جيئري رکندڙ آهي. نہ تہ جيڪا شي اوهان کي مليل آهي اها اجاڙو نہ سهين! انهي کان وڌيڪ اوهان کي ٻي شي سمجهڻ ۾ اچي تہ اها مون ڏي لکي موڪليو. جيڪڏهن ظاهر جي امن گهرو تہ محبت رب جيءَ منجهہ رهو، مون توهان کي ستيون ئي وڏيون آهن محبت رب جيءَ جون. ستي اوهان کي اهڙي وڏل آهي! مائٽ اولاد کي ڪوڙيون ستيون

وجهندا آهن، سو اهڙي ستي ٻنهي جهانن ۾ ملندي، جيڪا اوهان کي پيل آهي.
هي زمانو اهڙو آهي جو رب جي محبت کان رنڌائي تو ڇڏي. جن جون سچيون دليون الله سائين تو ڪري ، اهي هليا تا هلن.

سچا تا رکن سچائي، ناهي ڪم ڪچن جو
ريءَ محبت آهي منهن ڪارو سچيڏنا ڪونہ سنياري تو،
صادق شاهہ سائين تو فرمائي تہ
جي مونکان پڇن سپرين تہ پريت ڪهڙا پار،
مئا مور نہ ڪن مٿي سرسينگار.

اجايون هيڏي هوڏي جون ڳالهيون دل ۾ نہ رکو. هڪ ڳالهہ رکو. اها آهي محبت پنهنجي رب جي. ٻہ زبانون ڳوهہ رکندي آهي، توهين هڪ زبان رکو، هڪ پنهنجو الله قبول ڪريو، زماني ۾ واجبيءَ مناسبيءَ سان رهو. چاليهہ حصا پنهنجي رب سان هجو باقي ايڪيتاليهون حصو زماني سان رهو. طلب دنيا جي ڇڏي طلب پنهنجي رب ڪريم جي رکو تہ وٽي اچو پنهنجي رب ڪريم کي. زماني جي محبت مان ٻہ پنهنجي رب جي ٻي باس ئي نہ باسيو. ماڻهو هميشہ گڏيل هجي. سواءِ رب جي جڻ ماڻهو جدا آهي. ظاهر باطن فقير کي پرتل آهيو.

لارو رب جو نيئن ڏيکاري تو در دوست جو.

رب جي طلب رکجي. پوءِ دوزخ بهشت سڀ انهي جي وس آهن. ماڻهو لاري لڳل هجي. ماڻهو ماڻهوءَ جي لاري لڳي تو تہ ماڻهو ڪيتري تو ڪري انهي جي. پر جي ڪو رب جي لاري لڳي تہ رب هنجي ڪندو ئي ڪونہ ڇا! قري نگهبان تو ٿئيس جيڪو سندس لاري تو لڳي. پوءِ

سي ڪيئن اجهامن مچ، جنجا سنياليندڙ سپرين،
ملي تہ ملندياس ، نہ تہ گهوري جند جتن تان.

مليو تہ لڪ آهي نہ تہ ٻہ قربانيءَ ۾ نہ آيو. قربانيءَ جون ڪڪريون ئي قبول ڪري تو. سواءِ لاري رب ڪريم جي ٻيو ڪهڙو لارو آهي جو اهو ونجي! جي اهو لارو نہ هجيوَ ها تہ اوهانجو اهو هوش ڪٿي هيو! پنهنجي رب جي پيش پيل هجو. من سهاڳ جي رات ڪنهن وقت اچي ٻہ وڃي! اڳيئون ٻہ سهاڳڻ تڏهن سبينءَ خط لکڻ جو رايو ڪونہ تو پويوَ. جو پريت ناهي. گهگير تي پيا آهيو

انهيءَ ڪري جو موت جو ڇرڪ ڪونہ اٿوَ.

انسان جو شان آهي قرب سان. قرب ڇڏيائين تہ ڇڻ شان وڃايائين. شان بہ قرب سان آهي. هي دليون بہ پنهنجون قرب ڳڏيون آهن، قرب سان آهي تہ ماڻهو شان سان آهي.

انهي طرف جي رڳي سڪ بہ عجب آهي. اهي بہ لک شڪرانا پنهنجي مالڪ جا جو اها سڪ ڏنائين. جي ڪنهن ٻئي طرف جي سڪ ڏئي تہ بہ وس وارو آهي. اهي سڀ سندس مهربانيون آهن جو وري بہ پنهنجا يادگيرا تہ ڏئي ٿو. جي ڪنهن ٻيءَ راند ۾ ريجهائي ڇڏي تہ بہ وس وارو آهي. بس توهين رڳو پنهنجو رب نہ وساريو.

# عشق

عشق اسرار آهي. عشق الاهي آتش آهي جا ساري غير کي جلائي ٿي. عشق ماري وري جياريندو آهي. عشق عقاب شتاب آهي، بازن وانگي بکيو آهي. عشق چرچيبازي نہ آهي. مرداني راند آهي، عارفبازي آهي، اولياﺋن جي راند آهي. سائين شاه شهيد بادشاه جو بيت آهي تہ

عشق نہ آهي راند، جان جان کيڏن ڳيرو،
جيءُ جسي جند جان جي، پيچي حج هيڪاند،
سسي نيزي پاندِ، اچل تہ اڏ تئي.

مطلب تہ عشق آهي محبت رب جي، عشق ۾ فراق آهي، عشق ۾ گوندي آهن، عشق جي پنيان گلا آهي، اٽڏنو هيءُ ويساهہ آهي، ڪٽڻ هارائڻ جي جاءِ اها آهي، وري نہ اهڙو وارو ايندس. اها دل مرڻ جي نہ آهي جيڪا عشق جاڳائي، ديدار کانسواءِ ٻي دوا ڪانهي انهيءَ بيماريءَ جي، هيءَ دانهن سپ جدائي ٿي ڪرائي. جنهن دل ۾ هي هي نہ آهي اها دل آباد ناهي.اهو پنڌ پتنگن جو آهي،

عاشقن تي اندوهہ سدائين معشوقن جو،
جي هجين عاشق تہ مينهن محبت جو وساءِ،
جي رکين سانگو سر جو تہ پير هن پڙ ۾ نہ پاءِ.

اها راهہ جيڪا ورتي اٿو، سو اهائي راه وجي عشق جي بازار ۾ وجهنديوَ.
عشق آتش بازي آهي، سسئي پنهون اهي جي ڳايا اٿن، اها آڙ ڪئي اٿن. ڳالهہ مڙيائي پنهنجي ٿا ڪن،بندوق جا توبچي هٽندو سا آڙ ناهي هٽندو. اهي آڙون ناهيون اٿن ڳالهہ رڳي پنهنجي ٿا ڪن. هيءُ پيدا ٿي عشق مان ٿيل آهي. پٽ بنياد تي ويندي آهي، عشق ڪانسواءِ ماڻهو حيوان آهي.
عشق بلا شاهہ دا اوڪا اٽاڳا، ڪائي رين نهين واندي.
سو حيراني خيال ڇڏي پنهنجو رب اثبات ڪريو جو نيٺ پنهنجي رب سان ڪم پوڻو آهي. جن ڪي دل سان لڳي آئي سي دانهان ڪندا ويا. جنهين جي دل

۾ اَٿ ئي پهر الله آهي. اهي بي فيضا نہ آهن، باقي عشق تہ اجا ڳيرو آهي. ماٺهو هن جهان ۾ آيو بہ کنهن فيض جي واسطي آهي. اهو فيض آهي جو دانهون ٿو ڪرائي.

جنهن دل کي طلب هوندي آهي اها دل گهرندي آهي. هن تڙ جي اُڃ اهڙي اهي جو پيتي ئي نہ لهي. جيئن ويجهو پوندو ايندو تيئن چوندو تہ چڻ مون کجهہ بہ نہ ڏنو. چڪور پکي آهي چنڊ تي عاشق. چنڊ ۾ چار ئي پهر اکيون وجهي بيٺو هوندو، ننڊ نہ هوندس. ٻيا پکي طعنا هڻندا اتس ڏينهن جو تہ ساري رات حيران آهين، چنڊ توسان ڪڏهن بہ ڳالهايو بہ؟ جي نہ تو لاءِ ڪڏهن بيٺو بہ؟ جي نہ. پوءِ تون جا تي حيران ٿيو آهين؟ چڪور جواب ڏنو تہ

اپني توڙ نباهہ، اُسڪي او جاني

هن تي بہ اهو حق آهي تہ

ملي تہ ملندياس نہ تہ گهوري جند جتن تان.

رب جي راهہ سان نباهڻ مشڪل بازي آهي. جهڙي تهڙي حال سان بہ هلڻ ڪپي. اولياءُ ٿو هڪڙو چوي تہ توهان جو ارمان آهي اسان کي جو گهر جو مالڪ ۾ وساري ويهي رهيا آهيو،اولياءَ پيو ٿو ارمان ڪري. رب جو عشق گهري وٺو، ملي ٿو. جي نہ ملي تہ ماڻهو چوگهرن!

هي جهان هڪڙو ميدان آهي، تنهن ۾ بہ جماعتون لنگهي آيل آهن. نـنـدي عقل اچي ڏٺي ڏڪر ڪنيون آهن. غازين وري عشق جي تاڙي هنئين، سر گوءِ رکيائون. اوهان کي انهيءَ راند ۾ چڏيو اٿئون، عاشقن راند ۾، ٻاراڻي راند نہ آهي. مرد ٿي وڃي انهي پنڌ کي. عشق جي تاڙي لڳي تہ سر گوءِ رکجي. زماني ۾ تہ غم گهڻا آهن پر عشق جو غم آهي ٻيءَ طرح.

ڪافر ٿئي عشق ڏي، عقل ڊجي ٿو تہ متان شينهن عشق جو، ننڊ ۾ آهي سو اٿي گهُر نٿو ڪري.

لوڪ لهوارو لڙهيو، هليا عاشق اوڀارا.

عاشق پنهنجي رب تي ٿجي. عاشق ٿي پئجي پنهنجي معشوق تي، عاشق ٻڪرا معشوق ڪاسائي، جڏهن ڪسڻ قبول ڪري! جي قبول ڪيو انهن جو حال ڏٻرو آهي. سي ڏٻرا آهن ۽ عاقل متارا آهن. ڏٻرا ڪاساين بہ نہ قبولا پر جيڪو فراق انهن ڏٻرن ۾ آهي سو متارن ۾ ڪونهي.

قرب جي ڪاتي حياوَ سان ٿي ڪُهي ۽ انسان کي خبر ئي نٿي پوي. جيسين بلڪل ڪسجي وڃي. هڪڙا قرب جا ڪنل آهن، ٻيا لوهه جي ڪاتين سان ڪنل آهن. عاشق معشوقن جا ڪنل آهن. ڪنلن مان دانهن نہ ٿيندي آهي پر جيڪي ڪسندا پيا سي دانهن ڪندا.

معشوق پنهنجي رايي وارا آهن. پر عاشق وري معشوق کان پري هوندو ڇا! عاشق ۽ معشوق گڏيل آهن. هي سمجهه جو ڦير آهي. معشوق اولائتو پيو رئندو عاشق کي مَنجهه نہ ڏيندو. عاشق ۽ معشوق ٻئي باحجاب رهندا آهن، گستاخ پاڻ ۾ نہ ٿيندا اهن. عاشق معشوق کان جدا نہ آهي، جيڪي حيران ٿي ٿا پون ۽ ملي نٿا سگهن. ويجهائي اهي آهن، عاشق ۽ معشوق جو ملڻ ٿيندو آهي، سپنو نہ آهي ساپيان آهي.

جيڪڏهن عشق گهرين تہ حرام ڪاءُ جڏهن حرام ڪائيندين تڏهن حلال کي پهچندين. حرام جيسيتائين نہ ڪائبو تيسيتائين حلال جي خبر نہ پوندي. حرام آهي پنهنجو ماس.

خاص طعام لحم گفته مرسلان،
لحم خود گفته نہ لحم ديگران.

ڪسندي حلال شيءِ آهي. حلال کي حرام نہ چئبو آهي. حلالين کي حلال ٿو ڪارائي، حرامين کي حرام ٿو ڪارائي.

سوري ۽ سڪڻ جي اڪر هڪڙو آهن.
هوءَ وهاري واتن تي ، هوءَ رئاري ضروري،
ٻنهي جي پوري، جيءَ ڏئي ريءَ نہ رهي.

توکي اجا نہ واتن تي وهاريو اتس نڪو وري رئاريو اتس، تون تہ اڳ ۾ پنهنجي ٽڪڻ جون ڳالهيون ٿو ٻڌائين، متي پر بہ هل. پر جي متي پر نہ هلي سگهين تہ پاسي پر بہ هل. ٻيو اهڙي صلاح جهان ۾ ڪونہ ڏيندو.

پکي هڪڙو درياه جي اورينءَ پر ۽ ٻيو وري پرينءَ پر. انهن مان هڪڙو ٻولي ڪندو آهي، انهي ٻوليءَ تي ٻئي پکي اڏامندا آهن پر ملي نہ سگهندا آهن. وري ماريءَ ماري هڪ ڳوٺڙيءَ ۾ وڌا. پر وري مارڻ واري کي پيا دعائون ڪن تہ تو اسان جو ميلو ڪرايو آهي.

پکي جڏهن ٻئي هڪ ٻوليءَ ۾ هوا تہ ماريءَ بہ قصد ڪيو، پر انهن مان

هڪ پکيءَ وري بوليءَ جي مٽ ڪئي. تڏهن ماري بہ قصد ڪٽي ڇڏيو. هاڻي وري جڏهن ٻئي پکي ساڳي بولي ڪن تڏهن تہ ماري بہ تيار ٿيندو.

ٻيون بوليون سڀ وهم آهن ڇڏي ڏيو، هڪ رب جي محبت ۾ رهو. دل مان هڪ ڪڍي حق سان رهو، فقط هڪ بوليءَ سان. رب راضي ڪريو ۽ رب جي امر سان رهو. پنهنجو پاڻکي سمجهائجي. رب ڇڏي ٻيءَ بوليءَ ۾ ماٺهو پيو تہ ڇڄڪ ٻتڙ ۾ پيو.

ٻچو هي ڪير بہ جيڪر نہ پئجي پر قبضي نٿي ڇڏي. ادهم سلطان بخارا جو بادشاھ هو انهي ڪهڙا ڪير پيتا ۽ ڪهڙيون قبضيون ٿيس! نين وزير هو اهو ساٺس وزيري ڇڏي نڪتو ۽ گڏ هوس. انهي پنهنجي شعر ۾ چيو آهي تہ سلطان طعام اهڙا ڪائيندو هو جو ديگڙا هميشہ چڙهيا پيا هوندا هوا تہ بادشاھ الائي ڪيڏي مهل ڪاڏي جي طلب ڪري. سندس خوراڪ هر وقت تازي هوندي هئي ۽ رات ڏينهن بورچيخانو تيار رهندو هو. انهي بادشاھ کي اڄ ڪاٺ جي ماني ٻڌل آهي. سلطان جي پوشاڪ درزي هميشہ سبندا ئي سبندا هئا. ڪپڙا اهڙا پهريندو هو جو پنج دڪا ڪپڙن جي تور هجي. اجا ڪپڙو بدن تي پاتو تہ لاهي وري ٻيا ڪندو هو. سو وري اڊائي مٽن جي گودڙي ڪنيائين. گهوڙن جي سواري ائين ڪندو هو جو ڏينهن ۾ ڪيترن ابلق گهوڙن تي سواري هوندي هيس. اهو جبل جي چوٽيءَ تي لانگ ورائي سوار ٿيو. اتي ٻٽ لڱو پيو هو. الله سائينءَ پنهنجي پياري لاءِ هرڻين کي حڪم ڪيو. اتي ڪبڙا آهن اهي اچي انهن ۾ ڪير هاري ويندئيون هيون. ادهم سلطان پنهنجي نفس کي چوندو هو تہ گهرج هجيئي تہ پلي ڪاءُ پيءُ، هي ڪاٺ جي ماني اتيئي ۽ هو ڪوندا ڪير جا. مونکي طلب ڪانهي، توکي آهي تہ تون ڪاءُ. ظاهري بادشاھ ۽ نازڪ بدن هو مگر عشق تہ اهڙا ڪم ڪرائي ٿو پيو. باقي زمانو تہ ٻاراڻي راند آهي، سو ميدان ۾ مرد ٿي مرداني راند ڪيڏڻ گهرجي.

# رب جو خوف

رب جي خوف کان بيخوفا نہ رهو جو ڪامل ڪنبندا ويا آهن. بيخوفائيءَ ۾ رب وسري ويندو آهي. خدائي خوف رکجي جو اول آخر خدا سان ڪم پوڻو آهي. جنهن جو خوف رکجي وري اميد بہ انهي ۾ رکجي. جنهن مالڪ جو موڪليل بندو آهي، وري بہ انهي سرڪار جي روبرو ٿيڻو آهي. هر ڪوئي موڪليل بندو آهي، حياتيءَ جي خزاني سان.

اڄ ماڻهو ڳلا نيڪيءَ ڪان ڏجن تا پر الله سائينءَ ڪان نٽا ڏجن. خدا جو خوف وڏي عبادت آهي. بيپرواهي نہ انهي مالڪ ڪي ڄڳائي. جيڪڏهن اوهين سندس طرف کان بيپرواهي ڪندا تہ آسمان چبو نہ ٿيندو! پر سڀ ڪنهن ڪي آئي خبر پوندي الله سائينءَ بہ پنهنجا امر واقف سڀ ڪنهن ڪي ڪري ڇڏيا اهن. مرشد بہ چئي رهيا آهن، ڪامل بہ ڪنبندا ويا آهن، تہ توهين الائي چو بيخوفا ٿيا آهيو! بيخوفا ئي هر گز چڱي ناهي.اوهان ڪي مالڪ جي بيپرواهيءَ جي خبر ڪانهي تڏهن بيخوفا ٿيا آهيو. خدا جو خوف رکو ۽ پنهنجو مدايون بہ سنڀاريو.

هو تہ دوست ڪهائي دادلا تو محب مارائي،
خاص خليلن ڪي تو سختيون سهائي،

پوءِ پُلن ۾ آهي مومل جي منزل جي.

جنهن بہ شيءِ جو خوف هوندو آهي تہ اها شيءِ وسرندي ناهي. ماڻهو جيڪڏهن بيخوفو ٿيندو آهي رب ڪريم جي طرف ڪان، تہ پوءِ رب بہ وساريندو آهي، جنهن سرڪار هٿ موڪليو آهي حياتيءَ جي خزاني سان، سو وري بہ انهي مالڪ جي روبرو ٿيڻو آهي. اهي ڳاڱن واريون ڳوهيون بہ پنهنجي مالڪ جي خوف کان ٿا ڪريو!

باه جي سيڪ مان سيءُ لهندو، سيءُ لهندو، سوڙ ۾ بہ سيءُ لهندو،پر سالڪ ،باه جي اوڏو،توڙي سوڙ ۾، تہ بہ پيو ڏڪندو،خدا جي خوف جو سيانتو

بينو هوندس. خوف جو فڪر سو ٻه سالڪن تي ٻيهي ٿو.سالڪ بيخبر ناهي ڪنهن ٻه تات ڪون.بيخبر اهي آهن جن هتي اچي پنهنجو الله وساريو آهي. سالڪ سالڪ آهي، بيخبر انهي ڪي چئبو آهي جيڪو رب ڏانهن بيخبر آهي. سالڪن جو چوڻ آهي ته :

لُڪان لڪ لڳن ته ٻه پير نه ڇڏج پنهل جو.

جاهل ٻه انهي ڪي چوندا آهن جو پاڻ پنهنجي طرف کان بيخبر آهي. جيڪو پاڻ کان بيخبر آهي. سو گمراهه آهي، جاهل ڪري چئجي جو پاڻ نه سڃاڻي. عقل ٻه جيڪو وهيءَ ۾ هٿ آيو سو آيو نه ته پيريءَ ۾ اڳيون ٻه وڃي ٿو. جيڪي عقل ڪي پهتا سي ائين گهگير نه ٿيا، جيئن اوهان ٿيا آهيو، ڇو جو بيخوفائيءَ ۾ رب وسري ٿو وڃي. بادشاهن ڪي خدا جو خوف پئجي ويودل سان لڳي آئي، تخت بخت سڀ وسري ويا، هڪ رب ياد اچي ويو. بادشاهن ڪي دل سان لڳي آئي، لنگ لڳي ويو، بادشاهيون ڇتي ويئون. پيرن ڪي جڏهن ڳالهه دل سان لڳي آئي، تنبو طولان ڇتي ويا، بنديون سيراندي ڪري سمهيا. ڇڏي باراٽيون عادتون وڃي مرداني عادت سکو، ڇڏي زالاٽي وک، مرداني وک کڻو.

اول آخر خدا سان ڪم پوٽوآهي ، سوخالق مالڪ جي طرف کان بيخوفا نه ٿيو. ڪڏهن خبر نه پوندي جو سودو صرافن جو اچي ويندو. انسان ڪي انهي طرف کان رهايو ٻه بيخوفائيءَ آهي. خدائي خوف ڪونهي. جنهن ڪي خدا جو خوف ڪونهي اهو ماڻهو ڇا چئبو؟جن ڪي خدا جو خوف ناهي انهن بيخوفن کان نبي ٻه ڊڃن ٿا، اولياءَ ٻه انهن کان ڊڃن ٿا. ڇون ٿا ته هڪڙو ڪتو انن پهرنم سوڪوهه ڪري ويو. ڪيئن ڪري ويو؟خوف پنڌ ڪرايس، موت جي خوف، هن ڪي ٻه موت جو خوف پنڌ ڪرائيندو. خوف سان رهجي.

ڪنهن اوهان ڪي هيتري عزت آبرو ڏني آهي، تنهن خدا جو خوف اوهان ڪي ماڻهن ڪي نتو پوي!وجود پيارو ڪريو، توڙي رب پيار ڪريو،بيخوفا هرگز نه رهو. نيٺ خدا سان ڪم پوٽو آهه، ننڍن ٻارن وانگر روند ۾ رهجيو يا آهيو،جنهن اوهان ڪي هٿ موڪليو آهي وري انهي مالڪ جي روبرو ٿيڻو آهي. حياتيءَ جو خزانو سرڪار اجايو وڃائڻ لاءِ ته ڪونه ڏنو آهي!سو سڃايو ڪجي. انهي سرڪار جي بيپرواهيءَ جي خبر نه اٿو!

اوهان پنهنجي رب کان ڊڃو. ماڻهن کان ڪيترو ڊڃيو! هيءُ سارو جهان

ڏاريءَ رب جي سان ٿو ٽڳي، جيڪو لطف فضل جو سائين آهي. ٻئي سندس نوڪر هارا (نوڪر آهن) جي فضل جو سائين آهي. جي فضل منجهي تہ ٻہ وس وارو آهي. جي لطف منجهي تہ ٻہ وس وارو آهي (لطف ،مهرباني، فضل آزادي سيني غمن کون) رحم ۽ لطف پيا گهرو پنهنجي رب کون ، جنهن وٽ ڪمي ڪانهي ڪا، هوڏانهن گهٽ ڪانهي، گهٽ رڳي پاڻ ۾ آهي. ٻنهي رب جي رحم ڏانهن ٻي اميد نہ ٿيو جنهن جا ٻندا آهيو. رب نالائق نواز آهي. پنهنجي رحم ڏهون الله سائينءَ ڪنهن ڪي ٻي اميد نہ ڪيو آهي. اوهين ٻہ اميدوار ٿي رهو ۽ اميد رکوپنهنجي الله سائينءَ جي رحم ۾. نيت صاف تہ مرادان حاصل، ڏسجي تہ مان انهي الله جو ٻندو آهيان. جيڪو بخشيشن جو صاحب آهي. انهي جا ٿي، اهو در هڪ ڏسو. ٻي اميد پنهنجي رب ڏهون نہ ٿجي. الله سائينءَ ڪان امن امان پيا گهرو. ماڻهن ڪان نہ ڊڃو، الله سائينءَ ڪان ڊڃو. انهي سوڙهہ سنگهوڙ ۾ هر ڪوئي پنهنجا وسيلا سنياريندو آهہ. ڊڃو خدا جي خوف ڪان. اٺ مست پويون لڳو ٿو اچي، خبر نہ اٿو نہ تہ هلڻ ڪان جيڪر ڊوڙڻ ڏانءِ اچيو.

پنهنجي رب ڪان گهرو. امان ڏيندڙ آهي. رب جي رحم ڏانهن ٻي اميد نہ ٿجي. رب رحيم آهي، وڏا خزانا خير جا اٿس. رب ڪريم پنهنجي امن امان ۽ پڙهده پناه سان ڍڪي وندو آهي.

سرڪار اعليٰ ٻي پرواهہ سرڪار آهي جتي چوڻ چائڻ جو ڪنهن ڪي اختيار ڪونهي. رب لاشريڪ جنهن جو شريڪ نڪوثاني. نہ حجت جي جاءِ نہ ڏوراپي جي جاءِ. باقي سندس لطف ۾ هر وقت اميدوار رهجي. ٿڌيءَ ڪوسيءَ رب نہ وسارجي. سواءِ سندس رحم ۽ ڪرم جي ٻيو چارو ڪونهي. الله سائينءَ جو فرمان آهي تہ منهنجي رحمت مان اميد نہ لاهيو. رب ٿو چوي تہ جيڪو مونڪان ڊجي ٿو سو قبر قيامت جي تڪليف ڪان نہ ڊجي. اوهان ڪي الله سائين پنهنجو ڪري. جيڪي الله ڪي پنهنجو ڪري سمجهن ٿا، الله سائين ٻہ انهن ڪي پنهنجو ڪيو آهي.رب بيپرواهہ آهي جنهن ڪان ڪامل ڪنبندا ويا آهن. خوف رڳو اڳ جو پيل اٿن تہ الله شل پنهنجو ڪري.

رب بيپرواهہ آهي ۽ بيپرواهيءَ تي بيٺو آهيءَ ڪيل اعمالن جي شامت آهي. رب بيڏوهو آهي. جڏهن مالڪ راضي ٿيو تہ دير ڪانهي. اهو پنهنجو رحم مخلوق تي فرمائيندو. اڄ رڳو اسان بندن ۾ بيخوفي آهي. خدا جي خوف اصل

www.sindhsalamat.com

ڪونهي، تڏهن مالڪ الملڪ بيپرواهيءَ تي بيٺو آهي. جڏهن راب راضي ٿيندو تڏهن ملڪ نهندو. اڄ ماڻهو بلڪل ٿورو آهي ۽ حيواني گهٽي آهي. بيخوفي خلق تنهن ۾ خدا جو خوف ئي ڪونهي. منزل جي خبر ئي ڪانهي.

خدا سڀ گناهه بخشي ٿو جو بخشيش جو صاحب آهي، باقي هڪ بيگناهه خون نٿو بخشي. بخشيش بہ گنهگارن تي ٿيندي آهي. ديوان حافظ ٿو چوي تہ ڪرامت جا حقدار بہ گنهگار آهن.، سخيءَ جي ڪرامت بہ گنهگارن تي ٿيندي آهي.الله سائين راضي ٿي وري انهن کي بهشت ۾ وجهندو آهي. سواءِ گناهن جي سخيءَ وٽ ويندو تہ گنهگار ٿي پوندو تہ چو آيو آهين سواءِ ڪم جي! رب ٿو فرمائي تہ مون توکي پنهنجو محتاج ڪري موڪليو آهي، تون وڃين منهنجي محتاجن جو محتاج ٿيو آهين!.

گرفتم دامن از تو شاه مردان،
مرا محتاج نامردان مگردان .

(اي مردن جا سردار تنهنجي دامن جهلي اٿم مونکي ڪنهن نامرد جو محتاج نہ ڪج)

روزا، نمازون ۽ عبادتون اهي سڀ عاجزيءَ جون نشانيون آهن. سڀ کان پياري شي ساه آهي، سو وڃي ٿو پيو، انجي ڳڻ ڪريو. سڀ کان ويجهي قيامت آهي سا بہ آئي بيٺي آهي.

رب جو قدر پوندو پر اهو ڏينهن ويجهو پوندو ٿو اچي. بيخوفي ڇڏي ڏيو، رب ياد ڪريو.

مَين ماريا ڪاپڙي مَين نہ ماريائون،
چاريءَ جو چيو ڪري وڳ نہ واريائون،
تنهان پوءِ سارپائون جڏهن هاجين جو هل پيو.

پوءِ وڃي سنڀاريائون . پڇر ئي ڪانهي. بيخوفي خلق پوءِ انهن کي چا ڪبو!

هڪڙي ڪامل جو قول آهي تہ باه جي اُلن جي برسات پوندي. پوندي ضرور پر خبر ڪانهي تہ ڪڏهن. پوءِ وري ڏکڻ کان ڪڪر ايندو اهو اچي برسات وسائي اها باهہ وسائيندو.قدرت آهي! مڇيءَ جي برسات بہ ڪجهہ سال ٿيا تہ پيئي، مون بہ اها مڇي کاڌي. پر مڇيءَ جي برسات ڪانپوءِ ڏيڏرن جي برسات

پئي. چوڻ وارا چوندا هئا تہ هڪ ڀيري جوئر جي برسات بہ پيئي.

الله سائين شل ماڻهو ڪري ماري. ماڻهپي جا ڪهڙا بہ وقف آهن؟ ذڪر ۽ فڪر، حياءُ ۽ خدا جو خوف . اول حياءُ پوءِ يقين. حياءُ آهي پاڙ، يقين ميوو. الله سائين جنهن کي ماڻهو تہ ڪري، انهي جي اٺي ويهڻي بندگي آهي. برهمڻ بہ بندگيءَ سان آهہ. بندگيءَ کانسواءِ برهمڻ ناهي. بندو سهڻو بہ بندگيءَ سان آهي.

# فراموشي ـ ننڊ

فراموشي سڀ ننڊ آهي، جي فراموشي ٿو ڪري تہ پاڻ فراموش ٿو ٿئي پنهنجي رب ڏانهن. رب ڪريم جي راز سان هجو. رب ڪريم ماڻهو وساري ٿو تہ راہ کان بيراہ ٿو ٿئي. جيڪا راہ ورتل اٿو اها راہ نہ ڇڏيو. هيءُ هلندڙ قافلو آهي، پاڻ بہ هلندڙ ٿي. رڳو هَل هلان لڳي پيئي آهي. ڪنهن بہ شي ڪي بيهڪ ناهي، اوهين بہ بيهڪ نہ ڪريو. وهندڙ پاڻي چڱو آهي. جو بينل پاڻي بانس ڪري ويندو آهي. هياءُ بہ پاڻي جو پتلو آهي، هلندو تہ بانس نہ ڪندو پر بينو تہ بانس ڪندو. اها آهي پاڻيءَ جي بيماري. ٿڌيءَ ڪوسيءَ پوتل هججي. ماڻهو آخر وڃي منزل ڏسندو. هت ٿورو بيهڻو آهي. ٻئي جهان وساري ڇڏجن پر هڪ الله نہ وسارجي.

جنين وساريو نام، تن پت وڃائي پانهنجي.

جي دل سهڻي جي يادگيريءِ ۾ رهندي تہ اها دل پيئي سهڻي ٿيندي. سواءِ رب جي ماڻهو نتو نهي. هتان نهي جڙي هلو، انهن ڪي اڳيان وَسو( پولو) نہ آهي. هت جج پائي آهن، پندڻ پائي تہ ڪونهي. پنهنجي پندڻ جي بہ ڳڻ ڪجي. هي وڃڻ وارو آهي، تنهنڪري رب جي طرف کان فراموشي نہ ٿيڻ گهرجي.

فراموشي جاهلي آهي جاهل بہ بيخبر کي چوندا آهن. جيڪو مالڪ سائينءَ جي طرف کان بيخبر آهي سو جاهل جو ڪم آهي جهل سان رهڻ. حياتي درگذر ۾ آهي.

فراموشي مکن اي يار جاني،
اگر دورم مرا نزديک داني.

فراموشي بيخوفائيءَ ۾ رهندي آهي. فراموشي گمراهي آهي. جيڪو الله کي وساري ٿو تہ اها دل گمراهيءَ ۾ رهندي آهي. آخر انڌا اهي سڏبا جن هت نہ ڏٺو هُو ڏيهہ. فراموشي تہ روبرو بہ چڱي ناهي. اوهان کي رب ڪريم فراموشيءَ کان رکي ونندو، پنهنجو ڪندوَ. هر حال ۾ رب نہ وسارجي، ڪم هاج ۾ رب نہ وسارجي. اصل نہ وسري نہ وسارجي. خيال عام کان يگانو هجي. اهو جڻ جوڳ منجهہ آهي.جيڪو فراموش ٿئي ٿو، سو اها ڳالهہ ناجڳائيندڙ ڳالهہ آهي.پنهنجو

رب نہ وساريو، دل پنهنجي رب ڏي رجوع ڪريو.

فراموشي سڀ سپنو آهي. اوهين ننڊ ڦٽي ڪريو.رڳو زماني ۾ مخمور نہ ٿيو. فراموشي رڳي اونده آهي. فراموشي سڀ ننڊ آهي. ننڊ نياڳن ساسن گڏيل آهي. ننڊ ۽ نياڻ اڪر ئي هڪڙو آهي. جاڳ سهاڳ اڪر هڪ آهي. جا دل فراموش آهي. جڻ اجا اک ئي تہ پئي اٿس. نادان آهي. ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهي. رڳو پنهنجي وصفن ۽ ٻين عادتن ۾ ٻڌو وينو آهي. چرڪ ڪونهيس. چرڪ ڪونهيس چرڪ هجيس تہ سڀيئي ٻنڌڻ ڇني وجهي، پر چرڪ ڪونهي، بيخوفائي آهي. اک پٽيندو پر جڏهين نظر صرافن جي چڙهندو. پري ڪان ئي هڪل ٿيندس تہ خبردار، هاٿي گهمي ڦري اهڙي جهان ۾ آيو آهين جو تو لاءِ ايتري زمين ناهي جو اٿي پير رکين . پوءِ اک پٽيندو، پر پوءِ انهي ڪي ڇا ڪبو!

سانگهارا( پاٽيءَ جا پويان ڏينهن)ٿيندا آهن، پوءِ ڪڙمي ننڊ ڦٽائيندا آهن. هينئر حياتيءَ ڪي بہ سنگهارا آهن. انهي ڪم لاءِ بہ ڪڙمي ٿي ننڊ ڦٽائي ڏٽيءَ ڪي ياد ڪجي.هر ڪوئي ماڻهو جنهن ڪم لاءِ آيو آهي، ان جو ڪڙمي آهي.رب سائينءَ جي پاسي جو ڇٽتو ٿي بينو هجي، جو فراموشي سڀ ننڊ آهي.اها اڻ پلي هجي .سانگهارن ۾ ڪڙمي ننڊ گهٽي نہ ڪندو آهي، جو پويون پاٽي هوندو آهي. پويان پساه هيئنر رب سان ملايو. اهي ڏيو رب ڪي. اهي ڏيئي ڇڏجن نانءَ الله جي.

فراموشي ڇڏيو ۽ اک کوليو. اجا اک بہ نہ کولي اٿو. ظاهر باطن جو سک گهرو تہ الله نہ وساريو. مالڪ جي طرف جو خيال هر دم دل تي قابو بيٺل هجي، خيال عام کان يگانو هجي، اهو جڻ جوڳ ۾ آهي. مالڪ ياد هوندو تہ اوهان بہ ياد ۾ هوندو،بيائيءَ ڪي ٻوڙي رب ياد ڪريو.

چت پنهنجي مالڪ سان لايو. وسري نہ وري آدم ڪري سندس يادگيرو ڪجي. اول آخر ظاهر باطن الله سائينءَ سان ڪم پوٽو آهي. مالڪ توهان جي سيني ڪمن جي جوابداري پاڻ تي ڪئي آهي. اوهان فقط مالڪ جي طرف ڪان فراموش نہ يو، رب نہ وساريو. انهي ڪم هاج ۾ وڏو ڪم خدائي آهي. جو غفلت پنهنجي رب ڏانهن ڪرڻ، سو چڱو ناهي، جي پنهنجي رب ۾ اميدوار ٿيو تہ رب نہ وساريو. سندس نالو وڏو فرض آهي، مگر ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو.هدايت وارا سڀيئي چوندا تا وجن ۽ اشارا سڀيئي رب جي طرف جا

ڏيندا  تا وڃن
.ڪيرظاهر باطن ”جا الله سائينءَ  تي آهن. سڄايا ڪم  انهن جا آهن،جن ظاهر باطن پنهنجو الله نہ وساريو آهي. اوهان رب راضي ڪريو. نہ وساريو تہ گڏ ئي گڏ آهيون، جدائي نہ سمجهو. مونکي هر وقت  ياد آهيو. اوهين بہ نہ وساريو. گڏ هجو جيئن جدا نہ ٿيو. اها سنگت جيئن چڄي نہ.  مئي بہ گڏ هجون. اوهان رب راضي ڪريو تہ اوهان ڪي  بہ رب راضي ڪري.

جنهن جي دائم ديگ چڙهيل آهي، جو جتي سو تتي، هو هر ڪنهن کي پهچائي ٿو ڏئي. ٽرين، برين، شهرين، بحرين، هر ڪنهن کي راضي  ڪيو بيٺو آهي، سڀ ڪنهن ڏانهن رازق آهي. رڳو رب نہ وساريو. هيءُ  لڪ اهڙو آهي. هيءُ بہ هڪ لڪ آهي، اڃا پيا لڪ لنگهڻا آهن.

اوهان کي فقط هڪ ڪم چئجي ٿو جيئن نہ وسري ۽ نہ وساريو. اهو هڪ ڪم اوهان کي جيڪو چيل آهي. ان تي محڪم رهندا. وڏوڪم نہ خدائي پنڌ جو فرض آهي. ماڻهو وڃڻ وارو آهي سو پنڌ خدائي نہ ڇڏجي. بوعلي سائينءَ جو چوڻ آهي تہ چپ پڊ زماني جي اجائي جي اجائي گفتار ڪان، متان دم خالي وڃن.
اک پڊ غير ڏهون ، ڪن پڊ گلا نيڪي ءَ ڏهون ،پوءِ چئو الله ڏس تون. اهو
سر  سي سکن جنکي ويڙهيچا وجود ۾.

حضرت عيسيٰ نبي هو. تنهن تي ٻولي ٿي تہ منهنجو يادگيرو کهڙي وقت نہ ڪندا آهيو؟حضرت عيسيٰ جواب ڏنو تہ وقت ٿوري جي وسرو نہ ٿا، پر ڪجهہ وساريون ٿا. وري ٻولي ٿي تہ اوهان جي ٿوري جي بندش ڪجي تہ ڪنهن کي ياد ڪندو؟ حضرت عيسيٰ جواب ڏنو تہ انهيءَ وقت  بہ توکي ياد ڪنداسين. وري ٻولي ٿي تہ توکي انهي وقت بہ توکي ياد ڪنداسين. وري ٻولي ٿي تہ مونکي انهيءَ وقت بہ نہ وساريو.جڏهن ماڻهو سمجهي بہ ٿو، پوءِ وري هٿ ٿو ڪري،جڻ خطا ٿو ڪري. هر حال ۾ بہ رب نہ وساريو،رب ياد ڪريو. غفلت ڇڏي ڏيو. پنهنجي رب ڏانهن. رب راضي تہ جڳ ئي راضي. من انن پهرن ۾ ڪو دم هٿ اچي وڃي تہ لڪ ٿيو. جيڪو نتو وساري تہ اهو سدائين ميلي ۾ آهي.

چريا اهي آهن جن هتي اچي پنهنجو الله  وساريو آهي. خلق عقل ۾ قاتل آهي. انهن تي گهٽوغم گذر جو بيهي ويو آهي. پنهنجو موت وساري ڇڏيو اٿن

تڏهن رب ڏهون بتال ٿيا آهن. اهو علم ٿي اهڙو آهي. خيال سنيارجي، دشمن اجايا ڦرنا پيو وجهندو آهي. هڪ دليئون دوست نہ وسري، بئي جهان تڏهن چڱا ٿيندو. زماني جون لذتون هٽنديون وڃن، وهم وجودئون ترندا وڃن، چا ننڌ ڏانهن، چا غفلت ڏانهن، مشرڪ اهو آهي جو آهي جو رب جو در ڇڏي ٻين درن کي چڪي. دنيادار اهو آهي جيڪو پنهنجي رب ڏهون فراموش آهي. عبادت اها جيڪا خالص پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪجي. هڪڙا ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ عبادت ڪندا آهن. رب انجو اجورو بہ ڏئي ٿو پر موالين کي. سو رب ياد ڪريو پر دل سان ماڻهو دل ڏيئي ڇڏي پنهنجي رب ڪريم کي. بندگي بہ نياز آهي. بندگي بنا نياز جي بيفائدي آهي.

فراموشي ظاهر بہ چڱي ناهي، باطن لاءِ بہ چڱي ناهي. گهر جو مالڪ گهر ۾ آيل آهي پر وساري ويهي رهيا آهيو. ارمان آهي اوهان جو جو رب جهڙي شي وساري ويهي رهيا آهيو. ارمان آهي اوهان جو رب جهڙي شيءِ وساري ويهي رهيا آهيو. هينئر پنهنجي مند سنياريو ۽ فراموشي ڇڏي ڏيو. اوهان ماڻهن پنهنجو رب وساري ڇڏيو آهي، انڪري سڀ ڪنهن کي پنهنجا اعمال پيش آهن. پوءِ سڪا ساوا تا گڏجن. حياتيءَ جو خزانو برباد ڪرڻ لاءِ تہ ڏنل ڪونهي!

يا ننڊ پياري ڪريو يا الله پيارو ڪريو. غفلت سڀ ننڊ آهي، توکي پيا تا جاڳائين تون دل جا جوش جاڳاءِ. جوش ڪان سواءِ غير نہ جلندو. مرشد هڪ چٽنگ چولي ۾ وجهندو آهي، جي ڪو ڦوڪيندو تہ ڀاند بہ ٿي پوندو. جوش جاڳائيندس هڪ اوجاڳو، جيئن ٻئي سان ڳالهائڻ جي واندڪائي نہ هجيس. جدائي پنهنجي ياد ڪجي

برئي تہ ٻار نہ تہ ڦوڪ تہ لڳي انبرين.

انبر وڏي ڳالهہ کي ڇئبو آهي.

ڪيترن وري ننڊ ڏيئي هڪ اوجاڳو ورتو. سڀ سک ڏيئي هڪڙن وڳا ڏک ورتا. اهو بہ ڏنتو آهي.

صوفي سر مست سودا دست بدست

سوداگر ڪونهي. ڏي وٺ ڪبي تڏهن سودو نهندو. ننڊ ويرياڻي آهي. سڀ ننڊ ڏبي تڏهن اوجاڳو ملندو. سڀ سک ڏبا تڏهن هڪ ڏک ملندو.

ننڊ نياڳ، جاڳ سهاڳ.

رب جي طرف کان غافل نہ ٿجي. غافل غفلت ۾ رهجي ويندو آهي. سچو منهن توهان ڏي آهي، ڪيترين دعائونءِ فهمايشون بہ ڪجن ٿيون!. پنهنجو اندر اوجارجي ۽ ٻيا سڀ وهم وسارجن. ڪيتري توهان سان هدايت ڪجي ٿي! سمجهہ کان ٻاهر نہ وڃو. پنهنجي حياتيءَ جو خير گهرجي، اجايو برباد نہ ڪجي. مونکي تہ گهڻو ئي پيارا ٿا لڳو پر توهان ڪٽي پنهنجا عضوا پيارا ڪيا آهن. انهن وهمن مان خيال ڪڍو. مون تہ گهڻو دعائون ڪريانوَ ٿو. پر توهين تہ نهاريو بہ ڪونہ، رڳو پنهنجو هڏ چم پيا ڏسو، هڏ نہ روليو . رب ياد ڪريو.

توهان الله ۽ مرشد ڏانهن ڪٽي اکيون ٻوٽيون آهن. صاحب توهان جي من ۾ توهين هوش رکو. ڇا ڏٺو اٿوَ جو هوش کان بيهوش ٿيا آهيو!توهين جنهن کي ڏسڻ آهيو انهي کي ڏسو، اهي پيا ٿا اوهان کي ڏسن. اجايو بيهوش ٿي بيگانن خيالن ۾ خيال وجهو ٿا. ڪيتري توهان سان نصيحت ٿي ٿئي. رمز پاڻ ۾ هٿو، الله کي سڃاڻو.صاحب اٿوَ پنهنجي من ۾. پوءِ مٿان هٿ هٿو، ڇوائي ونو. جيڪر منهنجو چوڻ ونو تہ هوند بيخوفا نہ رهو، جڏهن الله ۽ مرشد هادي بينا آهن. جي رب نہ وساريندا تہ الله ۽ مرشد مرڻ وقت بہ گڏ هوندو.

اهو عقل ئي ٻن پوي، جيڪو جدا ڪري پنهنجي رب کان. اهو گذر ئي ٻن پوي. جيڪو جدا ڪري پنهنجي رب کان. اها اولاد ئي ٻن پوي. جيڪا جدا ڪري پنهنجي رب کان. جيڪي ڳالهيون گمراهہ ڪرڻ جهڙيون آهن اهي نہ ٻڌجن. ٻڌجن اهي مرشد واريون ڳالهيون. الله کانسواءِ ٻي ڳالهہ ئي نٿو چوي. ذُوئين جي ويڙهي ۾ وجي ٿا وهو. "ب" وجي ٻين کي ڏيو. توهين اُلف سان رهو. مان توهان کي الله چيو آهي، دليل ڏي خيال نہ ڪريو، الله ڏي خيال ڪريو.

دشمن گهر منجهہ آهي، جيڪو راهہ مساريندڙ آهي، اجايا دليل اجايا قرٽا اهو دشمن ٿو وجهي.دشمن جي چواٽي چڏي ڏجي، توڙي چڱا دليل هجن تہ بہ رب جي مٽ ناهن.

سوڍا ملن سوَ تهبہ مٽ نہ پانئج مينڌري.

جي دشمن سان لڙائي ڪرين تہ لڙائيءَ وارا هٿيار ٻڌ. ٻي هٿيارو ڪهڙي فتح ڪندو! رهندو غلام ٿي پوندو. هٿيار چار توکي ڏسيل آهن، لڙائي اصغري ۽ اڪبري ٻئي لڳيون بينيون آهن. اڪبر ڇڏي وجي اصغر ۾ پيا آهيو. اصغر پاسي گهٽا تون اڪبر پاسي آءُ. مرد اهو جيڪو اڪبريءَ لڙائيءَ ۾ بيهي. وري بہ

پنهنجي عادتن سان لڙائي ڪرڻي اٿس. عادت عضوو آهي، عادتن پنهنجين سان لڙائي آهي. اڪبري لڙائي آهي.

نفس سان وڙهڻ لاءِ چار هٿيار آهن. خنجر صبر جو، ترار بک جي، نيزو عام کان تنهائيءَ جو ۽ ترڪ ننڊ جو. شيخ عطار اولياء جو ائين چيل آهي. ۽ چيو اٿس ته جيڪو منهنجي صلاح نه وٺندو، نفس ان جي چوائيءَ ۾ نه ايندو. سالڪ نفس جي اڳيان مري لنگهيا. نفس نامراد ڪتو آهي. نفس دشمن آهي مائٽنا.اوهين ان سان لڙائي ڪريو. جڏهن الله سائينءَ نفس پيدا ڪيو تڏهن پڇيائينس ته ڪير آهين؟ جي تون تون آهين، مان مان آهيان. ملائڪن کي حڪم ٿيو ته تون بيابانن ۾ روليوس. پوءِ پڇيائونس ته هاٺي بڌاءِ ته ڪير آهين؟ چي تون مون آهين. مون مون آهيان. پوءِ وري ملائڪن کي حڪم ٿيو ته بحرن ۾ بوڙيوس. ملائڪن بحرن ۾ بوڙي وٺي آيس ته به وري ساڳيو جواب ڏنائين ته تون تون آهين ۽ مون مون آهيان.اتي ملائڪن کي حڪم ٿيو ته اوجاڳا ۽ بکون ڏيوس. پوءِ پڇيائونس ته تون ڪير آهين؟ چي تون خالق مان مخلوق!

بدن ملڪ آهي، خيالات بيلو آهي، ۽ خلط حيوان آهن. سڀ ڪنهن ۾ چار خلط ٿيندا آهن (انهن کي عناصر به چوندا آهن) پهريون خاڪي (کائڻ پيئڻ) ٻيو بادي( واءُ، حرص)ٽيون آهي آبي(ننڊ ۽ فراموشي) ۽ چوٿون (آتشي) (شهوت) . جڏهن خاڪي بک سان مارياٺون تڏهن ٻيا عناصر پاٽيهي پيا چٽڻ لاءِ زور لائيندا. بادشاهي پهرين جي وٺي، پهرئين کي قابو ڪري ته ٻيا پنهنجو پاڻ جند ڇڏائڻ جي ڪندا. بک ڪدي ته ننڊ (آبي) پنهنجو پاڻ ڇڏائي ويندي، بادي به ويندي رهندي.

اوهين ٻچي وجو. ٻچڻ ڏانءُ اچيوَ تو ته ٻچجي ڇا ڏانهن؟ بدن سان جيڪي لذتون لاڳو آهن. انهن کان ٻچي وجو ننڊ سميت، ننڊ جي اهڙي منع ٿا ڪن، هل به ننا ٻڌو رات جو! اِهو ڳم آهي ماٺهو ننڊ ۾.

ڳم ٽيوين وچ ذات،تڏهان صفات سڃاٽين،
وحدت وادي وچ لڙهه جاوين، قطرا قلزمنال رُلاوين،
فرق ڳيا فرقات، رليا پاٽي دي وچ پاٽي.

پاٽي پاٽيءَ ۾ گهٽو ٿيندو ته ٻڌندو نه. ڇڻ وڃڻ وارو آهي، مسافر جيئن هجي، ننڊ هڪ ڪچي، جيڪو رات جو هڪ ننڊ تو ڪري سو پلي ڏينهن جو به

هڪ ننڊ ڪري، وڏيڪ نه، نه ته رات وارو نشو به لهي ويندس. پر صفا ننڊ به نه ڦٽائجي. سمهي الله ڪرڻ ڪان ويني جي ننڊ به پلي آهي، سو ويتو رهجي. پيٽ پريل آهيس تڏهن ٿي ننڊ اچيس.جي پيٽ خالي هوندس ته ننڊ به ڪانه ايندس ۽ خيال به ستو هلندس. جيڪي به زماني جا ساز آهن، دهل، دلا، تنبورا وغيره سي وڄن ٿا تڏهن، جڏهن سندن پيٽ خالي آهي. هيءُ انسان به تنبورو آهي. تارون آهن رڳون جي وڄديون ۽ انهن مان آواز نڪرندو. هڪ هڪ رڳ نالي رب جي سان وڄندي.

ڪنهن ڪنهن منگٽهار،سڏ پيئي انهي ساوَ جي

انسان پاڻ به ساز آهي. خيال وارا وڄائيندا آهن، بي خيالا نه وڄائيندا آهن. هڪڙا خدائي خيال ختم ڪري پوءِ بيا خيال ڪمائيندا آهن. بيخيالن سان صحبت نه ڪجي جو هو ڪيترائي بيخيال ڪري وجهندا آهن.

# حياتي

حياتيءَ جي هڪ بادشاهي الله سائينءَ ڏني آهي انسان کي. سا ساري بادشاهي تي ونجيس. ۽ بادشاهه هڪڙيءَ بادشاهيءَ ۾ نه سمائبا آهن،جڏهن اها بادشاهي حياتي جي ورتائينس ته پوءِ وري ملڪ تي پيو ڏيکاري چڏيندس. حياتيءَ جو ٿائيم اچي نزديڪ ٿيو آهي. هيءَ حياتيءَ جي مهل عجب آهي. جيڪي ڪجهه ڪري هلڻو آهي سو هتان ڪري هلڻو آهي. پر ڪنهن سنڀاريو ڪنهن نه سنڀاريو.

وهاٽي ويندياءِ پوءِ گهٽا هٽڊين هٽڙا.

عمر سڀوري آهي. ساري عمر ماڻهو پنهنجي هتان پيو ٿو وڃائي. عمر جي ڏڪ ڪان به الله سائينءَ رکي وني. پنهنجي عمر سڀوري جو خير گهرجي. ساري عمر به شل افراد ڪنهن جي ته وڃي. هيءَ بازار به تيتر ڪليل آهي جيتر اڪ ڪليل آهي. اڪ بند ته بازاربه بند، هن ڪليل بازار مان ڪجهه ڪريو.

حياتيءَ جي عجب بادشاهي آهي. سڃي حياتيءَ جي بادشاهي برباد نه ڪجي. هيءَ حياتيءَ جي هڪ ساعتڙي آهي. ساعتڙيءَ ڪري سڃي عمر جي ڏڪ ڪان به الله سائين بچائي وني. باقي عمر ۾ رهيو ڇا آهي! ماڻهو آيو بينو آهي. اها ساعتڙي به وهامندي تي وڃي. همٿ به انهي ساعتڙيءَ ۾ رکجي، ٿوري جيئڻ لاءِ پنهنجي عمر اجائي نه وڃائجي. هيءُ جهان هيري لعل جو هان آهي. اوهان کي جيڪا چال سڌارڻي آهي سا هت سڌاريو جو اڳيان حاڪم بيپرواهه آهن. حياتيءَ جي بدليءَ ۾ دير ڪانهي. ٿائيم پريو ٿو وڃي، تڪڙ ڪريو انهي طرف جي، جنهن طرف ضرور وڃڻو آهي.

هيءَ والد عمر ساري آهي چلپل جو چٽڪو.

حياتيءَ جي هڪ مهل آهي. وري اهڙي مهل هٿ اچڻي ڪانهي. سو ڪجهه ڪري ونجي. هاٽي انهي رب جي پنڌ ۾ اندر سوايو ڪجي.

هيءَ عمر ته هڪ ساعتڙي آهي، هميشه رهڻ وارو جهان سچو اڳتي آهي. هتان نهي هلو ته اڳيئون انهن کي خطرو ڪونهي. هن فنا ۾ٿوري جيئڻ جي

ڪري عمر سڳوري برباد نہ وڃائجي. ۽ عمر سڳوري آباد ڪجي. سڀ شي آباد پلي آهي. هيءَ عمر هڪ خواب جي نشاني آهي. وهامندي ٿي وڃي. ياد بہ وسامندي وسامندي وسامي ويندي آهي. ڦوڪيندو تہ ٿاندڙيءَ مان ڏانڊ ٻري پوندس.

ڪجھ پنهنجي عمر سڳوريءَ جو خير گھرو جو اها درگذر ۾ آهي. هيءَ عمر هڪ ساعت آهي. ٿوري جيئڻ لاءِ رب ڪريم نہ وساريو جو اهڙو حياتيءَ جهڙو وقت وري نہ ڏسبو. هتئون نهي جڙي جيڪو هلندو انهي کي وسوئي ڪونهي. يادگيري جووقت بہ اهو آهي سو وڃي ٿو وهامندو. سعيو ڪريو تہ جو وڃي ٿي وهامندي. اهڙي حياتيءَ جهڙي مهل وري هٿ نہ ايندي. انهي ٿوري جيئڻ مان سالڪ سمجهندا آهن.درڪار هڪ رب جي رکو.رب ڪريم جي راز ڪانسواءِ عمر اجائي ٿي وڃي. هينئر پرين ساهہ پساهہ سان گڏيل آهي. رب ڪريم نہ وساريو.

اجائي شل ڪنهن جي ڪڪڙ بہ نہ وڃي. سو هيءَ تہ عمر سڳوري آهي! حياتيءَ ڏانهن وقت گذرندا پيا وڃن. ڪهڙوپروسو آهي حياتيءَ جو، ڪهڙو پروسو آهي هن سنسار جو! پروسو آهي ذات جو رکجي. ڪامل ڪنبندا ويا.

جيڪي آهہ اڄ، صبح ناهہ صديق چوي،
واڄي جيئن وڄ، متو مڙسي ڪري.
سدائين نہ هوندا ساهہ سين، اهي ميلائي جا مينهن،
هن وڻ هتي جا، آهن ڏسڻ بہ ٿي ڏينهن.

عمر عزيز اجائي ٿي وڃي، ان جو بہ خيال ڪريو. ڪنهن بہ انسان جي شل گڏهہ اجائي نہ وڃي.سو هيءَ تہ عمر سڳوري آهي.جيڪا شي نقصان ۾ وڃي ٿي انهي جو انتظار ڪريو.. سچي حياتيءَ جي بادشاهي برباد نہ ڪجي. ٻاراٽي راند ڇڏي ڏجي، عقل جاڳائجي. ڪيترا ڏينهن اتي اجا ترسو! ڪا سدائين آڪهين ۾ وينو بہ ڏنوَ. اتان بہ نيت اُٿڻو آهي. هي هان ميدان آهي، لڙائي اصغري ۽ اڪبري ٻئي لڳيون بينيون آهن. اڪبر ڇڏي وڃي اصغر ۾ پيا آهيو.

اصغر پاسي گهٽا تون اڪبر پاسي آءُ

مرد اُهو جيڪو اڪبري لڙائيءَ ۾ بيهي. لاڏاڻ لڳي پئي آهي،هاڻي عارف بازي ڪيڏ، سلطاني راند.

اهومالڪ هيئنر نزديڪ آهي،چوي ٿو تہ مون توکي حياتيءَ جي بادشاهي ڏني آهي. سا پيو ٿو وڃائين، وڃي اجايو ٿيو آهين! هيءَ حياتيءَ جهڙي بادشاهي پيئي ٿي ونجي، تون پيو ٿو نندان ڪرين! غافل غفلت ڇوڙ. محبوب ٿو چوي تہ تو مون سان جيڪي قول ڪيا آهن، اهي پاڙ تہ مون توسان سڀ پاڙيندس. اهو اقرار تہ هر ڪوئي ڪري آيو آهي تہ تنهنجو مان ويهي يادگيرو ڪندس. توڙي ماءُ جي پيٽ ۾ بہ دانهان ڪيائين تہ ابتو ٽنگيل آهيان، ڪڍ هن ابتي ٽنگڙ مان، هن انڌاريءَ جي کونيءَمان ، چي تون ڪهڙوڪر ڪندين؟ چي مان ويهي تنهنجو يادگيرو ڪندس.هيءُ تہ عبرت خانو آهي منهن ڪڍڻ سان ڦري ويو. ڪنهن ڪنهن کي ڪل وڃي پيئي. ڪنهن ڪنهن کي الله سائينءَ راهہ سان وڃي لاتو.جي پنهنجو مالڪ سائين سڃاتو آهي تہ انهن کي مالڪ بہ سڃاتو. هر ڪوئي پاڻ مان راضي ٿيندو ويو.سندس راز گهرجيءَ راز سان رهجي.

چوي ٿو تہ تنهنجي سيني ڪمن جي جوابداري مون تي آهي. تون وري مونکانسواءِ اجايو ٿو ٿين،اجايو ٿويٽڪين. توکي مون حياتيءَ جي بادشاهي ڏيئي ڇڏي آهي ۽ تون پيو ٿو اها اجائي وڃائين. اجايو انهن کي ٿا چوجن مالڪ وساريو. الله سائين اوهان کي اجايو نہ ڪندو. جيئن الله سائين هن صورت کي ٿو ڪارائي تيئن جانورن کي ڪارائي ٿو ڇا! گڏهہ کي ڪٽي پٽ پهراءِ تہ بہ ڪرندو ڪيريءَ ۾. سو هن انسان کي سائين جن بادشاهي ڏيئي ڇڏي آهي، جي اها اجائي وڃائيندوتہ ڏوهہ اٿس. عمر سڳوري اجائي نہ وڃائجي.

رب ٿو فرمائي تہ مون اوهان کي سون ڏنو، چاندي ڏني، اولاد ڏني، اهو سڀ ڪجهہ اوهان کي اکين جو ڏيو ڪري ڏنم. پر اهي سڀ دشمن اٿو، اوهان جو ڪم تہ وري بہ مون سان آهي.

هيءَ حياتيءَ جي مهل ڏاڍي چڱي آهي. گذريءَ کي ڇڏي ڏجي، فڪر رکو رهنديءَ عمر جو.

گهڻو ڪٽيو تہ گهوريو متان وڃائين مور.

هيئنر پارس پرين ويجهو آهي، ڪنهن سڃاريو ڪنهن نہ سڃاريو. ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندو. جيئن لوهہ پارس سان گسندو تيئن سون ٿيندو ويندو. هيئنر ڪعبہ قبلہ انسان منجهہ آهي. اڪ ٻوٽئي ڪانپوءِ وٿيون لڳنديون. اڪ ٻوٽيائين تہ ساري جهان ڏانهن ڇڻ در اچي ويا، ڇٽتاڙ(هڙتال) ٿي ويئي. وڪر

وڪامي ويو،سڱ به سپ ڇڄي ويا. سچ لٿي ڪانپوءِ پير به وڃائي وهندو. هينئر گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ آيل آهي ۽ هينئر پارس پرين ويجهو آهي، پنهنجي جهڳي جي ٿپڙن تي وهايو نه ته جنهن پارس ڏنو آهي سو سچ بيني ونندو. هڪڙو غريب هو سو هڪ فقير وٽ آيو.فقير کي چيائين ته منهنجا ٻچا ٺا بک مرن، ڪو حيلو ڏس. فقيرپارس ڏنس ته گهر ۾ جيڪي لوهه جا ٽڪر هجن ئي انهن کي هڻ ته تولاءِ اهو ئي گهٽو آهي. مگر سچ بيني پهچائي وڃجانءِ. پارس ڪٽي غريب روانو ٿيو، وتي دڪانن تي لوهه چڪائيندو.لوهه چڪائيندي هن کي دڪانن تي سچ لهي ويو. فقير ڏنو ته هي اجا پارس ڪونه آندو. پوءِ فقير وٽس ويو. چيائينس ته هاٽي پارس مونکي ڏي. سچ لهي ويوآهي. هن چيو ته مون ته اجا لوهه پيو چڪايان!

ستيا هي سمتا نهين، ميتيا نه من ڪا موهه،
پارس ڪون پنهنجا نهين، رهيا لوهه ڪا لوهه.

ماٺهو چٽڪ اُڏامندو پيو وڃي. اجا پڪي به ڪا گهڙي وڻ تي وهي ٿو. سو ٿوري جيئڻ ڪري سڄي عمر زماني ۾ گم نه ڪجي. هيءَ حياتي هڪ ساعت آهي، انهن تي ڪهڙو پروسو آ تڪيه پنهنجي رب جو ورتل هجي. حياتيءَ جي خزاني مان جي به گهري، هر جاءِ وڪر اٿس. اها بازار به بند، وڪر وڪامي ويو. تون حياتيءَ جي خزاني مان جتي به گهري، هرجاءِ وڪر اٿس. اها بازار به تيتر ڪليل آهي،جيتر سندي اک ڪليل آهي. اک بند ٿي ته بازار به بند، وک وڪامي ويو. تون حياتيءَ جوخزانو ڪٽي وڻجارو ٿي هتي آيو آهين. حياتيءَ جي خزاني مان وڪر وهايو. وڃي ٿي وهامندي. نيٺ حياتيءَ ڏانهن به سچ لهٽو آهي. سچ لٿي ڪانپوءِ پير نه لڳندو آهي. هينئر حياتي جو سچ بينو آهي.انهي سچ بيني ڊوڙڻ سگهجي. ڏينهن تورو آهي پنڌ گهٽو، جي ڊوڙٽو اٿيئي ته ڊوڙ. رات لڏي ويئي، ڏينهن لڏي ويو.هيءُ سارو جهان لڏيو ٿو وڃي. هن ميدان ۾ ڏينهن تورو ڏسي هڪڙا گهوڙا سنياريندا ويا، هڪڙن حياتيءَ جوڏينهن تورو ڏنو، پاڻ سنياريندا ويا.

مرد سوئي مردفان جيڪو آپ نون آپ پڃائي.

وڪر سو وهاءِجيڪو پئي پراڻو نه ٿئي.

انسان حياتيءَ جوخزانو آندو آهي ڪاڻ وحدت جي. هي بندو تہ وڇارو وحدت جو آهي. وحدت هيڪڙائي کي چوندا آهن. وحدت جو دڪان بہ اهوئي بدن آهي. راز وارا سيپيئي پاڻ منجهان راضي ٿيندا.

هيءَ حياتي هڪ وڏو سفر آهي. پنهنجي حياتيءَ جو خيال رکجي. دوست دشمن گڏيل اٿس. سالڪ ٿئي تہ دوست دشمن جو رايو سمجهي. ظالم نفس بہ ماڻهووءَ ساڻ آهي. نفس کي ماري نہ سگهيو، پاڻ کي نفس جي اڳيان مارڻو آهي. ڪيترن جي راهہ ماري ٿو سا بہ هلندڙن جي. مرشد رهنما آهي. رب هادي گهري ونو. نفس جي عادت شتر مرغ جهڙي آهي ۽ اڏام نہ اٿ، بار کڻ نہ پکي.

هيءَ حياتي جهڙي مهل وري نہ ايندي. تنهن ۾ هيڏانهن هوڏانهن نہ نهارجي، جو هيڏي هوڏي نهاريندي سچ لهي ويندو. دنيا جي لاري نہ لڳجي، لاري رب ڪريم جي لڳجي، ڪم رب ڪريم سان پوڻو آهي. عمر خراب نہ ڪجي جو نيٺ پنهنجي گهر هلڻو آهي. پيريءَ ۾ بيون مرادون ڇڏي رڳو هڪ مراد ملڻ جي رکجي. زماني جي جهڙپن کي ڇڏي ويهي رب ياد ڪجي. ٿائيم اڃي پريو آهي، اڃا مرادون ٿيون ڳولجن!.

عمر سڳوري بہ شل بنا نام جي ڪنهن جي اجائي نہ وڃي. پاڻ کي اڃي ڏاڙهيءَ سان ڏسي لڄي بہ نتا جو حياتيءَ جي ٿيم اڃي سولي ٿي آهي! هي ڏيساور آهي، هر ڪوئي پنهنجي ڪم لاءِ آيل آهي. پنهنجي گهر ڏانهن بي ڪما نہ ٿيو جو اڳيئون پنهنجي گهر بہ وڃي اڃو.

گهر چورن گهل، پاهر سنگت ڪرين ٿو ساڌن سان.

حياتي بہ وهامندي ٿي هلي، سو رب رب ڪندا هلو. هتي ڏيهري جي جاءِ آهي، باقي منزل جي جاءِ اڳتي آهي. پر پوءِ ڪنهن سنپاريو ڪنهن نہ سنپاريو. سڀ وقت سندس يادگيري جا پنهنجي هٿان پيا ٿا وڃن. ساري حياتي هٿان پيئي ٿي وڃي. هڪ ڏينهن اچڻ جو ۽ ٻيو ڏينهن آهي وڃڻ جو.اچڻ ۾ ماڻهو اڃي ويو آهي، هاڻي وڃڻ وارو ڏينهن باقي آهي. هي سچ جيڪي وڃن ٿا سي حياتيءَجا ماڻ ٿا وَهن. عمرتہ وڃيئي، عمر سڳوري ساري فراموشيءَ ۾ وڃي ٿي. سعيو ڪريو. هي مرداڻو پنڌ آهي. اهو هڪ رب راضي ڪريو تہ پووءِ چئن ئي طرفن کان مددون پيئي ملنديون. مدد بہ همٿ سان آهي. همٿ بہ چوندا آهن سعيي کي. همٿ جي مهل بہ اها آهي جيتر حياتي آهي. جيڪا همٿ ڪرڻي اٿو سا هتان

www.sindhsalamat.com

ڪريو.

هيءَ حياتي هلندڙ آهي. هي جهان لڏيو ٿو وڃي. ڪجهه پنهنجي لڏ پلاڻ بہ ياد ڪجي، نہ تہ وڃي حياتيءَ جو سج لهي ويندو. حياتيءَ جهڙي شيءِ ڳپلن ڪائيندي ٿي وڃي. هينئر حياتيءَ جي مند پيي اچي ويئي آهي. هر ڪوئي هليو ٿو وڃي، پاڻ بہ هلڻ وارا آهيون. گهٽي عمر بہ چڱي ناهي. الله سائينءَ جيڪا ڏني سا بس آهي. نبين نہ گهٽي عمر ورتي، نہ گهٽي دنيا.

دم جي ڏمال لڳي پيئي ٿي. حياتيءَ جي چڙهائي جيڪا ڪالهہ هئي سا رات نہ هئي، جيڪا رات هئي سا هينئر نہ آهي. حياتي هارڻو ئي هارڻو آهي. فڪر رکجي جو حياتي ويندي رهي ٿي. رات وڃي ننڊ ۾، ڏينهن وڃي بڪندي. سڀ ڪان پياري شي ڪهڙي آهي؟ حياتي سڀ ڪان پياري آهي. اها تہ وڃي ٿي پيئي. ڪجهہ انهيءَ جو بہ يادگيروڪريو. ڪو هتي ويهي سگهيو ڇا!

ڪيڏڻ جا ڏينهن چار آهن، تنهن ۾ بہ رات پنهنجي ڏينهن پرائو آهي، نيٺ انهي مهاڄار مان بہ نڪرڻو آهي. پوءِ بہ جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي انهي لڙهيءَ ۾ وڃي پوئجي. ٿيم حياتيءَ جو اچي ويجهو ٿيو آهي. هاڻي انهي غيرگند مان هٿ ڌوئي، رب جي پنڌ ۾ قدم سوايو ڪجي جو ڏينهن آهي ٿورو پنڌ آهي گهڻو. سو محبت رب جي اختيارڪريو. زماني جون سڀ مرادون ڏٺيون اٿوَ، باقي رڳو موت رهيل آهي.

حسن ۽ حشمت بہ سڀ وهيءَ سان آهي، عقل بہ جوانيءَ ۾ آيو تہ واهہ، نہ تہ پيريءَ ۾ تہ اڳيئون عقل بہ پوئتي ويندو رهندو. پوءِگهر ۾ ڳالهائڻ بہ ڪونہ وٽندن، ڪنگهہ بہ نہ وٽندن. عقل بہ الله سائينءَ انهن کي عطا ڪيو، جن سڃاتو راهہ رب جيءَ ڪيءِ سڃاتائون پنهنجو رب. مشرڪ يا منافق اهو جو رب جو در ڇڏي بين درن ڏي ڊڪي، ڪافر جيڪو الله کي پاڻ کان جدا سمجهي.

بيائيءَ جي ملڪ مان هيڪڙائي ڪيندي. هيءُ عجب وقت حياتيءَ جو آهي. هي پويان پساهہ آهن، پنڌ جي ڪاهہ ڪر.قدم قدم تي سعيو هجي جو باري منزل آهي، ڪيترا ڏينهن ننڊي بار وانگي پنهنجي پاڇولي سان پيو راند ڪيڏندين؟ باراٽي راند ڇڏ، عارفاني عارفبازي ڪر، جيئن وصال وڃي رب جي محبت ۾ ٿئي.

زال هجي، چاهي مرد هجي، ڪنهن بہ ذات جو هجي، جنهن ڪان چڱا ڪم

پيو ڪرائيندو ان کي وڏو شرف ٿو ملي. هن کي اهڙو لاچار آهي جو رات پنهنجي آهيس ۽ ڏينهن پرائو.پر هيءُ سمجهي ئي ڪونہ ٿو، جٽڪ هتي رهڻ آيو آهي. وڃي ٿي وهامندي. خبر ئي نہ پوندي، اوچتو سودو صرافن جو اچي ويندو. سنيار جي مهل اها، حياتيءَ ۾ آهي. پوءِ

وهاٽي ويندياءِ، گهٽا هٽندين هٽڙا.

آيو ئي هت اوڏانهين جا ڪم ڪرڻ آهي. اهڙي صحبت، اهڙي حياتيءَ جهڙي مهل وري هٿ نہ اينديوَ. اجوڪي صحبت سيان ئي نہ رکجي. صحبت عجب آهي، صحبت روح جي راحت آهي.

جيترو ماتا جي پيٽ مان ڪٽي هت آيو آهي، وري بہ هتان اوترو ڪٽي هلندو. ماءُ جي پيٽ مان ماٺهوءَ چا آندو آهي ۽ هينئر بازر ۾ ايترا مال ڪير تو ڪارائي! لٽا ڪپڙا ماني تڪرڙا ڪير پيو ڪارائي پيئاري!هلندي وقت بہ ايترو جڪٽندو جيترو ماتا جي پيٽ مان آندو اٿس. باقي شي سڀ سرڪار جي آهي. ماٺهو واتان واهو آهي، هليو ويندو، ڪير ورائيندس! جنهن مهل اک پوٽي ڪو ورائي ايندس ڪير!

آندائين بہ ڪين، وينو بہ ڪين ۽ نيائين بہ ڪين!

مچيءَ کي طلب پاڻيءَ جي هوندي آهي ۽ پاڻي ڪانسواءِ مري ويندي آهي. اها مئل مڇي ڪٽي درياهہ ۾ وجهبي تہ تڏهن بہ جيئري نہ ٿيندي. چا ٿيو! سو جي ڪجهہ ڪرڻو آهي تہ زندگيءَ ۾ ڪرڻو آهي. حياتيءَ ڏانهن بہ هينئر آخري وقت آهي. حياتيءَ جي خزاني مان رب گهري ونو. رب جي راز ڪانسواءِ ماٺهو ائين آهي جيئن جهنگل ۾ حيوان. پوتل هججي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي.

ماءُ جي پيٽ مان ماٺهو جيڪي آيو سو آيو. ههڙي بازار وري نہ لهي سگهبي. جيڪي گهرو سو سڀ ملي ٿو. گهر رب، رب نہ وساريو. گهري ونو. گهُر وتئون. هينئر بازار ڪليل آهي جيڪو گهرو ٿا سو ملي ٿو. اوهين گهرو اهو جيڪي گهرڻ آيا آهيو. رب جي گهر نہ ڇڏيو. گهرو جيڪي گهرڻو هجيوَ پر اهو بہ هتي حياتيءَ۾. اوهان پلي رب ڪريم ڪان پاجهہ گهرو نہ رب ڪريم مونکي تون پنهنجو ڪر.

گذر جو خيال هر شيءِ ۾ آهي. چا سمنڊن جون شيون، درياهن جا تولا، بيابانن جون شيون، اهي سڀ شيون گذر گهرن ٿيون. پر وڻ بہ گذر گهرن ٿا،

ڳاهه بہ ڳهري ٿو. جنهن جي دائم ديڳ چڙهيل آهي، سو هر شي ڪي راضي ڪيون بيٺو آهي. هر شي ڪي پالڻهار رب ڪريم آهي، باقي سڀ بهانو آهي. لڪ چوراسي جُوَنَ ڪي ڏئي ٿو، انهن مان انسان بہ هڪ صورت آهي. روٽيءَ جوڳپ ڪهڙو! جبلن ۾ بلائون آهن جي نہ اَنُ ڪائين نہ ڳاهہ، پوءِ بہ مار تہ متاريون. انسان ڪي پنهنجي اعمالن ڪٽي روليو آهي، باقي رب بيڏوهو آهي.

# موت

موت ياد ڪريو جو وڏي عبادت آهي. اهو مهمان اچڻو آهي، اهو ٽڪيٽ موت جو هر ڪوئي پريندو. موت نہ وساريو.

ڪريو يادگيرو موت جو، اها وڏي عبادت آهي،

جنين موت وساريو ، واء تنين لاءِ واء

يادگيرو بہ ادم ڪبو تہ ايندو. آخر خدا سان ڪم پوڻو آهي. ماڻهو موت جي طرفان ڪنوارو آهي. آخر اها بہ شادي ٿيڻي آهي. ٻيون مرادون سڀ پڄي آيون ۽ سوڻ بہ سڀ ٿيا. هاڻي موت سان شادي ٿيڻي آهي. هاڻي اٿي پنڌ ڪري. رڳي هاڻي پنهنجي فاتح رهيل آهي. هاڻي جنهن جي فاتح رهيل آهي تنهن ڪي جيئرو ڪيئن ڇئبو! موت ڏن بدن ويجهو ايندڙ آهي.

هيڪلائيءَ وارو ڏينهن ويجهو پوندو ٿووڃي. عاشق دانهون ڪندا ويا. باقي هاڻي اهو وڃي هڪڙوڏينهن رهيو آهي جو منزل هلي ماڻبي.

هاڻي وڃڻ جو وارو بہ اچي ويو آهي.هن جهان مان بہ اڪيلو هلڻو آهي.اهو ڏينهن ويجهو ٿيندو ٿو اچي پيو. هت آيو رهبر ساڻ ڪرڻ آهي. آيو رهيئي ڪونہ ٿو پيو. اچڻ ۾ اچي ويو آهي، هاڻي وڃڻ ياد ڪريو. هيڪل آيو آهي، هيڪل وڃڻوآهي. سڄو سنسار هلندو ٿو وڃي.سڀ ڪنهن ڪي پنهنجا اعمال مٿي تي آهن.خدا جو خوف وڏي عبادت آهي. هاڻي تہ ٽائيم بہ پرجي آيو آهي. هڪ ٽڪيٽ محڪم ڪريو، جو موت جو ٽڪيٽ بہ هٿ ۾ اٿس. جو اهو ماري پنهنجي ملڪ ۾ اٿس. موت آيو بيٺو آهي، اوهين پيا ٽا پهہ پڇو!

نہ ڄاڻان ڪيهي اڳيئون ڪندا پر پنوهار سين.

حياتي بہ الائي باقي ڇا آهي. موت ياد ڪريو تہ رب ياد اچيوَ. هيءَگرم بازار آهي، هر ڪوئي هليو ٿو وڃي، سوپنهنجو وڃڻ بہ ياد ڪجي. نيٺ هيءُ وڃڻ وارو آهي. اها مهل بہ تيتر آهي. جيتر هيءَ حياتي آهي. ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. جيڪو پنهنجو موت وساري ٿو تہ انهي ڪان بيخوفائيءَ ۾ رب حياتيءَ جو ٽائيم بہ پريو ٿو وڃي. موت گهري نہ وني، رب گهري ونجي.

جيئڻ ٿورو آهي، پنڌ گهڻو آهي. پنهنجي وڃڻ کان ماڻهو بيخبر ٿي پيو آهي، خبر به نه پوندي جو اوچتو سودو صرافن جو اچي ويندو. خير سان جيئڻ مول هلي سلامت پهچي. اڳيئون جيئڻ ماڻهو وٽي اچي. نيٺ پنهنجي گهر هلڻو آهي. بيڪمو ماڻهو هتي به پنهنجي ماتا پتا کي نتو وٽي، سو اڳيئون شل پنهنجي گهر وٽي اچي. هيءُ وڏو سفر آهي. هيءُ ميلو جيئڻ جو آهي. آخر اهو به ڳُل ٿيڻو آهي. جيئڻ پوءِ تيئڻ ماڻهو منزل کي ويجهو پوندو ٿو اچي.

موت ڇڏيو اٿو وساري، انهن ڳپلن تي ريجهي ويهي رهيا آهيو، الله ۽ موت ڏانهن بيخوفا ٿي پيا آهيو. بيخوفي ماڻهوءَ سان صحبت ئي نه ڪجي، پنهنجي رب ڏانهن ڪو اعتراض نتو لهي، اوهين اعتراضي آهيو، رب قبول ڪريو. موت نه وساريو جو سڀ ڪنهن تي آيو بينو آهي. موت جو خوف هجي، جي هوندو ته ڊڪندو. هڪ ڪتو ملتان مان سوَ ڪوهه اُتن پهرن ۾ ڊڪندو آيو، ڪنهن ڊڪايس؟ خوف. انسان کي به موت جو خوف هجي ته ڊڪي. فهمايش مان دل ورندي آهي. ماڻهوءَ جي، اسان ماڻهو حيواني آهيون جو فڪر ناهي موت جو.

سدائين نه هوندا ساهه سان اهي ميلائي جا مينهن.

سدائين به هيئڻ هجيوَ چا؟ ڪو سدائين انهن آکهين ۾ ويهبو چا! ٻچو ماڻهو وڃڻ وارو آهي. اهو ويهي پنهنجو خيال ٻين کي ڏئي،اهو چڱو آهي چا! هر ڪوئي خيال سان وهي. خيال خدائيءَ کي ختم ڪري پوءِ تو ماڻهو ڳالهائي. ڳالهائجي پلي پر جيترو جڳائي. سڄو وقت ڳالهائڻ ۾ چا آهي! اها ڪهڙي پونڪ آهي سواءِ رب جي. جنهن جو دم ٺپيل آهي نالي رب جي سان، اهو هڪڙوئي پاڻ ڏانهن خيال سان رهي. ماڻهو ڏسي ته اهو فهوو (بي انت) پنڌ آهي. خلق خدا سان ڏسي ويهي رهيا آهيو. پاڻ ۾ وهو ته ويهي خدائي ڳالهيون ڪريو.

جوانيءَ جي خُنود ۾ موت وسري ٿو وڃي. ليڪن جي عادت آهي جوانيءَ ۾ سنيالي هلڻ، موت جي هڪل ائين آهي جيئن بيلي ۾ شينهن گجي. هينئر وڃڻ جو وارو به آيو، هڪ تنهنجو ٻيو منهنجو.

تم چلو هم آوت هين، اب ڪيا ڪرون ڪچ بات،
تماري چني واچ گئي هماري هي هات
ويهي ڪين وڃاءِ، توکي وري به هلڻو پوندوهوت ڏي.

هينئر سمجھ رکو:

سمجھ ويکين اک سمجھڻ نقطا، سالک سمجھي سوءِ

الله سائين شل انسان کري ماري، حيوان کري شل نہ ماري. اڄ انسانيت ٿوري آهي، حيوانيت گهڻي آهي جو آخرين وقت آهي حجت جي جاءِ ڪانهي.

موت اچي سڄي حياتيءَ جي بادشاهي ٿو وني. ۽ بادشاهہ هڪڙيءَ بادشاهيءَ ۾ نہ سامائبا آهن. جڏهن اها بادشاهي حياتيءَ جي ورتائين تہ پوءِ وري ملڪ ئي ٻيو ڏيکاري ڇڏيندس.

بدن ملڪ آهي، ان ۾ هزار ڪوٺيون آهن. ساهہ لڪي ٿو، پر جنهن بہ ڪوٺيءَ ۾ لڪي ٿو تہ اتي اڳيئي عزازيل بيٺو آهي.

هڪ اولياءَ فرمايو آهي:

ڪريو يادگيرو موت جو وڏي عبادت آهي،

جنين موت وساريو،واءِ تنين لاءِ واءِ.

نون جي گهنٽي پيئي ٿي لڳي بنگلي سرڪار جي ۾. ٻئي اولياءَ وري چيو آهي تہ رب فرمائي ٿو تہ جي مونکان ڊڄين ٿو تہ پوءِ ڪنهن کان نہ ڊڄ. موت جو ڊپ چڱو آهي جو ٻي ڊپوئي کان رب وسري ويندو آهي،. ڪجھ موت ۽ مسڻ جو سمر بہ ڪٺو.

سمر ڪٺو ساٿيو، جو اڳيئون ان نہ پاٽي.

سات سنگت لڏي ويا، هاٽي وڄڻ جو وارو پنهنجو اچي ويو آهي. مٿئون ٽيم اچي پري آهي، تون وتين زماني جا ڏنڏا ڳوليندو! تون ڳول انهي کي جنهن کي ڳولڻ آيو آهين. اول ڳوليندڙ کي ڳول جنهن کي وڃائي ڇڏيو اٿئي. نہ اها تنهنجي ذات، نہ اهو تنهنجو نالو، نہ انهي شهر جو وينل آهين، پهرين سڃاڻج پاڻ، ٻي سيڪا صورت پوءِ.

جڏهن ذات پنهنجي ماڻهو وڃائي وينو تہ اهو مطلب کي ڪيئن پهچي سگهندو! وڃي ساڳي صورت ٿيءُ. وٺ اصل کي، ڇڏ نقل کي. اهي ڳاڳن واريون ڳوهيون ڇڏي ڏي.

هي جهان گذر جو آهي. جن لاءِ هي جهان رب ڪريم پيدا ڪيو آهي اهي بہ هن فاني جهان مان هليا ويا. حضرت سليمان عليہ السلام نبي هو. ڪنهن بہ طرف هلندو هو تہ پکي مٿان پرن جي ڇانو ڪري هلندا هئس. تڏهن بہ هن فاني

www.sindhsalamat.com

جهان مان هليو ويو،سو ايترو رودن چو ڪجي؟ اها رب رضا جي گهر ٿئي ٿي. ڪجهه پوين جو خير گهرجي. رب بيپرواهه آهي، متان ڪا سينو ساهي. سياڻي پنهنجي مٿي تي به بيني ته پوءِ سڀ ڪجهه وسري ويندو. هي جهان سورن جو آهي. ڪهڙو زور پنهنجي رب سان لائبو! توهين پنهنجو موت ياد ڪريو. رب لاشريڪ آهي، ته جنهن جو شريڪ نه ثاني!نيٺ خدا سان ڪم پوڻو آهي. هر ڪنهن وٺان وجن پيا تا هڪ تو وٺان ته نه ويا آهن! شاهه سڪندر روءِ زمين جو بادشاهه هو تڏهن به هليو ويو. هي سارو جهان هليو پيو وڃي. ڪجهه وڃڻ پنهنجو به سنيارجي. پنهنجا سور روئجن، ڪيتري نصيحت هدايت توهان ڪي ٿئي ٿي.!

تو منجهه چنچور چور ٿيا،تون پاهڻ ڪين لوهه.

سو اهڙي دل سخت پنهنجي رب ڏهون نه رڪجي. هي سارو جهان اولاد سميت اڪين جو ڊو آهي. مرد ٿيءُ.

ساهيون ساهيون پڌ، سور يتڻ وڌو سندرو.

چو جو هيءُ جهان سورن جو آهي. رضا تي هر ڪوئي راضي رهيو آهي. هتي جو روئڻ وري ويلن لاءِ چڱو ناهي. هو ته وڃي باغن بهارين ۾ ٿيا. پنهنجو رب نه وساريو. دل پنهنجي رب ڏي رجوع ڪريو. توهين پنهنجي دردن جي ڪريو جو نه پڇي سگهندو. رهندو وڃي نالو الله جو. نفس اڇي راهه جهلي آهي. توهان ڪي خبر ئي ڪانه ٿي پوي. پاڻ سنياليو، جڏهن اوهين مون وٽ آهيو ۽ مون اوهان وٽ آهيان. اهو قدر اوهان ڪي پوندو. اها مهل ويجهي پوندي ٿي وڃي.

ياد ڪرين مرشد والي ڳالهين اڳين.

بيدردا نه ٿيو جو موت آيو بيٺو آهي. پنهنجي دائي ياد ڪريو ته جوش بيهن.

جاڳايا جوشن، دل ۾ دود پرين جا.
واندي گهر نه ويني، ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي.

جنهن شي سان جنهن جي مرڻ وقت خاطر هونديس. ته اهو نمونو ٿي مرندو.جانور سان حاضر هونديس ته جانور ٿي مرندو. زماني جو انهي وقت هڪ اکر به ياد بيهي ڪونه سگهندو. وري به علم حق واري جو سبق ياد بيهندو. اهو

پکو اهڙوڪجي جو سر هليو وجي سبق نہ وسري. خاطر ۾ پريت رب سان رکجي، پنهنجي دم سان رکجي. لڏپلاڻ لڳي پيئي آهي. اچا آيا تہ موت جا سلام آيا.

ساٿ سنگت چل گيا، آيا همارا وارا ري

انسان جي مٿان جوابداري گهٽي آهي. لکپڙهہ اچي ويئي آهي تہ مرڻ کان اڳي مري اچ. پوءِ جيڪي آبروءِ واراهئا سي پنڌ پيا. مرڻ کان اڳي اهو مرندو جيڪو مرڻ کان اڳي مرندو. موت جو يادگيرو ڪبو تڏهن مرڻ کان اڳي مري ويو. جنهن کان موت وسريل هوندو اهو مري مرندو، هينئر وڃڻ جو وارو بہ اچي ويو آهي. هي رهندن تي آهي.

هوندن اتي هُون، لاڳاپا لطيف چوي.

ساري جهان ۾ مڙس ۽ زال بہ ڪڏهن گڏ نہ هوندا. تنهن ۾ جي مرڻو اٿيئي تہ اچ مر، نہ تہ سيان سيڪا مرندي.

صادق مارج موت ڪي جو وري نہ ايندءِ وارو.

مرڻ کان اڳي ڪيئن مرجي؟ مرشد ۾ فنا ڪائي وڃجي ۽ ڪافر تي پئجي.

مرشد ۾ فنا ڪائي، ان ڪي ڪافر چئبو آهي.

مردان دا ڪم مردان.

يعني تہ مرڻ کان اڳي مري اچ. مرڻ کان اڳي اهي مرندا جنهين کي موت ياد هوندو. پهريون مرڻ سجايو آهي، پويون مرڻ اجايو آهي. پهريون مرڻ ڪا ڳالهہ ڪرڻ جي آهي چا!

سر جو صرفو نہ ڪر. صرفي ڪئي سوپ ٿئي تي. سر قربان ڪر، نہ تہ نشان ڪر تہ چُٽين ئي.

سر تہ ويو ڪائي ڪاڻ ۾ هو ڪي ٻيو تا گهرن.

محويت پاڻ ۾ ونجي. هينئر مند پنهنجي سنڀالجي. ٿيم اچي پري آهي.

ٻج گنگي پنيان ٻانپ تي اچيئي.

( گنگي : ماٺهو، ٻانپ: موت)

صفات وارو چولو ڏيئي ذات وارو چولو ونجي. پر انهي ڪپڙي جو خريدار ٿورو آهي. ڪپڙو تہ دڪان تي ڪوڙ آهي.ڪنڊل چوندي هئي تہ قبلا مونکي ڏاڙهي لٽل آهي، ڪڏهن گيڙو بہ ٻڌندي آهيان، يعني تہ فنا ڪاڏائين،

صفاتي چولو ڏيئي ذاتي چولو ورتائين.

جيڪي مرڻ کان اڳي مئا تہ هو مري چڪا. پوءِ جيئن ياڳيو ماٺهو هجي، هتئون واندڊ پئي وري هن پاسي وجهي جتي گهٽو ويءُ هجي. هنن جو هلڻ ئي ائين آهي. اولياوَ جيڪي مرڻ کان اڳي مئا انهن تي وري ڪو بيهر موت ايندو چا! هڪڙن سان موت صلح ٿو ڪري.

يڪجاءِ ٿي ويهي رهڻ اهو بہ مرڻ کان اڳي مرڻ آهي. هڪ هنڌ وهندو تہ سيپئي اچي سلامي ٿيندي. جي گهمندو وتندو تہ ڪتا پنيئون لڳا گهمندس.

جز ۾ پجرا بہ آهن پر پکي هڪ آهي. هوڏانهن پکي بہ آهن پر پجرو هڪ آهي. پجري جي قيد مان نڪرو.

# رات

ساري رات سبحان آهي، سبحان چوندا آهن پاڪ کي. اها گهرن جي اڳيئون وهيو ٿي وڃي، پر ڪنهن سنپاريو ڪنهن نه سنپاريو. سڄي رات نيٺ وڃي حضور ڏيڪاريندي. جيڪو انسان رات جيئري ٿو رکي، تنهنجي الله سائين دل جيئري ٿو رکي، جنهن جي دل جيئري آهي، انهي جي الله سائين قبر به جيئري ٿو رکي. رات پنهنجي آهي، ڏينهن پرائو آهي.

لڏيو ٿي وڃي لڏ، تون به لڏيو وڃ لڏ سين.

رات لڏي ويئي ڏينهن به لڏي ويو، سارو جهان لڏيو ٿو وڃي. اوهين به غفلت ڦٽي ڪريو. رات بنا ننڊ جي، ڏينهن به بنا ننڊ جي، درياه به بنا ننڊ جي، وڻ به بنا ننڊ جي اُيا ادب ۾ بيٺا آهن. ملڪن جو مالڪ به بنا ننڊ جي پوءِ اوهين ڪيئن ننڊ جا وڃائيت ٿيا آهيو! تون به بنا ننڊ جي ٿيءُ ته رات سان گڏجين. ان سان گڏيو وڃ ته وڃي صبوح اُتي ڪيڏيءِ.

رات آهي ويچار لاءِ. ويچار ڪهڙو؟ رب جو پار جو. پر اوهين سڄي رات بيخوفا ٿيا ستا پيا آهيو. خبر ناهي ته موت الائي ڪيڏي مهل اچي.

وڃ ڪڙنديءِ ويلا، تون ستو ڪهڙي ساءِ (سواد)،

تو جيڏا تو يار، ڪئين لهرن لهوارا ڪيا،

هيءُ ته هت وهاٽي، تون آڳه ڪر اڳ جي.

ساري ماني ڪائي ساري رات سمهڻ اها حيوانن جي ريت آهي. ڏينهن جي نوڪري ڏيو پيٽ جي گذر لاءِ، رات جي نوڪري ڏيو خدا ڪارڻ. رات ساري چالھ ۾ ٿي اچي. تڏي ڪوسي به چال ۾ اتي اچي. جي ڪو چال سڌاريندو ته سرڪار وس واري آهي. اضافو ڏئيس، سروپاءِ ڍڪائيس يا آفرين نام ڏئيس.

تڏي ڪوسيءُ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

ماڻهوءَ جي اٿڻي ويهڻي بندگي آهي. سڀ ڳالهه چال ۾ ٿي اچي، جيڪو چال سڌاري! پوئين رات ننڊ نه ڪريو، پر ڏينهن جو به واندو نه رهجي، تڏيءُ ڪوسيءُ ڪاهجي.

ساري رات نه سمهجي. ساري رات جو پلا سوڙ ۾ پيو هوندو ته انهي ڪي

لڳ چوندا آهن. اهو جڻ لڏن جي جماعت مان اٿندو. پوئين رات اٿجي. آهي تہ اڌ رات ڪانپوءِ رات ڳالھائي ٿي پر ننڊ وارن سان. جيڪو وينو هوندو انهي نہ چوندي. ڇا ٿي چوي؟ چوي ٿي حيف هجيئي، مون وهامندي ٿي وڃان، تون ننڊان ٿو ڪرين۽ اڌ رات ڪانپوءِ اٿجي . جي اڌ رات نہ اٿين تہ ڏيڍ پهر رات جو اٿ. انهي انسان جي صورت ڪي تو چئجي. انسان جي تعريف ڪلام الله شريف ۾ آهي، جنهن جو هادي رب تو ٿئي، انسانيت ۾ انهي ڪي تو آٽي.پر گهري وٺو. ڏسسو تہ ڪهڙي بازار ڪٽي بيني آهي، ننڍو ٻار جي انگل ڪندو تہ مائٽ وسيلو آهيس، ان سان ڳالھ ڪندو. هيءَ ٻي مخلوق جيڪا بہ آهي، حيوان وغيره سي سڀ پنهنجي رب ڪان گهرندا آهن، جيئن ٻار گهرندا آهن.

ٽيهريءَ ۾ اَسر جو پويون وقت چڱو آهي، ويهي رب ياد ڪجي. اَسر جو جيڪو اُٿي اهو سيني ڪان اڳي سمهي رهي ڇو جو بين ڪي تہ اٿٺو ناهي، هن ڪي اٿٺو آهي، مسافريءَ ۾ هوندا هواسون سائينءَ سان. پوءِ ماڻهو بہ ٽي بہ ٽي ٻڪريون ڪهندا هئا جو خلق سائين جن سان گهٽي هلندي هئي. رات جو پاڻ گرھ ڪو ڪاڏائون تہ واھ نہ تہ ڪير ڍڪ پي سمهي رهندا هئا. ٻوڙ پلاءَ پيا ٻيا ڪائيندا هئا. پاڻ سويلئي سمهي رهندا هئا. ننڊ بہ ايتري ڪجي جيتري جڳائي، واڌاري ننڊ حرام آهي. غفلت سڀ ننڊ آهي ههڙي سفر ۾ غفلت ڇڏي ڏجي رات پنهنجي آهي، ڏينهن پرائو آهي. ڏينهن بہ واندو نہ ويهجي. ڏينهن نہ لجائجن. اُٿئي ويني ڪم هاج ۾ دم سان هججي.

رات صفات آهي، ڏينهن ذات آهي،جيئن اوندھ ۾ سوجهرو. جنهن مهل حقيقت جو سج اُبريو تنهن مهل صفات ويئي. رڳي ذات بچندي. الله سائينءَ ڪي سچ موڪلٹو هجي تہ پهرين رات موڪلي تہ جيئن ڏينهن وڏيڪ وٽيءَ قدر ٿئي. رات آئي تہ ڏينهن جي اميد ٿي. رات مهر اچڻ جي نشاني آهي. ڏکن پنيان سک آهن.

پنهنجن پيارن ڪي جيڪي سور ڏنا اٿس تن جي زماني وارن ڪي خبر ئي ڪانهي. سور پنيءَ ۾ ايترو آهي جنهن جو ڪهڙو احوال ڪجي. پر شڪر آهي جو رات تہ جاڳائي ٿو.

# دل

مالڪ جي طرف ڏي دل ڪي تازو رڪجي. جهڙي تهڙي حال سان بہ دل بدل پنهنجي رب سان هجي. اها دل پوءِ الله سائين سهڻي تو ڪري. دل سهڻي رکو پنهنجي رب ڏانهن . دليئون قبول ڪريو پنهنجو رب. جيڪي چڱيون دليون آهن انهن رب ڪريم قبول ڪيو. سهڻي جي صحبت ۾ پئي ڪيتريون دليون سهڻيون ٿيو وڃن. جي دل سهڻي جي يادگيري ۾ رهندي تہ اها دل پيئي سهڻي ٿيندي. سهڻي ڪي وٽن ٿيون سهڻيون دليون. سهڻيءَ دل سان مرجي تہ چڱو آهي. دل جاڳائجي، خدا جو خوف ڏيڪارجيس. جو رب جي سرڪارڏاڍي آهي.

ڪا ڪا دل سهڻي ٿي ٿئي. جا دل رب قبول ٿي ڪري سا سهڻي آهي. نالي رب جي سان سپ سونهي تو، سهڻيون دليون ڪئين دليون سهڻيون ٿيون ڪن.سهڻي شڪلوٽي زماني جي ماڻهن ڪي، دل سهڻي وري وٽي رب ڪي. نالو رب جو دل سهڻي تو رکي. ميران بائيءَ جي دل سهڻي بہ نالي رب جي ڪئي هئي.

دل ڪي جيئرو سندس يادگيرو رکندو آهي، جنهن دل ۾ الله آهي تہ اها دل تازي آهي. اوهين ساپيان پنهنجي دل الله سان بدو. جا دل الله سان بدل آهي، انهيءَ ڪي بيو ڪير بدي! دل بہ چور جي پنهنجي رب جي طرف، باقي هن زماني ۾ ماڻهو ڪيترا هٺ هٺندو! هتي ڪجهہ بہ نہ آهي. جيڪي آهہ سو اڳتي آهي. تديءَ ڪوسيءَ دل شروع تي بيني هجي پنهنجي رب ڏهون. ڪا ڪا دل بہ بجليءَ وانگر تي آهي. جيئن بجليءَ ۾ چڪ تي ٿئي تيئن دل جيڪا وڌيڪ چڪ يا ڪشش تي ڪري اها بہ بجليءَ وانگر آهيءِ چڪ تي ڪري.

دل تي نظر آهي محبوب جي.
هٿ ڪار ڏي، دل يار ڏي.

دل ڪي هاٽي وجڻ جو بارڻ بارجي تہ جوش جاڳن دل درياہ آهي،پل تہ دل تي چو تو بيهي. چولو عشق جو، يعني تہ جڏهن زمانو وسري ۽ هن پاسي ميل پئجي وجي. پنهنجي جدائي سنيارجي جو ضرور اٿوآهي اِڏاهين.

ڪيترا ڏينهن هٿ چوريا! دل نه چوريو، جڏهن دل سان جنهن ڪي لڳي آئي ته هٿ وارو انهي ڪان پاڻيهي ڊرو ٿي ويندو. هيءُ هڪ وڏو سفر آهي، ماڻهو اچي منزل ڪي ويجهو ٿيو آهي، ڪنهن سڃاڻيو ڪنهن نه سڃاڻيو. هيئنر "ونحن اقرب" ويجهو آهي.

گهٽو ئي هٿ پيرڪي وهايواتو، هاٺي دل ڪي وهايوَ. جا دل شروع ٿيل آهي پنهنجي رب ڏهون، اها دل چٽڪ پنڌ ۾ آهي. هو سوَ مٽڪا سمرنيءَ جا ڦيرين تون هڪ مٽڪو دل جو ڦير نه اتي آرسي سڏبين.

آرسي جن ڪيو، اٺ نه پيلي تن جا،
پتر پير ڊگها ڪري جڏهن ستيون جي،
تڏهن تنيين ڪسي، ساٺ ستيئي چڏيو.

جيسين ڳالهه دل سان نه لڳندي، تيسين هٿ واري نه وسرندي. جنهن ڪي لڳل ناهي ته لائي ڏسي. جڻ ڳالهه دل سان لائجي. پر سو به لڳل هونديس ته هي هي به هونديس. سڄو ڪيس متي تي آهيس اها خبر ئي ڪانهيس!

اي هينئان ننڌڪ، تون سڄڻ ساريو نه مرين!

جڏهن دل سان لڳي ائي ته پوءِ هٿ واري پاڻيهي وسرندي. جنهن ڪي لڳل ناهي ته لائي ڏسي. جڻ ڳالهه دل سان لائجي. پر سو به لڳل هونديس ته هي هي به هونديس. سڄو ڪيس متي تي آهيس، اها خبر ئي ڪانهيس!

اي هينئان ننڌڪ ، تون سڄڻ ساريو نه مرين!
جڏهن دل سان لڳي آئي ته پوءِ هٿ واري پاڻيهي وسرندي. پوءِ
سي ڪيئن اُجهامن من جنجا سنياليندڙ سپرين!
هي وڳ به ڪنهن جو ته آهي!

بادشاهن ڪي جڏهن دل سان لڳي آئي ته بادشاهيون ڇتي ويون. پيرن مان جن ڪي دل سان لڳي آئي، تنبو طولان ڇڏي بنديون سيرانديءَ ڪري رب قبول ڪيائون.،

جنهن وقت دل سان لڳي آئي، ته پوءِ اها دل هڪ غنچ آهي رب گهرڻ جو. مالهي پڪو اهو آهي جو گلن تي بينو آهي باغ ۾.ڪليل خوشبوءِ واري گل تي پنور ايندا آهن. مالهيءَ جو ڪم آهي گل سنيارڻ. گل دل ڪي چوندا آهن، پونر اک ڪي چوندا آهن. پلي دل جي مڪڙي ڪلي ته پوءِ پاس ٿيندين. هر ڪوئي پاس

ٿو ٿئي، توهين سبق پڪو ڪريو تہ پاس ٿيو. دوست دل مون نہ ڪڍجي، دل ۾ پچائجي.

وجن ٿيون وجود ۾، لونءَ لونءَ ۾ سي لارون،

هادي فقير، ڪج ڪو درد جو دارون.

ظاهر باطن بہ الله انهن سان راضي آهي جيڪي دليون محبت رب ڪريم جي ۾ رهن ٿيون. محبت مالڪ جيءَ ۾ دليون سهٽيون ٿين ٿيون، ظاهر باطن، منهن سهٽي ڪان دل سهٽي چڱي آهي. سهٽي سائينءَ جي محبت ۾ دليون سهٽيون ٿينديون آهن. زماني وارن سان بہ گهٽو نہ ڳالهائجي جو گهٽي ڳالهائڻ ۾ دم اجايا تا وڃائجن. دل پلي رب پنهنجي سان ڳالهائي، محبوب ٿو محلات ۾ ڳالهائي. سر قربان ڪر نہ تہ نشان ڪر تہ چئينئي.

سيڪارڻ جي ڳالھ ناهي. ڪجھ سمجھٽو آهي.

سڪ بہ لڪ بہ، پوءِ بہ لڪ لڪوٽيءَ لڪ،

تہ تڏهن پسڻ ٿئي پرينءَ جو.

جنهن دل ۾ الله جو نالو اچي پيو تہ اهو ڪيترائي نالا وساري ڇڏيندو.هڪڙي درويش وٽ هڪ دنيا ماڻهو پنهنجو پٽ ننڍي هوندي ئي ڇڏي ويو. ڇوڪرو اتي ڪم ڪار ڪندو هو. روز صبوح جو فقير ڪانئس پڇندو هو ت ابا تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڇوڪرو بہ هر روز پنهنجو نالو ٻڌائيندو هو.ائين ڪندي ڇوڪر اچي جوان ٿيو ۽ مٿون اچي ڏاڙهي مڇ لٿيس. فقير اجا بہ ڇوڪر ڪان نالو پڇندو اچي. هڪ ڏينهن ڇوڪر فقير کي چيو تہ قبلا ورهيہ ٿي ويا آهن روز پيا نالو پڇو، منهنجو نالو اوهان ڪان وسري ٿو وڃي ڪيئن؟فقير چيو تہ ابا اسان هڪ نالو ياد ڪيو آهي ۽ اهو اندر ۾ اهڙو تہ وُڙهي ويو آهي جو ٻيا نالا سڀ وساري ڇڏيا اٿس. من ۾ چڱو نالو اچي پوي تہ رب جي مٺ نہ. خيال رب سان ٻڌل هجي. هن ڪم ۾ ئي خيال جو آهي.نالي رب جي کي ختم ڪري ٻين ڳالهين سان لڳڻ، اهو جاهلن جو ڪم آهي، جاهل انهيءَ کي چئجي جيڪو پاڻ ڏانهن بيخبر آهي. اهو علم ئي اهڙو آهي.

# ننڊ نياڳ، جاڳ سهاڳ!

خيال خدائيءَ کي مرد تي ونجي جو هيءُ پنڌ مردانو آهي. هينئر وقت حياتيءَ جو ٻه آخرين آهي. پوءِ انهن کي اڳيئون اوکي ڪانهي جن کي اٺ ئي پهر دل ۾ سندس نام آهي.

جن جي دل ۾ اٺ ئي پهر الله آهي، اهي ماڻهو بي قبضا نہ چئب.ماڻهو هن جهان ۾ آيو آهي ڪنهن جي فيض لاءِ. سو الله ئي وساريو. اهي ڳالهيون ساپيان آهن. جيڪي ڳالهيون ساپيان آهن سي ساپيان سمجهجن. اٺن پهرن ۾ من ڪو دم هٿ اچي! ماڻهو اهڙو ٻه نہ آهي. جاڻجي تہ اهڙي ٻہ نہ هيس.

چريون ڏيئي چار، بيوان ونجي هڪڙي،
پوءِ بيوان سندو بار چريون چوريئي نہ سگهن.

چري ٻہ دل، بيوان ٻہ دل. چري اها دل آهي جنهن پنهنجو رب وساريو آهي. بيوان اها دل آهي جنهن کي نام جو نشو هر دم بينو آهي.

هيڪر دل ڏيئي وري ڪٽي نہ ونجي. دل کي جڏهن يادگيرو تو پوي تہ اهو دل کي چڻ سڏ پهتو. دل جو ڪم آهي تہ نہ وسري نہ وسارجي.

هٿ هاج ۾ دل دوست ڏي.

جا دل فراموش آهي، انهيءَ کي ننڊ چوندا آهن. فراموشيءَ ۾ دل مري ويندي آهي. جمار وڏيءَ ڪان سمجهہ وڏي پلي آهي. توکي بيا تا جاڳائين تون دل جا جوش جاڳاءِ. جوشن ڪانسواءِ غير نہ جلندو. غمزا ٻہ غمن سان لڳندا آهن. جيڪا دل رمزن ۽ غمزن ۾ آئي، اها خبر انهي کي رهندي. محبت رب جيءَ ڪانسواءِ دليون ويران تي تيون وجن. هٿ، پير، ذات چوريو تا باقي دل نتا چوريو!

ٻريئي تہ پار نہ تہ قوڪ تہ لڳي انبرين(انبر:وڏي ڳالهہ) نہ تہ جيئن باهہ وسامندي وسامندي وسامي ويندي آهي. تيئن وري دل ٻہ زماني ۾ وسامي ويندي آهي. دل کي زنده ٻہ رب جو يادگيرو رکندو آهي. دل جيئري رکندو آهي رب جو يادگيرو. چٽتو رب جو اصل دل تان نہ لاهجي. چٽتو مڙيوئي مالڪ جي طرف ڏانهن هي. جا دل حاضر ناظر آهي.تنهن دل ڪان رب نہ وسرندو.

مالڪ جي نام جو دل تان يادگيرو اصل نہ لاهجي، نہ تہ اڳيئون ہي ڪا وسئن آهي اصل ڪانہ. هلٽو بہ ضرور آهي. اهي توهانجي نہ دلين ڪي چهبوڪ هٽجن تا پيا. بيخوفائي اصل نہ ڪجي. دل نہ قبول ڪري تہ بہ رب قبول ڪرائجيس. جيڪا دل مالڪ جي محبت نتي قبول ڪرائجيس. جيڪا دل مالڪ جي محبت نتي قبول ڪري اها ڪوتي آهي. ادم ڪري بہ پنهنجي من ڪي سمجهائجي ۽ دل کي قبول ڪرائجي جو هڙي مهل، هڙي حياتي وري هٿ اچڻي ناهي.

دل ڪي اجايا گهنگهرو ٻڌا اٿو جو اجايو هيڏي هوڏي جون ڳالهيون پيا دل ۾ رکو. هڪ ڳالھ محبت پنهنجي رب جي. پنهنجي عضون سان پيا تا ڪيڏيو. ايتري پنهنجي رب سان چو نہ محبت رکو تہ لکيا ڏوھ لهي وڃن! چڏيو اهي ٻاراٽيون رانديون. رب ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندو.

دليون موهيون وينيون آهن زماني ۾. هن پاسي ۾ جڏهن دل موهجي ٿي تہ طرف ئي انهي وڃي پيو. زمانو آخر فنا ڏنائين، ڪم ڪندو وتيو تہ بہ معنيٰ سان رهيو. جيڪو معنيٰ سان رهيو. جيڪو معنيٰ ئي نہ سمجهي ان سان ڪم ڪيهو. معنيٰ ئي پنهنجي سمهي، پاڻ ئي ڪتاب آهي. پر جي ڪتاب ۾ منهن هٽبو تہ جيڪو سو نقطو نظر ايندو. ڪتاب ۾ منهن هٽي تہ ڏسي. علم مان گهٽو واقف هجي پر جي پاڻ ڏانهن بيخبر آهي تہ جاهل آهي. پاڻ ئي جيئرو ڪتاب آهي.

جيڪا دل رب نتي قبول ڪري تہ اها دل ڪدي ڪتن ڪي ڏجي تہ من ڪتن ڪاڏي ڪو درجو ٿئي! رب جي نالي ۾ وڏي طاقت آهي. ڪو چڱيءَ طرح رهي تہ ڏسي تہ قلب جا طاق ئي ڪدي چڏيندس.

بيدردي دل مئي ڪانپوءِ نہ زال آهي نہ مرد،ڪدڙي آهي. جنهن دل ۾ هي هي نہ آهي اها دل آباد نہ آهي.پر سو بہ تڳل هونديس تہ هي هي بہ هونديس.اُڻ تڻ پنهنجي رب سائينءَ جي دل ۾ هجي. اڻ تڻ مالڪ جي دل تي دائم هجي.

ڪڏهن من ماڪوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن،
سرتيون سارو ڏينهن، هينئون تہ هڪ جاءِ ڪڏهين.

درد جاڳائجي. درد مالڪ جي نام سان جاڳايو جو نيٺ مالڪ سان اول آخر ڪم پوٽو آهي. مالڪ جي طرف ڪان دل ڪي بيدرد نہ ڪجي. بادل وسن ٿا، برپٽ

جا گل بہ ٽڙيون پون. هيءُ دل بہ ائين آهي. رب جي نظر دلين تي آهي. بيدردو نہ گھمجي. سواءِ رب جي دل بيدردي ٿئي ٿي. رب جي محبت دليون ويجهيون ڪندي ايندي.

دردمندان ديان دانهان سڻ ڪر آپ خداوند ڪڙيا،

دل درياهہ من پيڙا محبت والاہ تي مردان تريئي.

ڪنهن پڇيو تہ قبلا هيتري نصيحت هدايت ٿا ڪريو، پڌون بہ ٿا، سمجهون بہ ٿا، پر دل جاڳيئي نٿي سو ڇو؟ چي ننڊ هجي تہ جاڳي! هتي دليون ئي مري ويون آهن. پر ميون ڪلون رڳجن ٿيون، باقي ميون دليون تہ رڳبيون! هُن ۾ مصالح ٿا پون. مئيءُ دل جو مصالح آهي نيڪن صحبت. ليڪن جي صحبت ۾ دل رَڇي ويندي آهي. يا نہ تہ بہ ڪڪورجي نہ ويندي،( پڇندي ايندي ميوي وانگر) ۽ نيٺ رڇي ويندي. پيو ڪلجڳ بہ آهي، انهي طرف جو ڪوبہ خريدار ڪونهي. سو پين سان ريس نہ ڪريو اوهين سعيو ڪريو.

ڪلن ۾ مصالح وجهندا اٿن. پوءِ اٺ ني پهر بنا ننڊ جي اپيون ادب ۾ بينيون هونديون آهن. هيءُ بہ انيئي پهر ادب ۾ بنا ننڊ جي اُيو رهي تہ رڳجي پوندو. صابرين دل ڳوڙهي رڱيل ٿيندي آهي.

ڳوليانءِ ڦوليانءِ هوت، شال نہ ملانءِ هوت،

من اندر جي اوت ملنديئي مات ٿئي،

ويجهو ٿي تو ورنائي دانهون دردمندن جون.

اهي هڪڙن لاءِ بيت آهن، هڻ وارن لاءِ وڏيون هدايتون آهن. ليڪن جي صحبت اها آهي. اهي دل سان هندائجن، راز ڏي ٿا چڪين. راز ڪانسواءِ ملي نہ سگهندو. راز گهري ونجي پاڻ منجهان. هينئر ويجهو آهي.

دل جي آزار جو دوائون چار آهن. هڪ تہ صحبت ليڪن جي هجي، پيو علم حق جو هجيس، ٽيون رات جو اوجاڳو هيس ۽ چوٿين مني بک هميشہ لاءِ. سواءِ ديدار جي بي دوا ڪانهي مرض منهنجي جي. ويجهو هججي تہ ڏاڍو سنو آهي. صحبت دل کي تازو ٿي ڪري.

دل سهاڳڻ اها آهي جا پنهنجي گهر جو ڪم ڪري، جتان آئي آهي هت ڏيساور ۾. پنهنجي گهر جو ڪم ڪريو، پينون رليون نہ ٽيو، پنڌ ڪريو. اڄ ڪلهہ مريد مرشد کي پنيون رليون ٽيو پون. پنڌ ڪريو، اوهين لاهي پائي رڳو

پيٽ تي بيهي رهيا آهيو. يار کي هڪ ٿڻ وات ۾، پيو هٿ ۾، ته ٿئين لاءِ پيو ڏسي. هر ڪوئي پنهنجي اعمالن سان آهي. وجي انجي دامن ونو. جيڪا دل مرشد جي چوائيءَ ۾ آهي، اها دل فيض لهي ٿي. جيڪا بہ دل سهاڳڻ هوندي آهي. اها دل هتان هدايت جا زيور پائيندي آهي، اڳيئون سهاڳ جيئڻ ملي. جيڪا بہ اڳ سهاڳڻ هوندي، انهيءَ دل ۾ ڪنمال (رحمت جي مالها) رب جي يادگيري تي ٻڌل هوندي.

گلا براءِ هڪ دفعي عرض ڪيو تہ قبلا جلد گهرايو تہ ديدار نصيب ٿئي. ٻچو دل جيئري رکجي تہ ماڻهو جهڪ مليو پيو آهي. پري پاڻ چڱو.

جيئاريس ئي سنيار، ملي ڪنديس ڪوهہ!
ويرون تار وجود ۾ آهي پرينءَ جي پچار،
سي ساجن ڪيئن چئجن ڏار، جيڪي هنئين ۾ حل ٿيا.

ڪهاڙي وهائيندي وهائيندي مڏي ٿي پوندا آهي تہ لوهار جي دڪان تي ڪٽي وجي آهي لارائڻ. هيءَ دل بہ هڪ ماس جو ٽڪر آهي. زماني ۾ رهندي رهندي ڪيئن نہ مڏي ٿيندي! دل کي زماني کان جهلي هڪ رب ياد ڪريو. اوهان پنهنجو دوست رکو دل ۾ تہ اوهان کي پنهنجو دوست آڏو ايندو. دل مان شڪ ڪڍي حق سان رهو. رب ڇڏي ٻيءَ ٻوڪليءَ پيو تہ ڄڻ ماڻهو ٻتڙ ۾ پيو. ديوان حافظ ٿو چوي تہ دل ۾ هڪ جي جاءِ آهي، جي گهٽائي آهي تہ مسافرخانو آهي.

يقين جو درخت آهي مومن جي قلب تي. ايمان انهي درخت جو ڦر آهي مومن جو قلب تي. ايمان انهي درخت جو ڦر آهي، جنهن کي حياءُ هوندو. ايمان بہ انهي کي ٿيندو. پر جي حياءُ ئي نہ هوندس تہ ايمان ڪٿان ايندس! مومن معنيٰ موم دل يا عابد. ڪوجهيءَ دل کي جهان ئي ڪوجهو ۽ سهڻيءَ دل کي جهان ئي سهڻو پيو نظر ايندو. پاڻ چڱو تہ ان کي جهان ئي چڱو نظر ايندو. مومنن جي دل ۾ الله آهي، عام جي دل ۾ ڪتا آهن،ڏسيو فقيرن کي، پونڪون تا ڪن.دل ڏسي ٿي، بہ اڪيون بہ ڪن دل بہ رکندڙ آهي.

# اک

دل وارين اکين سان ڏسجي ٿو. اوهين ٻه هوند مونکي ڏسو، پر جڏهن انهي طرف واري اک کوليندوَ ته پوءِ ڏسندوَ. کو خبردار اک کوليندو آهي، جو مالڪ جي نام سان خبردار هجي. وري ٻه دل جي اکين سان ڏسندو.

اکيون ٻه اهيئي پسندي پاڪ ٿيون.

باقي هيءَ اک ظاهر واري دنيا جي جهان ۾ قاتل آهي. هيءَ بازار اوتري تائين کليل آهي، جيتر پنهنجي اک کليل آهي. اک بند ته بازار ٻه بند.

اک ٻه اها ڪلندي جا صورت محبوب جي سان ٻڌل مقيم رهندي آهي. جنهن اک کي ترڪڻ بازي لڳي پيئي هوندي، هيڏي هوڏي پيئي واجهائيندي، ته اها اک ڪيئن ڪلندي! اک نه ڪلندي آهي. غافل رب جي طرف ڪان ٻه نه ٿيڻ گهرجي.

اهو پنڌ ٻه اکين جو آهي ۽ گهرندي ٻه اک آهي. سپاٽي ٻوٽبيون، جڻ مهل ٿي ويئي.

فڪر دليل تيسيتائين آهن جيتر اک ٻڌل نه آهي. اک صورت سان ٻڌبي آهي. اک صورت سان ٻڌل رکجي پوءِ انهي قرنا نه پوندا. جنهن جي اک صورت سان ٻڌل آهي، درجي بدرجي هلي ويندو. ماڻهو اهو وسوڙيل آهي. تنهنکري سونهون نظر مان نه ڪيجي، مرشد جي صورت اک مان نه ڪيجي. اک گڏي ڏسجي. اک ٻه هيرجي. جي ڏسڻ مئون ڏسجي ته سجڻ سامهون آهي. هينئر پارس پرين ويجهو آهي. اک پوئتي وٿيون لڳنديون. اکيون ماروئڙن لاءِ پڪا آهن، پنهنجي محبوب وسيلن لاءِ، جيڪي ڏسندي ڏسندي پراڻا ٿي ويا آهن.

قرنا ۽ دليل جيڪي پون ٿا سو اک ٻڌل نه آهي. دليل اک کي ٻه پون ٿا سو اک کي نشان ڏجي. پوءِ اک نشان ۾ لڳل هجي. صورت مرشد جي نشان ڏجيس. اک دونالي آهي. پلي ڪري نشان ۾ لڳل هجي. اک ٻڌجي. بادشاهه جي سلام تي وڃجي ته هليو وڃجي، اک هيڏي هوڏي نه ڦيرائجي. ٻڌل پلو آهي ماڻهو. پر اک ٻه ٻڌل پلي آهي مرشد جي صورت سان. ٻڌل کي ٻيو ٻڌي نه سگهندو. اک عام ڪان ڦيرائي صورت ئي آٽجي. اها تعليم ئي ٻيءَ طرح آهي. سڀ شيءِ تعليم تي گهري.

اک جي محبت سونهين سان هجي. اک جي محبت سر سان هجي. پيوند سان اک جي محبت رکجي. اک بہ سونهين رهبر سان هيرجي. اک پيئي درجہ بدرجہ هيرجي مرشد جي صورت سان. اک بہ پلي کم لڳل هجي. نگاه نگاه ۾ گڏيل هجي. نگاه نگاه ۾ وجهہ تہ نين سفاري رهن، ٻين ڏانهن سگ تہ چني هلندا!.

ڳهہ کي اوجاريو تہ چمڪندو. اک کي اوجارجي اوجاڳي سان. اوجاڳو اداسي نيڻ کري ٿو. پلي اک اک نيراني ٿئي. اک کي نيرانو ڪجي، جيئن اکين سان الله گهرجي. اک بکي رهي. جڏهن اک بکي رهندي تڏهن طلب رکندي. اهي ڳالهيون عام لاءِ نہ آهن. انهن لاءِ آهن جن کي مليل آهي.

اوهان سان منهنجي هينئڙي جي آهي هير،
نال پرين لايو آهي نيڻن نانوَ.

هيءَ دنيا جي اک پتيل آهي حرص سان ، اها بہ پيڙجي. سپ آهي سا سمنڊ ۾ ٿي رهي. انهيءَ ۾ اَبر آسمان جي منجهئون قطرو هڪڙو پاٽيءَ جو ٿو پوي تہ پوءِ وات ڪٽي پيڙيندي، وجي موتي لاهيندي آهي. اوهين بہ اک پيڙيو تہ معرفت جا موتي وجي لاهيوتہ ٻئي جهان چڱا ٿي وجنوَ.

هينئر پنهنجو محبوب گهر ۾ آيو اٿوَ. يا سر نشان ڪريو يا قربان ڪريو. سک تہ محبوب کان جدا ڪندڙ آهن.

جيکي اکين آڏا سپرين سي پري ڪيئن چئجن!

سو اک واندي نہ ڇڏجي. آخر هڪڙي ڏينهن تہ قدر پوندو جڏهن ساري جهان مان هيڪلو ٿيندو. سو اهو ڏينهن ويجهو ٿيندو پيو اچي. اک واندي نہ ڇڏجي،دم خالي نہ ڇڏجي. اسرار اکين منجهہ آهي.

اکين جي ملڪ ۾ هلو تہ اکيون بہ عيدون ٿيون ڪن. جيئن ماڻهن تي نالا آهن تيئن اکين تي بہ تالا آهن. ڪا اک رانجهن آهي ۽ ان جي نظر هير آهي جا نالائق پيئي ٿي نوازي. ليليٰ معنيٰ دل جا محبوب جي سٽي رهي. مجنون معنيٰ اک، اکين سان هلجي. اکين جو پورهيو ماڻهوءَ کي پيارو ٿو لڳي، هٿ جي پورهئي کان. اوجاڳا بہ اک کري ۽ سودو بہ اک کري.

نين سوداگر دلبر سودا، عشق دلال ڪيتوسي،
اک مجنون تہ دل ليليٰ آهي، اک پوتر تہ دل گل آهي.

صبح جو گل پاڪ آهي جي کو پاڪ ڪري ڏسي. پر جي کو غير ڪري ڏسي تہ ان لاءِ غير آهي. هي سچو سمجهہ جو ڦير آهي. حسن جو گل پاڪ آهي ۽ اک پوتر آهي. جڏهن پوتر گل ٿي پيو تہ پوءِ راضي ٿيندو. پوتر جو ڪم آهي گل تي ويهي مشتاقي ڪندو آهي،مشتاقي وٺي وري اڏرندو آهي . ٻاهرئون سير ڪري وري بہ اچي گل تي ويهندو آهي. پر جي وري اڏرندو آهي تہ سير ڪري اچي گل تي ويهندو آهي.زنبق جو گل پنهنجي اندر ۾ بہ لڱل آهي. اها رمز بازي آهي، ڪاملن جو پنڌ آهي. پنهنجي دل کي ڪامل رکجي پنهنجي رب سان. رحمت جو ڪڪر الله سائينءَ جي مهر سان اوچتو اچي مٿان وسندو اهو توڪل جو پنڌ آهي. رب نگهبان آهي دل کي رکو رب قبول ڪرائجي. سواءِ رب جي ٻيو ڪهڙيءَ ڳالهہ جا پروسا رکبا!.

اک بہ جڏهن ٻئي پاسي ڪان ٻڏندو تڏهن سونهين پاڻ تي ٿيندي. ماڻهو ڳوليئي پاڻ کي ٿو. پونر وانگر گل تي مشتاقي وٺو. وري اڏري ٻاهران سيرڪري وري بہ گل تي ويهجي. اوهان بہ جهاتي پاڻ ۾ پايو.

هيءُ پنڌ ئي اکين جو آهي ۽ سمجهڻ بہ اکين جو آهي. سڀ ڪم اک جو آهي. اکين کي عادتون سيکارجن. گڏهہ ڳابو بہ هيءَ اک ڏسندي. اگر صراف آهي. اک واري صراف چوندا آهن. باقي بازار ۾ خلق گهٽي آهي. هيرن جي هار جي خبر بہ صراف کي پوندي. لقاپور ۾ لقا پيئي تي لتجي. لقا کي بہ اک لتيندي آهي. (لقا پور: هي جهان ، لقا : راز الاهي)

اڄ فيصلا اهي تا ڪن جن کي پنهنجي ڪيس جي ئي خبر ڪانهي. هيري لعل جواهر جو ملڪ بہ هيءُ آهي. صراف ٿورو آهي يعني اک وارو ٿورو آهي.

جهان بحر آهي، بدن ٻيڙو آهي. بدن جهاز ۽ اک ناکئون آهي. ناکئون زمين تي لهندو آهي تہ بہ ننڊ نہ ڪندو آهي. ٻچڪو ڪولي تہ واپاري اچي سودو ڪن. جهاز تي ڪهڙو سامان آهي؟ خزانو حياتيءَ جو اٿس. دوست بہ انهي جهاز تي چڙهيل اٿس ۽ دشمن بہ انهي جهاز تي چڙهيل اٿس. ماري بہ انهي جهاز تي آهي. تنهنڪري فراموشي ڇڏي اک کوليو. آخر هلڻو بہ آهي. قبر مسڻ بہ سجهن تا يا نہ؟

راتيون جي جاڳن آءٌ سيئي ڪنديس سيڻ،
تنين سندا نيڻ، اوجاڳي اوجاريا.

اک جو پورهيو آهي وڏي ۾ وڏو. اک آهي ڪپتان جهاز جو ۽ دل آهي قبل نما، راه ڏيکاريندڙ.

هي بدن جهاز آهي، دل قبل نما آهي، اک ناکئون آهي. سيني وصفن سان آهي. جيڪي وصف آهن سيني سان آهي، پر سجاڻي پاڻ کي. پر يکي مرشد جي اک سان سڄاڻي سگهندو سو پنهنجي هنن اکين سان نہ سڄاڻندو، ڇو جو هي صفات ۾ قاتل آهن، هوءَ ذات ۾ آيل آهي. ذات صفات ائين آهي، جيئن هيءَ رات جا آهي، سا صفات آهي. هن صفات ۾ جيڪو سج تو اپري اهو جڻ ذات ظهور ڪيو آهي صفات ۾. تيئن انهي بدن ۾ صفات آهي، انهي ۾ ذات ظهور ٿي ڪري. جهڙي هتي اونده آهي تهڙي اونده ماڻهوءَ کي پنهنجي اندر ۾ بہ آهي. پوءِ اونده ۾ نہ دوست جي خبر نہ دشمن جي خبر. اونده ۾ ڪهڙي خبر پوندي دوست دشمن جي، ماڻهو سوجهري ۾ اچي. اک مطلوب جي ڇا نٿي ڪري طالب لاءِ. نهارڻ سان نشو ڏيئي ڇڏيس (عشق جو) ! جيڪي مرشد جي اکين سان ڏسي سگهبو سو پنهنجي اکين سان نہ ڏسي سگهبو. مرشد ساپيان طالب وٽ وينو آهي. مرشد سر آهي طالب ڪرسي آهي، سر جڻ مرشد جو اچي وينو.

وڏي ۾ وڏو حيوان آهي هاٿي، هستيءَ جو هاٿي نفس. اهو رهي ٿو ڪجلي بن ۾. اک آهي ڪجلي بن. اک آهي نفس جي رهڻ جي جاءِ. ايمان ڪٿي ٿو رهي؟ لٽي ۾ رهي ٿو، جُتيءَ ۾ رهي ٿو. ڪاڏي ۾ بہ ايمان رهي ٿو. پر ڏسي وري بہ اک ٿي. سو اک جڏهن پنهنجو پاڇو ٿي ڏسي ۽ خيال آيس تہ مان بہ ڪجهہ آهيان تہ جڻ ايمان تيس ۽ هڏ ئي وڪٽي ڇڏيائين. اک بہ ڪڏهن تجلي ٿي ڪري. بجلي پريل ڪکر ۾ تيندي آهي. جن اکين کي قرار آهي تہ ساري جان قرار ۾ آهي. جي اک بيقرار آهي تہ ساري جان بيقرار آهي.

شڪاري ڪنهن کي چئجي؟ طالب شڪاري آهي جو دليل خطرا شڪار ڪندو تو وجي. شڪار ڪهڙو عضوو ڪندو آهي؟ اک شڪار ڪندي آهي جو دليل ساپ اک ڪسي تا پون. وٽج بہ اک وهائيندي آهي.

جيڪي وصف، سڀ پاڻ ۾ اتس. پرڏيهہ ئي ماڻهوءَ کي ڏيهہ آهي، پنهنجي ڏيهہ ڏي پلي ڪري وجي.پر اکين سان وجي.اکر مڙيوئي ادب جي ڏاري. بي ادب آسماني رسيدو تيندو ڇا! آسمان پاڪ جايون آهن. ملائڪ پاڪ جاين تي هلندڙ آهن. اکين کي ادب سيکاريائون.

# زمانو

هي زمانو ڏيساور آهي. وطن ڇڏي ماڻهو هتي ڏيساور ۾ ڪنهن ڪم سان آيو آهي. اهو وساري ماڻهو هتي وطن ڪري ويهي رهيو آهي. وطن ڪان ماڻهو بي وطن آهي. وطن جي تانگهه ئي ڇڏي ڏني اٿس.

بندا بيراڳي ڪر ڪا وطن ورڻ جي،
وطن جن وساريو، حيف تنين کي هوءِ.
جنهن جو مڪان هتي ڪونهي، تنهن تي ڪهڙو ويساهه ڪجي!
وطن ڪنون بي وطن ٿياسون،
ٽٽ ڳئي تانگهه وطن دي، قسم حسن دي،
ديس ڪنون پرديس ٿياسون،
ڪل پئيسون دشمن دي، قسم حسن دي،
باغان دي وچ ٻوٽي ڪوماٽي،
گلچمن دي، قسم حسن دي.

هي جهان باغ آهي. گل چمن اها دل ملول تي آهي، چمن جي متان گل بيٺو آهي زنبيق جو. ڳالهه رڳو پنهنجي آهي، انهيءَ صورت جي. ڪتابن جو ڳالهيون ٻڌندو بين جون، سو سڪندو! پاڻ کي سمجهائجي.

آخر انڌا اهي سڀا جن هت نه ڏٺو هو ڏيهه. پنهنجو پاڻ کي سمجهائجي. نيٺ پنهنجي وطن هلڻو آهي، پنهنجي گهر هلڻو آهي. آخر انهي سچي جهان ڏي هلڻو آهي، جيئن انهي سچي جهان ۾ نيڪن جي روبرو ماڻهو پشيمان نه ٿئي، جو هميشه رهڻ وارو ملڪ به اهو آهي. وٽڪار به اهي ويا جن هت اچي سنڀاريو. جيئاريس ئي سنڀار. هڪ گهر ڇڏي ٻئي گهر ماڻهو مهمان آيو آهي. ابا اما نه جهلي سگهيا، سو پراوا پٽ ڪيترو جهلي سگهندا! ساري جهان مان هيڪلو ئي هلبو. پهرين رات اتي پوٽي آهي جتي نڪو امڙ نڪو ابو.

بيڪمو ماڻهو هت هن گهر ۾ به نٽو وٽي. جيڪو اصل پنهنجو هر اتو انهي ڪان بيڪما نه ٿيو. آخر پنهنجي گهر هلڻو آهي، هتي پنهنجي گهر ۾ جنهن گهر جي ڪم لاءِ آيا آهيو، انهي گهر ڏانهن ماڻهو بيڪمو آهي. هيءُ وڏو سفر

آهي، جيئن ماڻهو اڪيئون وٽي اچي. نيٺ پنهنجي گهر ٻه هلڻ تيندو.هڪ گهر ڇڏي ٻئي گهر ماڻهو مهمان آهي. ماڻهو بي وطن ڪان بيوطن آهي. وطن جي وٽن ڪي اچي ويجهو ٿيو آهي. نيٺ پنهنجي گهر گهر هلڻو آهي. جيڪي پنهنجي گهر ويا سي وري نه آيا، انهي پنهنجي گهر جو ڪم نه وسارجي. انهي گهر جو ڪم ٻه هت ڪرڻو آهي. جيڪا سهاڳڻ هوندي، اها پنهنجي گهر جي ڪم سان لڳل هوندي. ڏهاڳڻ ڪي گهر ئي ياد ڪونه هوندو.

ڪتڻ ٻاجهئون ڪيئن اڪيئون هلي ڪاڌهون ڪنديڻ ڪپڙا!

بيڪار ماڻهو گهر ۾ ٻه نه وٽندو آهي سو جنهن گهر جي ڪم لاءِ هتي آيا آهيو سو گهر نه وسارجي. جهڙي تهڙي حال سان ٻه پنهنجو ڪم نه ڇڏيو.

جنهن ڪم لاءِ هتي آيا آهيو اهو ڪم پورو ڪريو ته ٻيا ڪم پورا ٿيندوَ. هتان فيض سان ٿي هلو. جيئن الله سائينءَ ڪي وٽي اچو. ٻندا ٻه الله سائينءَجا آهيو ۽ وري ٻه سرڪار رب جي روبرو ٿيٽا آهيو پنهنجي الله جي طرف ڪان گونگو ۽ ٻوڙو نه ٿيڻ ڪپي. اهو مالڪ ويجهو آهي، ٻڌي ٻه پيو ۽ ڏسي ٻه پيو. هڪڙا گونگا ٻوڙا ۽ انڌا هوندا آهن. جنهن زبان هتي حق جي ٻولي نه ٻڌي آهي اهي ٻوڙا ۽ جن اکين هتي حق نه ڏٺو سي اکيان انڌا آهن.

سدائين زماني ۾ ڪونه رهبو. زماني ۾ ڪيتري محويت ونبي جو زمانو آخر فنا آهي. زماني مان ٻه ماڻهو نڪرندو پيو وجي. الله ياد ڪريو، زمانو ڪيترو ياد ڪبو! زمانو گذرگاههآهي ۽ آخفنا آهي، نيٺ هڪڙي ڏينهن ڇڏي هلبپ. بقا ٻه سندس نالي ڪي آهي فنا ۾ ماڻهو ڪيترا هٿ هڻندو! ماڻهو نا جي ملڪ ۾ وينو آهي. بقا وري ٻه سندس نالي ڪي آهي. سو رهڻ ٻه بقا ۾ گهرجي. زماني جي ماڻهن لاءِ زمانو ذڪر آهي. هر ڪوئي پنهنجي ڪم جو منصور آهي.

هي سيپئي منصور ڪهي ڪهندين ڪيترا

ڪهڙو فاني جهان جو پروسو آهي، ڪهڙو بي بقا حياتيءَ جو پروسو آهي! پنهنجي زندگيءَ جو خير گهرجي. هيڏي هوڏي ڏسندي سچ لهي ويندو! هي ته هڪ ساعت آهي. باقي منزل اڳيري آهي. هينئر آخرين وقت آهي. سالڪ لنگهي ويا، جيئن راهه ڪجي وجي، باقي وجي ڪدي بچي، تيئن اسين ماڻهو ڪدي آهيون. سالڪ لنگهي ويا. تنهنڪري زماني ۾ مخمور نه رهجي. هن زماني ۾ ظاهري جيڪي ڏسندا ٿا رهو اهو سڀ فنا آهي. بقا آهي فقط مالڪ جي نام ڪي

اهو نہ وسارجي. زماني جي تماشي کان اک بدي ڇڏيو.

طالب دنيا جا ڪيترا ڏينهن ٿيندوَ! سو طالب حق جا ٿيو، تہ اڳيان بہ وڻو. باقي هتي چا رهڻو آهي! رڳو بيخود نہ رهو.نيٺ اولاد آدم جي آهيو ۽ طرف انهي ڏي سعيو ڪريو جنهن طرف ڏي هاڻي جلد هلڻو بہ آهي. نہ ڇاڻو دنيا جو پروسو ، نہ ڇاڻو حياتيءَ جو پروسو نہ ڇاڻو محل ماڙيون، جو اهي اوهان کي ڪنهن ڏنيون آهن؟ دنيا دولت اها ڪنهن ڏنيوَ ۽ ساري جهان ۾ هيتري آبرو اوهانکي ڪنهن ڏني آهي؟ جنهن هيتري آبرو هت ڏني اتو اهو نہ وساريو تہ هزار ڀاڱا واڌاري آبرو اڳيئون ملنديوَ. سندس راز گهرجي ۽ راز سان رهجي. عزت ذلت خدا جي اختيار آهي.

رڳو زماني ۾ بہ مخمور نہ ٿيڻ گهرجي. زماني جي مخموري وجي مغروري ڏيکاريندي آهي. زمانو واجبي مناسبيءَ سان آهي. زماني مان بہ ماڻهو نڪرندو پيو وجي. سانجهيءَ صبوح وجي پيو ٿو. ستل وينل بہ وجي پيو. سانجهيءَ صبوح وجي پيو ٿو. ستل وينل بہ وجي پيو ٿو. جي وينو آهي تہ بہ وجي ٿو. جي ستل آهي تہ بہ وجي ٿو.ڪجهہ پنهنجو اچڻ وڃڻ بہ ياد ڪجي. هي جهان اهڙو آهي جو آيو ٽڪيئي ڪونہ. هاڻي هتان نيڪال ٿيڻ ۾ دير ڪانهي. هن فاني جهان مان ماڻهو ڊوڙ وجي ٿو پيو. فنا جي ملڪ ۾ ويهي رهيا آهيو، اوهين بقا جي ملڪ ڏين تا هلو جو موت وساري ڇڏيو اٿوَ. اَٿ ئي پهر اونده ۾ پيا هٿ هڻو! رب جي نالي کي ختم تا ڪريو. رب ڏانهن اعتراض نہ ڏيو، ساڀيان هلڻو آهي، اعتراض رڳو رب ڏانهن ڏيو تا سي اڻ ٺهنديون ڳالهيون آهن. هيءُ جهان بيائيءَ جو آهي، بيائيءَ جون ڳالهيون سمجهو ٿا، باقي هيڪڙائيءَ ڏي بيخبر! خدا جو خوف رکو. وحدت کي ونو جو ڪثرت ۾ بيهي نہ سگهبو. پويان پساه آهن، اهي رب جي نالي سان هجن. هاڻي پنهنجي مند بہ سنڀارجي.

هي زمانو اهڙو آهي جو ڪيئن داناه ديوانا ڪري ڇڏي. زمانو اصل نہ ڇڏيندو. جي ماڻهو بيمار ٿي پوندو تہ دوا ڏيئي بہ اترائيندا. آخر تڏهن ڇڏيندو جڏهن فيض صفا بيهي ويندي. هن زماني جي دردن جون دانهون هلي اتي محبوبن کي پيش ڪنداسون.

هي زمانو سارو آزار آهي. زماني ۾ ڪيترو رهبو! نيٺ خدا سان ڪم پوڻو آهي. هينئر ٽائيم اچي پريو آهي. اوهين پنهنجي آزار جي ڳڻ ڪريو. اها

دوا تنهنجي ورتل آهي. اڪسير روانو ڪيل آهي. پر ڪري بہ هجي نہ،

آهي گهڻو اگهن جو ترس طبيبن،
وس ڪيا ويجن، مگر ڪريءَ ريءَ ڪين ٿيو.

زماني جي آزار جي دوا اوهان کي ڏسي ٿي ڇڏجي. عاجزيءَ جون پاڙونءِ توبہ جون هريڙون امر جي حمام ۾ قناعت جي دستي سان ڪٽي سنهيون ڪجن. پوءِ پرهيزگاريءَ جي ديڳڙيءَ ۾ وجهي حياوَ جو پاڻي گڏي، محبت جا مچ مچائجن تہ دوا تهي پوندي. پوءِ شڪراني جي پيالي ۾ وجهي. الحمد جي چمچي سان کائجي. جيڪو ائين ڪندو تنهنکي زماني جو آزار ڇڏي ويندو.

هي جهان سور بري ۽ لڱائيءَ چڱائيءَ جو آهي. دوائون آهن ئي بيمار جون. هڪ تہ اها شرعي جيڪا طبيب ڪندا آهن. جي انهن مان ڇڙهي تہ لڪ، نہ تہ پوءِ اڳڻ جي اڳيان خيراتڙي پيئي بڪئي اجئي کي ڪارائجي. اها بہ دوا آهي. جيڪي پڄي سگهي اوترو واٿ الله جي اڱڻ جي اڳيان خيرات ڪجي. اها خيرات، رڌل طعام ، جيڪي بکيا ماڻهو رستي تي ستل هوندا آهن تنکي بہ کارائجن. جي انهن مان ڇڙهيو تہ واه نہ تہ دعا دوا آهي. دعا سدائين سني آهي. دعا وڏي دوا آهي. پر جي اصلي پڄاڻي هوندي تہ نڪا دوائي لڳندي نڪا دعا لڳندي. پر دوائون اهي ئي آهن. اول شرعي ، نہ تہ پوءِ اڱڻ جي اڳيان خيراتڙي پيئي هلي، بکيو اجيو پلي کائي وجي اها بہ دوا آهي نہ تہ پوءِ دعا دوا آهيس.

پنهنجو لاش ماڻهو وچ ۾ نہ رولي جو هيءُ بر بيابان آهي، ڪو ڪنهن جو ساٿي ڪونهي. هن بر ۾ آيو ٽڪيئي ڪونہ ٿو، هر ڪوئي هليو ٿو وڃي. خبردار رهجي پنهنجي رب سان. وقت هاڻي ٿورو بيهڻو آهي، وقت تنگ آهي. اهيءَ تنگ وقت ۾ رب نہ وساريو.

جيڪي آهي اڄ سو صبوح ڻاهي صديق چوي،
ويهي ڪين وڃاءِ، توکي وري بہ هلڻو پوندو هوت ڏي،
جيڏانهن وڃي ڪهہ، اڄ بہ وڃي ٿي اوڏاهين.

چوي ٿو تہ تون وڃي ڏس. منهنجي ڪهڙي قدرت نٿو مڃين! هيءَ سڀ قدرت انهي جي آهي. هيءُ جيڪا ٻولي ٿو ڪري اها قدرت بہ انهي جي آهي. هن کي هنر ڪنهن سيکاريو!

آپ ڪري ڪل ڪام، اوران هنر بتاويگا،

ڪم ڪندڙ ئي پاڻ آهي، ٻين ڪي هنر پيو ڏسي. رب سالڪ آهي، رب ڏاهو آهي. هر ڪوئي سرڪار جو موڪليل بندو آهي، وري بہ روبرو ٿيڻو آهي. اڄ زمانو اهڙو آهي جو ماڻ ۾ مري وڃجي. مون وٽ هڪ ڏينهن هڪ مست آيو. ٻہ سيد بہ آيا. انهن مان هڪ مست کي چماٽ هڻي ڪڍي. مست ٻيو پاسو ڏيئي چين نہ ادا ھيءُ پاسو رهجي ويو آهي ان کي بہ سيڪت ڏيئي ڇڏ. سيد ٻئي لڄ جا ماريا هليا ويا. سو ٿپڙ اڃلي ڏيو، پنهنجي جان بچايون وينا هجو. ھيءُ عبرتخانو آهي. هيڏي هوڏي ڏسندي ٻڏئي ڦري ويئي آهيس.

دنيا گذرگاه، محشر ڪا خدا حافظ.

هي جهان هيري لعل جواهر جو آهي. ھيءُ جهان ڏاڍو چڱو آهي پر ڇڏي وڃبو. رات کي قرار ڪونهي ڏينهن کي قرارڪونهي، درياه کي قرار ڪونهي، حياتيءَ کي بہ قرار ڪونهي. هن فاني جهان ۾ ڪيترين ننڍان ڪٻيون! هن صفات ۾ ماڻهو ڪيترا هٿ هڻندو! ماڻهو گهڻو ئي ٻينو آهي، باقي الائجي ڪيترو ٻيهندو! هي جهان اصل جو لکل آهي، ٻين سان ريس نہ ڪريو جو ملڪ ۾ مجهولي ۽ حيواني گهٽي تي پيئي آهي. فقط مالڪ جي نالي کي بقا آهي، رب ڪريم راضي ڪريو.

پھ جڳ سارا جهان سينا، ايسي نيند مين ڪيون سويا!

سي تہ ٿينده ساٿي، جيڪي تو پنهنجا ٿي پانئيان،
هاڙيهي هلنده ڪونڪو، پاءُ نڪو پائي.

ھيءُ جهان آهي فنا جو، محل ماڙيون بہ فنا، تون آءٌ بہ فنا، ڏک ڏوراپا بہ فنا.

ڪهڙو پروسو آهي زماني جو، زماني ۾ آهي ڇا؟ ڪوڙي بات تہ ڪوڙو بيان. ڪتي ڪنيو هو هڏو وات ۾، گهريو درياه ۾ تہ پنهنجو پاڇولو ڏنائين. پانيائين تہ ٻيو ڪتو ڪو هڏو ڪنيو تو وڃي. سو هنجي هڏي ڪسڻ لاءِ جهٽ هنيائين تہ سندس وات وارو هڏو بہ ڪري پيو پاڻيءَ ۾! جڻ سواءِ محبت رب جي ٻئي جهان ويا! زماني جو پروسو ڇڏي رب ڪريم جو پروسو ياد ۾ رکو.

اڳيئون بہ سوکو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان.

جيئن رب ڪريم جي يادگيري ۾ مري وڃجي. مرڻو بہ ضرور آهي، شل

پنهنجو ڪري ماري، شل ماڻهوڪري ماري. زماني جي عادت سستي ڏيڪاريندي آهي توڪل ڪجي.

هن پاچولي پنهنجي پنيان ڪيترو ڊوڙندوَ. فنا ۾ ڪيترو ويهبو! پنهنجو اصل ياد ڪجي. پاچولي جي پنيان ڊوڙندي سج لهي ويندو. سچي جهان ڏي پيو وججي. اڳيئون بہ نبي، نيڪ، غوث، قطب ۽ قلندر آهن انهن ڏي ئي تو وڃجي. انهن نيڪن جي اڳيان الله سائين شل ڪنهن کي پشيمان نہ ڪري. هتان تہ تائيم اچي پريو آهي. هاڻي هلڻو ملڻو انهن سان آهي. اڳيئون شل مردن جي جماعت ۾ هلي ڪوئي پشيمان نہ ٿئي.

ڪهڙو پروسو آهي زماني جو! جهڙو وقت اچ، رضا تي راضي رهجي. صبر ۽ شڪر ۾ رهجي. تورو ڏسي اَرهو نہ ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نہ ٿجي. هر حال ۾ خوش رهجي. جيئن هلائي تيئن هلجي. ڳڻتي ڪبي تہ ڇا ٿيندو؟ ڪم سڀ الله سائينءَ تي آهن.

ڪنجون، قلف، ڪڙا،تيئي حوالي هوت جي.

هيءُ هلندڙ قافلو آهي، بعضي سوڙها لڪ بعضي سبيل. ڪو سدائين انهيءَ لڪ ۾ بيهي رهبو ڇا! اُها رات ئي نہ آهي جيڪا سواءِ صبوح جي رهجي ويئي هجي.

جيڪي زماني ۾ سُوڌو تا هلن سي بہ فيض سان آهن پوءِ چاهي ذڪر فڪر سان هجن يا نہ. عقل وارو هجي، چاهي ذڪر فڪر وارو نہ هجي پر زماني ۾ پورو هجي تہ ان کي بہ بي فيضو نہ چئبو. زماني مان لنگهڻو بہ ضرور آهي. هن زماني جي بازيءَ ۾ عام رهيا. سالڪ جيڪي هوا سي عارفبازيءَ ۾ آيا. هي جهان فاني ۽ خوفناڪ آهي. جيئن ماڻهو خير سان هلي مول سلامت پهچي تہ لڪ ٿيو. هي جهان سور ٻري جو جهان آهي، پر پوءِ بہ جهڙي تهڙي حال سان بہ رب ڪريم نہ وسارجي. وقت تورو بيهڻو آهي، توري وقت ۾ ڊوڙ ڪبي آهي. توري جيئڻ لاءِ ڪري پنهنجو خيال نہ ڦاسائجي زماني منجهہ. ڪي ماڻهو زماني جي ڳالهہ ڪٽي آيا ۽ اچي گوڙ ڪيائون. مون چيو تہ ٻچو مون تہ توهان جي ڳالهہ نٿو سمجهان.گلاب راءِ چيوتہ سائين زماني جي ڳالهہ ڪٽي آيا آهن. ماڻهن ڳالهائيندي هٿ پير بہ پئي هلايا. مون چين ٻچو مون تہ ٻوڙو آهيان توهين علي گل کي وڃي ڳالهہ سمجهايو تہ هو اوهان جو فيصلو ڪندو. ماڻهو اٿي ويا.

گلاب راءِ کي چيو تہ رهاڻ ۾ زماني جو ماڻهو آيو تہ چڻ چتو ڪتو آيو، زبان سان گڏ ٽنگون ٻانهون بہ پيئون هلنديس. زماني جي رنگ ۽ تماشي کان پيچ پري. رنگيءَ جا رنگ ڏس. عاشق عشق سان رهہ. نہ وسري نہ وسار. اهي زماني جا رنگ اهي نفس جا رايا آهن. جيڪو اوهان کي مليل آهي اوهين انهي رنگ ۾ رهو. اها دل رچي ايندي جيڪا انهي رنگ ۾ رهندي. عام سان ريس نہ ڪريو. هيءُ چوڏهون سن آهي ۽ ماڻهن۾ بيخوفائي گهڻي آهي. بيخوفي سان صحبت ئي نہ ڪجي، خوف خدائي رکجي.

سڄوئي زماني نہ هججي. ماڻهو سڄو جنهن جو آهي، اوڏانهن هججي. زمانو هڪ سپنو آهي. زماني ۾ هٿ پير هٽجن تا اها هڪ زماني جي بيماري آهي. گشيءَ زماني جي ۾ تو هٿ پير هٽي. ايڪيتاليهون حصو هججي. زماني ۾ ۽ چاليهہ حصا پنهنجي رب جي محبت ۾ هججي. ماڻهو نانگو آيو آهي ۽ بکيو ويندو . مگر ساري جهان مان اڪيلو هلڻو پوندو. هُن لڪ ۾ ٻول وچن ڪري، پوءِ ماڻهو آيو آهي. پر پوءِ ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. وري هتان سامان اهو ڪڍندو جيڪو ماتا جي پيٽ مان هٿ آندو هوندائين. پير فقير چئي چڪا، مرشد بہ چئي چڪو، الله سائين بہ امر ڪري چڪو. چوي ٿو تہ مون توکي پنهنجوڪيو آهي، تون بہ مونکي پنهنجو ڪر. اهي سڀ مياران لاهي چڪا، ڪجهہ سمجهہ رکو، رب ڏاهو آهي. تنهنڪري چڱو ائين آهي تہ

گهر مان ڪڍي گهلِ، تون وڃي صلح ڪر سلطان سين،
تہ تون تنهين جي در، ڏهاريون ڏاڻ لهين.

درياہ جي سير وني ماڻهو ٻئي ٻانهون هٽي ترندو تہ ٻئي ڪنارا ڏسيس. پرجي هڪ ڪنارو وني ترندو تہ ٻيو ڪنارو پري ٿي پوندس. چئبو هڪ ٻانهن پڳل اٿس، مڙس ماڻهو نہ آهي. طالب بہ دين ۽ دنيا ٻنهي پاسي پورو آهي تہ چئبو تہ مڙس ماڻهو آهي. درياہ جي سير وٺو تہ ٻئي پريون ڏسندا وجو. مرد اهو جو ڪچهريءَ مان اٿي، تہ ٻئي پريون ڏسندا وجو. مرد اهو جو ڪچهريءَ مان اٿي، تہ ٻئي ٻانهون هٽي اٿي، ظاهر بہ پورو تہ باطن بہ پورو. اولياء ۽ انبياء جيڪي بہ پنهنجي محبوب جا رسيدا پيارا آهن. انهن ننگن ۽ ننگر تي نظر رکي آهي، باقي مستن تي ميار ڪانهي. جيڪي بہ جن جي چوائيءَ، ادب احترام ۾ وينا آهن، انهن جو بہ حق خدائي بار ٿئي ٿو.

حق دي ڳالھ نا حق نهين.

سڀجي دنيا ترڪ ڪجي ته پلي ڪجي پر ٻه شيون ترڪ نه ڪجن، هڪ ننگ ۽ ٻيو ننگر. پر جي لاچار اچي ٿئي ته ننگر ٻه ترڪ ڪجي پر ننگ اصل ترڪ نه ڪجن. نبي ڪريم صلعم جڏهن ڄاوا ته ملائڪن کي حڪم ٿيو ته هيانوَ کي شڪافُ ڏيون ۽ پوءِ اندر ڌوئي صاف ڪريون. ڌوتائون ڪوَثر شراب ۽ آبحيات سان پر ٿِر جيترو ٽِڪو رهجي ويو. تنهن تي ملائڪن صدا ڪئي، ٻولي ٿي ته اهو ٿِر جيترو ٽِڪو نه لهندو جو اهو ننگن جو آهي!

سواءِ رب ڪريم جي ٻيو ڪهڙو ٽيڙ هٽ آٽبو! ماڻهو جيڪي ڪم ڪري ٿو سي سڀ ڇڏڻ تي ڇڏڻ وارا. يڪي اڏي ٿو سو ٻه ڪاڻ ڇڏڻ جي. ڪيترا ڏينهن ڇڏڻ وارا ڪم ڪبا؟ هلڻ وارو ڪم ڪريو. پنهنجو اصل ياد ڪريو. اصل ڇا کي چئجي؟ پاڻ " ڪن" فرمايائون ته ٻئي جهان لهي وجن. مٿان وري ملائڪن چيو " فيڪون" ته ٻئي جهان لهي ويا. الله سائينءَجڏهن پهرين روح پيدا ڪيا ته ٻولي ٿي " الست بربڪم" مجو ته مان اوهان جورب آهيان. اها ٻولي ٿي ٽن جماعتن تي. اتي روحن جي اڳينءَ جماعت واعدو ڪيو " قالو بليٰ" تحقيق تون اسان جو رب آهين.

زماني منجهان ٻه ماڻهو نبرندو تو وجي. جيڪا ٻه ساعت حياتيءَ جي هجي سا پنهنجي محبوب سان رهجي اچي. پلاسواءِ مالڪ جي ٻيو ڪهڙو ڪم چئجي يا لکجي؟ اڳيئون ٻي ڪهڙي آهي وسنئڻ وڇ تي سواءِ رب جي! ڪيترو تو اوهان کي چئجي ته رڳي زماني جي تانگهه ڪٽو! وحدت سان رهو جو ماڻهو وڻجارو ئي وحدت جو آهي. هيءَ بازار اهڙي آهي جيڪي گهر سو ملي ٿو. ماڻهو جيڪيگهرڻ آيو آهي اهو گهري وڃي. ملي ٿو اميدوارن کي، سڀ وس انهن جي آهي. اوهين ٻه وس انهن جي وڃي ٿيو. پوءِ ڏاران توڙي لوڏائين، ڳل ڳچيءَ پيل هججي. هوڏانهن نالو تڏهن توهان جو لکيو.

هت جچ پائي آهن، پندڻ پائي ڪونهي، پنهنجي پندڻ جي ڳڻ ڪجي. ڪير مرڻ ڪان پوءِ جو روئي ٿو سو ائين جيئن ڪنهن جو ڪمائيندڙ اُٺ مري پوي. توهان مانگرمچ وانگر ٻچن تي پئجي ويا آهيو. ڪيترا ڏينهن نگهبان ٿي سگهندا ٻچن جا! دل جي ديگ تپايو. اهي گهر پاڻ ڪانپوءِ ٻه پيا هلندا چلندا. ٻارن نندن ۾ مخمور ٿجي. توهان کي ڇڏائجي ٿي زماني جي تانگهه، ماڻهو واتا

واهو، نہ ترسي سگهندو. جنهين لاءِ هٿ پير ٿو هٽي اهي سڀ ڄڄ پائي آهن، پنڌڻ پائي ڪونهي ڪو. معنيٰ ڪٽنديس پر وصف پنهنجا، ٻين جي وصفن ڏانهن نہ نهاري.

اَپني آپ نون سمجهاءِ، پنهان دي نال تيڏا ڪيا!

حب دنيا سِرُ خطا، لوڪ دنيا سِرُ عبادت.

بادشاهن بادشاهين ڪي ترڪ ڏيئي ڇڏيا. تون گهر جي ڪنڊ ڇڏي نٿو سگهين! نيٺ نظرصرافن جي چڙهٿو آهي. ميران بائي بادشاهزادي هئي. سياٽي مري ويندين تہ بہ اهو گهر پيو هلندو. اها سموري آکهہ تنهنجي هڏ شريڪ آهي. دل شريڪ تہ فقير اٿيئي جيڪو تنهنجي دل جاڳائي ٿو پيو. تون وري فقير ڏانهن مٽ ڪري زماني ۾ ٿو منهن هٽين! مون اوهان جو ابو امان آهيان. اوهين منهنجي آکهہ آهيو. انشاء الله تعاليٰ گڏ هجيو رب گڏ يا آهيو. اوهين هوند دل شريڪ آهيو. الله ۽ الله جو حبيب راضي هوندو.

توهان جو چوڻ آهي تہ ٻارن کي اڪيلو ڇڏي نٿو سگهان. هڪ تہ ڪوئو پاڻ نہ لنگهي سگهي ٻر ۾، رهندا ڇڄ تو ٻڌي پنهنجي پڇ سان پوءِ ٿو دانهن ڪري. جيڪي آيا سي اگهيا. اچو ونو دعوت لنگهڻ جي، فاقا ڪيو.

فڪر ۽ فاقو آهي مَرڪ مارن جو.

ڪُيون آيون هيون صرافن وٽ. چيائون تہ اسانجي تنگي لاهيو تہ بهشت وجون. صرافن سير سير سون جو پڇ سان ٻڌي ڇڏين. ويچاريون وجي نہ سگهن، تاريڪ پيئون سنيرن! اهي دليل لاهي ڇڏجن دل تان.

اهي ٻار تا اوهان کي ڪيڏائن پيا اوهين نٽا ڪيڏايون. هي ڏوتين جو ويڙهو آهي، ساري عمر پنهنجي خراب نہ ڪجي. اهي نفس جا رايا آهن. پنهنجي ساري واردات سنيارجي. دليل سڀ دور ڪندو وڃجي. چڱو دليل تہ بہ رب جي مٽ تہ نہ آهي! سڀ دليل ٽاريا وڃجن. نيٺ دعويٰ ڇڏجي پوءِ درشن ٿيندا. اڪ ٻوٽي پوءِ پيا ڇڏائيندا. درجہ بدرجہ پاڻ ڇڏيندو هلجي. جهان دنيا جو آهي ۽ دنيا رڳي غم آهي.

ٻاهر گذارجي،نہ تہ انهن ٻارن کون ۽ انهي عقل کون ماٺهو چريو پلو آهي. چرين تي ميار ئي ڪانهي. عقل تي مار آهي. پوءِ جنهن عقل ڏنو، يقين ڏنو جا شي ڏسو تا سڀ انهي جون ڏنل آهن، پوءِ اهو ڪيئن وسارجي! ماٺهو هجو تہ

پنهنجي ڪم ڪي ونو. اهو سڀ ڪم اوهانجو ٿو توهان کي ڇئجي. اهڙي ملڪ ۾ وڃڻو اٿو جتي امڙ نڪو ابو. توهان کي ڪو خوف خدا جو ڪونہ ٿو پوي! پنهنجي هيڪلائيءَ جا ڪشالا نٿا سجهنوَ. پوءِ ايترين جدايون ڏسي ڪيئن ويهي رهيا آهيو؟ ارمان آهي مونکي اوهان جو. هاڻي مخموري زماني جي ڇڏي ڏيو. نانا ڏاڏا اڇي ٿيا آهيو تہ بہ اجا خبر ڪانہ پوندي آهي. جيڪي لنگهي ويا آهن. سي ڏاڍو تا ياد ڪن تہ هي ڪڏهن پنهنجي گهر ايندا. جي انهي ملڪ جي رڳو بوءِ اچي زماني جي ماڻهن کي، تہ هوند دانهان ڪن.

ڪيترو هن فاني جهان ۾ ماڻهو ٻيهندو! اول آخر، ظاهر باطن ڪم رب ڪريم سان پوڻو آهي. رب ڪريم اوهان راضي ڪريو تہ اوهان کي بہ رب ڪريم جي رڪو تہ وٺي اچو پنهنجي رب ڪي. رب راضي تہ جڳ راضي.

تو منجهہ آهي سو سر سارو جنهنجا پنڌ پڇين ٿو.

هن زماني جي بهاريءَ ڪان محبوب جو غم پلو آهي. رات ۾ سڄ جا غمزا آهن، غمن ۾ وري محبوبن جا غمزا آهن. هاڻي سک ڇڏ، ڏک محبوب جو پلو آهي. ڏک سڪن جي سونهن آهن. رڳا سک بہ جدا ڪندڙ آهن.

ماڻهو زماني ۾ ريجهہ رکي ٻيهي رهيو آهي. رڳو زماني جي راند ۾ بہ ريجهجي نہ ٻيهجي. زماني جي مخموري چڱي نہ آهي. چڱو الله آهي ۽ الله جو نالو، جنهن جي نالي ورتي لکيا ڏوهہ لهي وڃن.! زماني جا لاڳاپا ونگ وجهي تا ڇڏين هلڻ ڏانهن. هي وڏو سفر آهي، سياڻي پيا اڇي ڇڏائيندا سو پاڻ ئي ڇڏي ڏجن اهي لاڳاپا. وحدت ۾ وڃي پئجي. جا گهڙي خيال سان ويهجي، زماني جا وهم وساري ويهجي. پوءِ بہ ڪُل سان هججي. اها بہ هڪ عارفن جي راند آهي، عارفبازي آهي، مرداني راند آهي.

زمانو گمراهہ ڪندڙ آهي مالڪ جي طرف ڪان. ڪر تہ هونئن بہ الله سائينءَ تي آهن. دنيا ماڪري آهي، رڳو اهي مڪر پيا تا لکو. ڪيترو مَڪَرن ۾ گذاريو! رب ڏانهن مڪر ڇڏي ڏيو. هر ڪنهن جي خبر آئي تي پوي.

ڪنبو پيو قهار

زمانو رڳو مشڪلات آهي، زمانو سارو سور آهي. سورن مٿ هر هڪ وٿ آهي. ڪٿي ڪٿي وري گهٽا آهن. هي جهان سور ٻري جو جهان آهي، جو پنهنجن پيارن کي بہ ڏنا هوائون، پر تڏهن بہ رب نہ وساريائون.

سور سختيون سالڪن ڏي محب مهمانيون مڪا،
اهنج اوکيون عاشقن ڏي محب مهمانيون مڪا.

ڏک جا ڏينهن گهٽا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. سک جي گهڙيءَ جو قدر ڪونہ پوندو آهي. پر ڏک فقير لاءِ ڏاج آهي. ڏک جو نتيجو سک آهي. جهڙيءَ طرح ڪوڙيءَ دوا جو نتيجو صحت آهي. هي جهان دنيا جو رڳو غم آهي. بهاري مالڪ سائينءَ جي نام سان آهي. زماني جي اجاين غمن مان ڇا تيندو؟ پوءِ بہ جيڪي رب ڪندو اهو ٿيندو.

زماني ۾ رڳو اونده ۾ هٿ هٿٽا آهن. ڪيترا هٿ هٽي هٽي مري ويا تہ بہ پاندي پوري نہ ٿي.

گذريءَ نون چوڙ، فڪر ڪر اڳ دا،
هيءَ نہ هٿ وهاٽي، تون آڳِ ڪر اڳ دي.

اٿ ئي پهر اونده ۾ ٽا هٿ هٽجن. ڪجهہ سوجهرو ڪريو تہ دوست دشمن جي خبر پويوَ. ڪيترو پڙهيا آهيو! حلال حرام سڃاڻو ٿا؟

جنهن کي سمجهہ نہ آهي، تنهن سان تعدي آهي،
اهو مرد نہ آهي، مادي آهي.

اٿ ئي پهر ماڻهو زماني جي غوطن ۾ آهي. انهن غوطن ۾ آهي. انهن غوطن پنهنجو اچڻ وڃڻ ئي وسارائي ڇڏيو آهي. منجهي پيا آهيو زماني جي بازر ۾، عشق جي بازار ۾ اچو. اجا ڃاوائي ڪونہ هيو تہ پيا ڏسو ئي ڏسو ٿا. توهان جي ڏسندي جهان ٿو وڃي توهين پيا ڏسوئي ڏسو ٿا. ڏسو پلي پر انهن کي ڏسو جنهن کي ڏسڻ آيا آهيو. جي ڏسڻ منهجئون ڏسو تہ سڄڻ سامهون آهي.

هي زمانو هڪڙي گپ آهي. زمانو سڄو ڊبا آهي. سو هلڻ ڪان بہ انهن ڊبن جهليو آهي، جيئن پوءِ تيئن ماڻهو قابو ٿيندو ٿو وڃي. زماني جڳن سڌان ماڻهوءَ کي سيڙائي ٿيون وڃهن. خلق زماني ۾ گرفت ٿي ويئي آهي. يادگيروئي ڪونہ ٿو پوين. هن فاني جهان ۾ ڪيترو زماني جي محبت سان هليو! محبت رب جيءَ منجهہ رهجي. زماني جا پيوند درجي بدرجي ڇڏيندا اچو. جيئن انگريز ملڪ ڪلندي ڇڏيو آهي، تيئن ماڻهو هتان ڪلندي ڇڏي تہ چڱو آهي.

ٿورو ڳالهائڻ ٿوروسمهڻ ۽ ٿورو کائڻ اها وڏي هدايت آهي. انهي کي بيماري گهٽ ٿيندي.خاصا کائڻ، خاصا ڪپڙا ۽ خاصن هنڌن تي سمهڻ انهي کي

اولياء اويس قرني ، پيغمبر جو يار، بارگر رسول تو چوي تہ دوزخ رڳن کان بہ ويجهو اٿس. اڄ ماڻهن لذتن ۾ ڪري پيا آهن. ماڻهو مرن ٿا مال لاءِ جيئڻ ڏوندڙ مٿي ڪيڙا. لذتن سارو جهان جهلي وڌو آهي. اوهين رب قبول ڪريو، زماني جي حرص ڪي ڇڏي ڏيو.

هي جهان گپ آهي، هن ۾ ترڪٽبازي آهي ڏاڍي. ه ظاهر جي گپ ۾ پير ترڪن، زبان ترڪي، اک ترڪي ۽ هٿ ترڪن. اهو ڏک آهي ڳاٽي پر جو. جيئن پل صراط جو ڏک هجي. هيءَ پلصراط تان تو وڃي پيو. هتئون ڏکن کان بچي هلي تہ اڳيان ڏک ئي ڪونهي ڪو.

ماڻهو زماني ۾ وڃائجي ويو آهي.پير فقير مرشد چئي چڪا آهن پر اسان ڪي رڳو زماني جا اعمال تا وڻن. فنا جي نڪاٽي ۾ ماڻهو ويهي رهيو آهي. بڌ بہ الله ڏانهن قري ويئي آهي. اهڙي عقل ڪي ئي بن ڏجي. جيئن زماني جو خيال ڪندو تيئن خلط خراب ٿيندا ويندا. رات ڏينهن ماڻهوءَ ڪي نفسان نفسي لڳي پيئي آهي.جڪندي جڪندي عمر وهامي ويندي. زمانو ڪونہ تو وني. ماڻهو پاڻ تو زماني ڪي وني. زمانو اوهان مان قاتو آهي، اوهان زماني مان ڪونہ قاتا آهيو. هن زماني جي دردن جون دانهون هلي اتي محبوبن ڪي پيش ڪنداسون.

زماني ۾ نيڪ نبي سپ گذاريندا آيا. لاهي پائي زماني تي بہ نہ بيهجي. هي جيئڻ تورو آهي پنڌ گهٽو آهي، سو توري جيئڻ لاءِ رب ڪريم نہ وساريو. هيءُ هلندڙ قافلو آهي، رڳي ڏيهري جي جاءِ آهي. هڪ ڏيهري لاءِ ڪري ساري عمر نہ وڃائجي. جهان لڏيو تو وڃي، توهين بہ ڪا لڏ پلاڻ جي ڪريو. هي جهان گذر جو آهي. گذارو ڪيو هر ڪوئي هليو پيو وڃي. اڳي ملڪ ۾ فيض گهٽو هو جو ماڻهپو گهٽو هو. هيئنر ملڪ ۾ ماڻهو تورو آهي، حيواني گهٽي آهي. اڳي لٺ باننو ڪتي ٻلي لاءِ ڪٽبو هو، پر هاڻي ماڻهوءَ لاءِ تو ڪٽجي.

ساري عمر سانجڻ(چلهه) جي ڪم لاءِ پڇندا تا وتو. سانجڻ جي پاهران قرڻ اها ٻلن جي عادت آهي. سياٽي ٻلا تي مرندا.! قتل ملڪ جي پروسي تي وهڻ اها عادت چبرين جي آهي. پوءِ سياني چبريون تي مرندو! ماءُ جي پيٽ مان آنتاري ڪونيءَ مان نڪري وري بہ انتاري ڪوني ۾ گهڙي ويهي رهيا آهيو. اها عادت چمڙن جي آهي. سياني چمڑا تي مرندا. فنا جي ملڪ تي پروسو رکڻ اها بہ چبرن جي عادت آهي.

هن جهان دنيا جو آهي. ماڻهو دليلن جو دلو آهي. هن دنيا جي جهان ۾ ڪئين داناه ديوانا ٿي ويا. دنيا جي لاري نه لڳجي. لاري رب ڪريم جي لڳجي. هي خوف جو جهان آهي، الله سائينءَ کان پيا گهرو. الله نه وساريو. هي هلندڙ قافلو آهي. تڪيٽ پختو رکجي. متان زماني جي والد ۾ الله سائين وسري وجي. وري پي الله. هر وقت پنهنجي رب جي رمز پاڻ ۾ لڳل هجي. سواءِ مالڪ جيبيو هن فاني جهان جي ڪهڙي تعريف ڪجي!. تعريف به پنهنجي خالق مالڪ جي جڳائيندڙآهي. پنهنجي تعريف ڪرڻ شيطان جو ڪم آهي.

زمانو سڄو مرادن جو آهي. جيڪي ماڻهو ڏسڻ تا گهرن ته اها به هڪ مراد آهي. هي جهان ته مرادن سان پريل آهي. مگر فقير جو پنڌ نامراديءَ جو آهي. ظاهر باطن دوست دوئيءَ کان ڏوئي. نامراد اجا نه ٿيو آهي. تنهنڪري رسيدو نٿو ٿئي.

نامراديءَ جي نجهري بيهي بس الله،
چٽو رباني راه، مرادن مخفي ڪيو.

جناب تر ڏٽي صاحبن پنهنجي جماعت کان پڇيو ته طالب مجاهدو به گهڻو ڪيو، پر تڏهن به ڪچهريءَ رسيدو نه ٿيو سو ڇو؟ مراد فقير جلالاڻي پوڙو هو، ان جواب ڏنو ته قبلا ڪِري ڪانهي. پاڻ فرمايائون واه پوڙا واه! آسمانين رسيدو هجي پر جي وار جيترو مرادن جو دليل پيس ته نڪاءُ اچي زمين تي ڪندو. ڪٽندس ڇڏيو.

حلال وجد سان پلي ڪري رهجي، مگر زماني جي هوا هن وقت پئي نموني آهي. ڪوبه سودو وغيره ڪرڻو هجي ته پلي ڪري ڪجي، پوءِ دل جي پسنديءَ پنهنجيءَ ۽ ٻئي جي به ڪجي. پاڻ وٽندي به سڀ ڪنهن ڪم نه ڪجي. انهيءَ جاءِ ۾ ويني به اهڙو ڪم ڪجي جو اڳيئون وٽي اچي.

سوئي ڪم ڪريجي جس وچ الله آپ ٻٽيجي.

اهڙيون جايون بهشت ۾ به آهن. حلال وجه جو ڪم پلي ڪريو پر ليڪن ۾ نه بيهي رهو. هڪ رب نه وساريو، طرف رب جو وٺيون بينا هجو. حلال وجه جو ڪم نيڪ به ڪري ويا آهن. پوتل هججي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي انهي لڙهيءَ ۾. بنا دوستيءَ رب جي ٻيءَ اجائيءَ ڪيٽ ۾ سچ ٿو وڃي. ڪٿڻ هارائڻ جي جاءِ اها آهي. پلي حال وجه سان هجو. پر محبت رب جي ۾ رهو. زماني ۾ حلال

وجهہ جا ڪم ڪجن پيا، مگر پنهنجي مالڪ جي طرف ڪان بيڪار نہ رهجي. انهي زماني جي غفلت ڪان ماڻهو جيئن بچي هلي، جو وڏي گردش آهي. پوءِ اڳيئون ڪوبہ ڏڪ ڪونهي.

هي جهان دنيا جو آهي، ڪي ٻڏا ڪي تريا.
تارو وجن تريا، نِنديا وڏا واهڙا،
اتي اڻ تارن، ڳرا متن مولهيا.

اهي بحر آڏا اچتا آهن. هڪ ماڻهو اڻ تارو، ٻيو گناهن جو مولهيو باري ٿيو پوي. هي جهان هڪ بحر آهي. ڪو ٻڏو تہ ڪو تريو. انسان پرٽيو تہ ٻيڙيءَ تي چڙهيو. جي ٻارن منهن ڪڍيو تہ جڻ ٻيڙي ٻڏي. دنيا بحر آهي ۽ هي گهوڙي تي چڙهيل آهي. سوار خبردار اهو آهي جو انهي خاني تان لهي پيو. خانو ڇا آهي؟ دنيا هٺ آهي. انهي هٺ تان لٿو جڻ خاني تان لهي پيو. سوار خبردار گهوڙو هنيو بحر ۾. بحر بي پايان، گهوڙو ساسي شيءِ، عضوا هٽي هي گهوڙو ٻڏڻ لڳو. سوار خبردار، رقيب ڇڏي لهي پيو! محبت جي ميدان ۾ انهي گهوڙي ڪي ٺهلائجي.جي رنگپور جي بازار ۾ ڦٽي پوي تہ ڇا ڪجي؟ اوجاڳو ۽ بکون ڏجنس. سڌو نہ هلي تہ موت جو فڪر ڏيکارجيس. اهو آهي توٽو.

سپيئي گهوڙي تي چڙهيل آهيو پر واڳ هٿ ۾ هجي نہ تہ وجي بوڙيندس. گهوڙو ڪهڙو؟ هٺ جي گهوڙي تي چڙهيل آهيو. واڳ هٿ هجي گهوڙي جي. واڳ اها آهي جو خدائي خيال هٿ هجي. خدائي خيال ڇڏيائين جڻ واڳ ڇڏيائين. خيال هٿ هوندو جڻ گهوڙي جي واڳ هٿ ۾ اٿس. دنيا جي عادت هٺ آهي. ماڻهو لهي بہ عادتن سان ۽ ڪري بہ عادتن سان. ڊيڊ اهو جو ڪنهن سان نہ نهي. چڙهيا تہ اوهين بہ گهوڙن تي وينا آهيو. پر جڻ جڙ گهوڙن تي آهيو جو وقتي راه تي، وقتي بيراهو ٿو هلي. لغام هٿ ۾ وجهي. لغام ڇڏائجي وجي تہ وري جهلجيس. آخر گهوڙو وَهو ٿي ويندو ۽ پوءِ پنهنجي راه تي پيو هلندو. بيراهو ماڻهو چڱو نہ آهي. راه جو مرڻ بہ پلو اٿس.

هي انسان ايمان جي ڪوهہ ۾ پيل آهي. اتان نڪرندو تڏهن جڏهن رسيءَ کي جهليندو. ڪيندڙ جو هٿ تڏهن سگهندو جڏهن هٿ سوگهو جهليندو. ڪيندڙ جو هٿ تڏهن ڪيندس، جڏهن گوه واري جو هٿ محڪم هوندو. توهين چوندا تہ رسيءَ ۾ هٿ بہ تڏهن پوندس جڏهن امر ٿيندس. هيءُ امر ڪنهن کي ٿيل آهي تہ

سعيو ڪري؟ هيءُ بيابان آهي. بيابان ان ملڪ کي چوندا آهن جتي ڪوئي ٽڪي نٿو، هر ڪوئي هليو وڃي. جنهن پنهنجو پاڻ ئي وساري ڇڏيو آهي سو ڇا سعيو ڪندو! تون نہ هيءُ صورت آهين تہ هيءُ ذات آهين. هُن صورت ۾ گم ٿجي. اصل ذات آهين حق جي. توهين وري چوندا تہ اسين پار آهيون. سائين توهين ڪوه مان ڪيو. پنهنجي رب جي لاءِ پار آهيو. بيا نفعا نقصان سمجهو ٿا. باقي رب ڏانہ پار آهيو ۽ بيخبرا ٿي پيا آهيو. پنهنجو پاڻ کي سمجهائجي.

تون اپني آپ نون سمجهاءِ، پنهان دي نال تيڏا ڪيا!

سالڪ عقل کي هيٺ هٽي رب اثبات ڪندا آهن. ڪيترو سمجهائبو! سمجهه رکو. پنهنجو پاڻ کي سمجهائجي. وتو بين کي پيرين پوندا ۽ دعائون گهرندا! پنهنجو پاڻ کي سمجهايو تہ بيا اچي اوهان کي پيرين پوَن.

رب بيپراوه آهي. زماني جو عقل ننڍو عقل آهي. هوعقل ڪُل عقل آهي. زماني جي راند اِتي ڏکر وانگي آهي. هوءِ راند وڏي راند آهي. دنيا جو عقل ائين آهي جيئن پيلو گهڙو هٽ ۾ هجي، نہ واءُ سهي سگهي تہ مينهن سهي سگهي. رشوت ونڻ اهو پاراٽو عقل آهي. پار نہ پرچي تہ ٻہ ٽي پئسا ڏجنس تہ پرچي پوندو. آفيسر نہ نهي تہ ٻہ ٽي سو ڏجنس تہ پرچي پوندو. پوءِ اهو پاراٽو عقل ڪين چئبو.!

هي جهان هڪ سپنو آهي، طمع جو جهان آهي. هي دنيا جو جهان آهي. ۽ ڪل جي اڳيان جز آهي. جز ڇا جهل ڪل کي! هي عقل ڪل عقل جي جز آهي. ڪل عقل کي ڪيئن پهچجي؟پاڻ جنهن عقل سان وينا آهيون سو عقل صفائي آهي. هو ذاتي عقل آهي. ڪڙيو پيو وهي. ڪپر وٺي وڃبو تہ وڃي درياه تي پهچبو. ذات سان گڏيل هوندو تہ وڃي ڪل عقل کي پهچندو. هلي تہ ڪل عقل کي پهچي. ڪل کي تڏهن پهچندو. هلي تہ ڪل عقل کي پهچي، ڪل کي تڏهن پهچندو جڏهن فڪر رکندو. ڪل عقل انهيءَ کي ٿا چو جيڪو الله کي پاڻ سان دائم قائم سمجهي. جيڪي ڪل کي پهتا انهن کي سارو هڪڙي جز ڏسڻ ۾ آيو. هي ڪجهه سمجهڻو آهي. اها سمجهه ٻہ تڏهن پوندي جڏهن موت ياد ڪبو. الله سائينءَ جو نام ۽ موت ماڻهن وساري ڇڏيو آهي. چوطرف زماني جون دانهون لڳيون پيون آهن. رڳو زماني جي اڻ تڻ لڳي پيئي آهي. ڪم الله ايندو، هتي جا ڪم مڙيئي ڇڏڻ وارا آهن. هدايت وارن سمجهي ڇڏيا. جيڪي طالب

مولىٰ پاڪ جا آهن سي به ڪجهه ته پنڌ جي ڳالهه ٻڌائين!

هي جهان سارو هڪ خواب آهي.

ڪو سلام سهڻي يار جو مون خواب ۾ آيو،

خواب ۾ آيو، سهڻيءَ رات سهاڳ ۾ آيو.

يعني ته ڪا دل سهاڳڻ رهندي آهي انهي جي ڳالهه آهي.

ڪت گهٽو، گهم ٿورو، پاهر پانهن نه لوڌ،

ڊرائي نه ٻڌاءِ، وک اڳري ڪر.

ماهي يار دي نال دلڙي هوسين، نا هوسين ته به هوسين.

زماني جا ماڻهو نفعي نقصان جي خبر رکن ٿا باقي بندگيءَ ويلي بيخبر آهن. بيخبر سان صحبت گهٽي نه ڪجي. جو ماس جون دليون آهن، انهن جي صحبت ۾ اچيو ٿيون وڃن. خبردار رهجي پنهنجي مالڪ سان. ڪيترو لڪيو ، پنهنجي پاڻ سمجهايو. زماني وارن جي صحبت ٻڌي وري به توکي زمانو ياد ۾ اچي ويو آهي. چرڪ ڪونه اٿيئي، وري به خيال کي زماني سان ٿو ٻڌين! شايد دل سان نه لڳي آهي. جن کي دل سان لڳي انهن ڪان بادشاهيون ڇتي ويون. ڪجهه ته ڳالهه کي دل سان به لاءِ. اهو نفس جو آهي جو ڦيرائي زماني جيڪمن ۾ تو غلطان ڪري. زماني جي صحبت اهڙي آهي جو،

آپ نه ڪري پر ڏوجهان نون به ڪاري

عام سان ريس نه ڪجي جو اوهان کي مليل آهي. نڪو عام سان ايو آهي نڪو عام سان ويندو. جيئن سڀي جهان۾ هيڪلو آيو آهي تيئن ويندو به هيڪلو. اهو مالڪ ويجهو آهي، ٻڌي پيو، ڏسي پيو. عام اهي ڳالهيون نه پروڙيون آهن. ڪنهن سنڀاريو ڪنهن نهسنڀاريو. وقت تنگ آهي، وسيلا ياد ڪجن. پاڻ حامي آهن سچين دلين سان. الله ۽ مرشد اوهان سان گڏيل آهن. اوها جو ڪهڙو ڪم آهي عام سان! عام ڪان خيال ڇڏائي هٿ ڪجي، پوءِ جيڏي مهل تنها ٿيو ته مدد سنڀاريندو. عام ڪان پرهيز هجي. نه ڳالهائجي. ڳالهائڻ ڪان پلو آهي. عام جي صحبت چڱي نه آهي. ڪتابن جون ڏکيون ڳالهيون پنڌ ڪان منجهائي وجهنديون آهن. راه به جڏهن ورتل اٿو تڏهن قدم وڌايو. هيڏانهن هوڏانهن جي صحبت پنڌ ڪان منجهائي وجهندي آهي. ڪهڙيءَ وارا ڪتاب ڪٽي وڏيون ڏکيون ڳالهيون پيا ٻڌائين، مگر پاڻ وري ايمان جي ڪوهه ۾ پيا آهن.

رهڻيءَ وارو ٿورو آهي. ڪهڙيءَ وارن جو ڪم اهو آهي جو
آپ نہ ڪري، پر ڏوجهان نون بہ ڪاري.

هي جو خط تا اچن توهان ڏي، صحبت رب جي، ڳالهہ مرشد جي! اهو توهانجو قوت آهي. غم گوندر پون تا من ۾ پوءِ امانجي تا پئو. پنهنجي رب جا تا پون. اهي فيض وارن کي پوندا آهن، ٻيو زماني وارن کي نہ پوندا آهن. انهن کي زماني جا غم گوندر پوندا آهن. اهي حق جي نالي کي نفي تا ڪن، پاڻ کي اثبات ٿڪن. دنيا جي بهاريءَ کان محبوب جو غم ڀلو اهي. غم تہ انهن کي ٿيندا جيڪو چاٽي تہ منهنجو ذڪر ئي نہ ٿو هلي. مالڪ جي طرف ڪاندل کي بيدرد نہ ڪجي.

پولن جي ملڪ ۾ تو رهجي. پولن ۾ شينهن اچي تہ پولا وني اکيون پورين هتن سان. اها چڱ اونده تا ڪن. پوءِ شينهنجيڪو تلهو متارو پولو هوندو اهو ڪائيندو. پولو وني ڪيڪون ڪندو، تيئن ٻيا پولا وني اکين کي بند ڪرڻ تي زور رکندا، پڇي وٽن تي ڪين ويندا. اسين بہ ائين آهيون. پولا سڀ اسان ۾ اندر آهن. (پولو : ماڻهو زماني جو، شينهن : نالو رب جو)

ايماني ماڻهوءَ جي صحبت نہ لڳو.اهي ماڻهو حجت تا رکن پنهنجي الله سان.تنهنڪري انهن سان صحبت نہ ڪريو اهي ايماني آهن. اهي پاڻ پانئڻ تا سيڪارين تہ اسان ههڙا آهيون. پير فقير، اولياء سڀ رضا تي راضي رهيا آهن. اوهين بہ رضا تي راضي رهو. جا رب کي وٽي سا واه. موت ملاقات اوچتي ٿيندي آهي. ڪير دعويٰ ڳالهائي پنهنجي رب سان! وري بہ جهلجهي تو تہ انهن جي صحبت نہ لڳو، اهي ڳالهير ماڻهو آشهن، هلندڙ طالبن کي بيهاري ڇڏين. اوهان جهڙيتهڙي حال سن هلو. اهي ماڻهو پانئڻ تاڪن.

پانئڻ پتو پاڻ، لڳي چٽنگ چت تئي،
جنين پانيون پاڻ،ڪيائين توائي تنکي.

اهي ايماني ماڻهو درويش بہ سڏائين تا. ڏسو تہ صحبت ڪهڙي تا ڪن ۽ انهي صحبت ۾ ڪهڙو اثر آهي! ايمان ڇڏي ڏجي. جڏهن دعويٰ ڇڏبي تڏهن درسن ٿيندو.

هر ڪوئي جيڪي ڪري تو سو پاڻ سان تو ڪري. جي چڱائي ڪندو تہ بہ پاڻ سان تو ڪري، جي مدائي تو ڪري تہ بہ پاڻان تو ڪري. آئينہ ۾ پوندو ڏي يا

پاڻيءَ ۾ ڏي تہ اهو پوندو پاڻ کي ايندو. آئينہ ڏي نهار، ڪاوڙج تہ ڪاوڙ ڏسين، کل تہ کلڻ پسين. تيئن انسان بہ جيڪي ڪري ٿو سو پاڻ سان ٿو ڪري. پنهنجو سڄڻ بہ پاڻ آهي تہ پنهنجو دشمن بہ پاڻ آهي. هر ڪنهن کي پنهنجا ٽپڙ مٿي تي آهن. زال کي پنهنجا اعمال مٿي تي آهن تہ مڙس کي پنهنجا. ڪيل اعمال هر هڪ پنهنجا اڳيان هليڏسندو ۽ سجاڻندو بہ. انهن مان هڪڙا پنهنجا اعمال ڏسي خوش پيا ٿيندا ۽ ٻيا وري ڏسي پيا ڊجندا ۽ روئندا. تڏهن ٿو چئجي تہ هتان نهي جڙي هلو.

هتي بہ گهٽيئي درجا آهن. ڪنهن کي ڏوهہ معاف ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي. ڪي ماڻهو تہ خون بہ معاف ڪيو ٿا ڇڏين. اهو بہ وڏو ثواب آهي. بادشاهہ هجي، اڌ بادشاهي هجي، اڌ بادشاهيڏئي واٽ خدا جي ۽ غريب هجي ان کي هڪ ماني هجي جنهن مان اڌ ڏئي واٽ خدا جي تہ ٻنهي جو درجو هڪڙو آهي جو غريب کي مانيءَ جي بادشاهي ڏني اٿس.

خلق خراسب ڪهڙيءَ عادت ڪئي آهي؟ ٻچو خوديءَ خلق خراب ڪئي آهي. خاصا ڪائڻ ڪائڻ، خاصن هنڌنتي سمهڻ، خاصا لٽا ڪرڻ، انهن ڳالهين هنڪي خراب ڪيو آهي. خودي لٽي ۾، ڪاڏي ۽ جتيءَ ۾ بہ آهي ۽ پانئڻ خرابتو ڪري. لٽو ڪجي ٿلهو، سنهو لٽو نہ ڪجي. جيڪو پاڻ کي نيڪ سمجهي نيڪن سن گڏيندو تہ مان بہ نيڪ آهيان تہ اهڙو ٻيڙو ٻنهي جهانن ۾ ڪونهي.

اگر خود را بہ نيڪان شمردي، بدي

تواضع ڪجي، مغرور نہ ٿجي. پاڻ کي گهٽ سمجهجي.ڪئلي اٿ جي پير هينان ايندي تہ مرندي ڪين، نڪتي ويندي. مٿان وڻ تان ڪرندي تہ بہ مرندي ڪين. ماڻهو اٿ جي پير هينان اچي يا وڻ تان ڪري تہ ڏڪ لڳندس. انسان ۾ خودي هوندي يا خدا هوندو. هي احديت جو ميدان آهي.

ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾.

خود نہ ٿجي بيخود ٿجي. هتان ٻي سر ٻي پا ٿي هلجي. اوهين مريد بہ ٻي سرن جا آهيو. اوهان ڏي صحبت بہ ٻي سرن جي ٿي موڪلائجي. ڳلا نيڪيءَ سان هن جو ڪم ڪونهي. هن جو ڪم ڪم آهي الله سان. نمازون ۽ روزا اهي ڪم سڀ ثواب جا ڪم آهن، پر اهو ڪو رستو ئي ٻيو آهي جنهن سان پرينءَ کي پسجي.

www.sindhsalamat.com

سيني خطائن جو منڊ آهي ڊو. ايماني وصف سڀ اتن تا ڊو مان. لنگهڻ ۾ تي ڏينهن ڏيئي ڏسجنس.حسن بخش کي گهوڙو هو جو تي چار ماڻهو جهلين تڏهن کو مس چرهي. گهوڙي ته اصل ويجهو بيهي نه سگهندي هئي. اهو وڪٽي ڇڏيائين. هڪڙي ڏينهن اهو گهوڙو ڪاهي آيا، اچي گهورين سان ٻڌائون. ٽورڙي هڻ هڻ پيو ڪري. مونکي چيائون ته گهوڙو سڃاتئه؟ چي حسن بخش وارو گهوڙو آهي. مون چيو ته ٻچو هاڻي ته گهوڙين سان بينو آهي. چيائون ته اسان وٽ ته داڻو ٻه پورو نصيب ڪين اٿس. هونءَ ٻه ڊوَ سيني خرابين جا جڙ آهي. ڪريو ڏجنس ته پوءِ سڪندو. اهو ڪريو شهبازن لاءِ آهي. ڪريز چو ڏجي؟ جيئن پراڻا پن يعني عادتون ڇٽي ۽ ۽ پوءِ نوان پن ڄمن. منجي ۾ منو ۽ پاڪ ميوو بڪ آهي. بڪ اهڙو منو ميوو آهي جو هڪ دفعو ڪاڏائين ته وري پيو ڪائيندو.

قناعت چڱي آهي. شي پيو وڃائيندو، پيسو ڏوڪر اجايوپيو خرچ ڪندو ته پيو منع ڪندس.وري ٿيون چوندو ته اوهان جو چا ٿو وڃي، هو پنهنجو پيسو ٿو وڃائي. ڪير ٿو چوي ته پنهنجو پيسو اٿس؟ اهو سڀ مالڪ جو آهي، وڃائڻ سان ڏوهه پئجي ٿو وڃي. پير پاڳاري کي ڪنهن چيو ته سائين دنيا حرام آهي. فرمايائون ته حرامين حرام ڪئي آهي ۽ حلالين حلال ڪئي آهي. پيسو ٻه ڪنهنچڱي پاسي خرچ ڪجي. دنيا ڪائجي ته ڪانوَ وانگر ونڊي ورهائي ۽ نه ڪتي وانگر. ڪانو هڪ سڏي لهندو ته ڪان ڪان ڪري ٻين کي سڏيندو. ڪتو مئل هاتي ڏسندو ته هڪ ڪانو کي ٻه ويجهو اچڻ نه ڏيندو. پاڻ ڪائي ٽنگ ٻه نه سگهندو.

بکيو اجيو اچي ته تڪليف ڪري ٻه انهي کي ڪارائي پيئاري راضي ڪري ڇڏيو. توڙي اوير اچي توڙي سوير اچي ته ٻه آيو راضي ٿي وڃي ته اهو پلو آهي.پوءِ هن جي ذات ڏي، ڪپڙن ڏي يا شڪل ڏي نه ڏسجي. پر هن جي پيٽ ڏي ڏسجي ۽ جي بکيو اجيو هجي ته راضي ڪري ڇڏجيس. مهمان جيڪي ٻه ڪنهن وٽ اچن تا سي بکيءَ سان تا اچن. ڪنهن دڪان تي ڪو ماڻهو ئي نه اچي ته اهو دڪان بند ڪين هلندو؟ پر جي دڪان تي ماڻهو پيا اچن ته اهو دڪان بند ڪين ٿيندو. مهمان نه اچي ۽ جي ڪو آيو ويو بکيو اجييو ٽڪر ڪائي نه ويو ته اها ڪمبختيءَ جي نشاني آهي. ڏاڏو نواب خان هڪ ڇٽي جي ماني هميشه

پاسيري رکي ڇڏيندو هو.

تاريڪ ترڪ سنو آهي. باقي هڪ ڏينهن سڀ ڏيئي ڇڏي پوءِ ائين ئي وينو هجي، تنهن کان تاريڪ ترڪ چڱو آهي جو صوفين ائين چيو آهي.

# فڪر

اوهين فڪر ڪريوپنهنجي الله سائينءَجو. هن انسان سچوئي الله سائينءَ جو آهي. جنهن جو سچوئي آهي ان طرف سچوئي پيل هجي. پوءِ بہ پڇو انجو آهي. چوي ٿو تہ مون اوهان کي پنهنجو ڪري خلقيو آهي. چوي ٿو تہ اوهين بہ مونکي پنهنجو ڪريو. مالڪ فرمائي ٿو تہ اوهان جي سيني ڪمن جي جوابداري مون تي آهي. فقط تون اجايو نہ ٿيءُ. چوي ٿو چو تا بي وسيلا گهمو! چوي ٿو مون اوهان جو رب آهيان، اوهان جي نيڪين ۾ مان راضي آهيان، اوهين منهنجو امر مڃي مونکي راضي ڪريو تہ مون بہ اوهان کي راضي ڪريان. رب جي راضپي سان سپ ڪم تا ٿين. توٽي ظاهر توٽي باطن. سواءِ رب جي ظاهر باطن ٻيو ڇاهي وچ تي.

ديگر هرچہ بيني، فنا را فنا.

ٻيو ڪم ڪهڙو اوهان کي ڏسجي! هت ماڻهو آيو آهي اثبات ڪرڻ الله کي. ٻين ڪمن جي جوابداري موڪليندڙ تي آهي. جنهن هت موڪليو آهي.

اي پوري ماءُ ڪا هينئين سين لاءِ.

ٻيو فڪر پنهنجي حياتيءَ جو بہ ڪريو. فڪر جي قرهي هجي، سورن جا سبق ۽ ماٺ مطالع هجي. روزگاريءَ جو دليل نہ ڪريو جو رازق رب ڪريم آهي. هر شي کي پهچائيندڙ آهي. جيڪا شي رب پيدا ڪئي آهي، تنهن ۾ گذر جو خيال وجهي ڇڏيائين، جنهن جي دائم ديگ چڙهيل آهي، هر ڪنهن کي راضي ڪيو بينو آهي. اوهان کي بہ راضي ڪندو. انسان کي پنهنجن عادتن ڪٽي روليو آهي. رب بيڏوهو آهي. اوهين رب راضي ڪريو تہ رب اوهان کي راضيڪري. جيئن ماڻهو عقل ۾ پوندو ويندو تيئن گذر جا غم پوندا ويندا. چريو تي پئجي تہ غم پيا پيا ڪائيندس، چريوزماني ڏانهن ، جيئن رب نہ وسري.

قسمت رب جي وس آهي، ڏور ڏاهي جي هٿ آهي. هر حال ۾ شڪر ۽ صبر هجي. ميرائي ۽ صبر سردار لوڪن جو فخر آهي. صبر معنيٰ طبيعت جي غريبي. رب جي رضا تي هميشہ راضي رهجي، سندس نيڪ ٻانها اولياء ۽ انبياء

بہ سندس رضا ئي راضي رهيا.

هڪ ڏينهن سچيءَ عمر جي بادشاهي وٺبي سو فڪر ڪريو پنهنجي حياتيءَ جو. اهڙي مهل حياتيءَ جهڙي وري نہ ڏسي سگهندو. اها بہ وهامي ٿي وڃي.

وهاٽي ويندياءِ، پوءِ گهٽا هٽندين هٽڙا.

رات ائين ٿي وهي جيئن درياهہ تو وهي. ڏينهن بہ ائين ٿو وهي جيئن درياهہ ٿو وهي. حياتي بہ ائين ٿي وهي جيئن دريا پيو وهي.

فڪر ڪريو جو حياتيءَ جهڙي شيءِ وڃي ٿي پيئي. فڪر جي ڦرهي هجي، سورن جا سبق ۽ ماٺ مطالعو هجي. جي ڪو مندو ڳالهائي تہ ان سان پنهنجا چڱا اکر چو وڃائجن! نہ پڇجي تہ ماٺ ڪري وڃجي. ماٺ جهڙي ٻي ڳالهہ ڪانهي. هُت بہ ماٺ ڪري وڃجي. ماٺ جهڙي ٻي ڳالهہ ڪانهي. هُت بہ ماٺ معلوم آهي. عام سان خيال نہ رکجي. دوستي پاٽان ڪان چڱي آهي، جوش بہ جاڳندس پر فڪر ڪونهيس. ٺتو رکي پنهنجي حياتيءَ جي خبر چڻ غافل آهي. دشمن ۽ دوست بئي گڏيل اٿس. رب جي حڪم ڪانسواءِ تہ پن بہ نٿو چري، پوءِ جي دشمني رايو پوي تہ فڪر ڪري، ڪين برو ڪم ڪري وهي؟فڪر ڪري.

پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جي هيءَ ڳالهہ ڪانهي.هيءَ ساپيان هلڻ ۽ سمجهڻ جي ڳالهہ آهي. هينئر گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ آيل آهي ۽ پارس پرين ويجهو آهي. نيٺ فڪر رکجي پنهنجي موت جو. فڪر هجي انهي طرف ڌانهن، بيپرواهي رب ڌانهن نہ هجي. هو ملڪ ڏاڍو بيپرواهيءَ سان آهي. هتان الله سائين ڪري تہ نهي جڙي هلجي تہ پوءِ اڳيئون وسوئي ڪونهي. قرب بہ هت آهي هن ملڪ ۾، جو موت جو خوف آهي. اڳتي تہ بيپرواهي آهي. اڪ پوٺئي ڪانپوءِ اها جاءِ نہ هونديس جتي پير رکي سگهي. ڏاڍا عذاب تا اچنس تڏهن دانهون تو ڪري . ان ئي الله سائينءَ وٽان آواز تو اچي تہ تون دانهون تو ڪرين اهي تنهنجا اعمال آهن جي نہ ڪيا آهن. مون تہ توکي اجا ڪجهہ ڏنوئي ڪونهي ۽ ڏينهن قيامت جي مون ان ڪان سؤٽا وڌيڪ ڏک ڏيندوسانءِ. سو بچو هُت لاپرواهہ بادشاهي آهي. سعيو ڪجي جو نيٺ خدا سان ڪم پوٹو آهي. هتئون سمجهٹو آهي. الله ڪري جو هتئون سمجهي هلجي. ذڪر سان فڪر

ڪريو، دم سان پريت رکو. راه راست سان هلندڙ ٿجي. سڌون نہ ڪجي. مددگاريون بہ آهن پر خيال عام ڪدي هٿ ڪجي.

دلق ڪي درياه ۾ اڇلن بهادر بي بها
دلق چوندا آهن وجود کي ۽ درياه وحدت جو تا چون.

فڪر سان ماني کائجي ۽ بکئي کي بہ کارائجي. توهان کي تہ ماني کائجي ۽ بکئي کي بہ کارائجي. توهان کي تہ ماني کائڻ بہ ڏانءُ نٿي اچي. جيئن ماڻهو کائيندا آهن. هاپو هاپو تہ ڪتا بلا بہ پيا ڪن. فڪر سان ماٽي کائي، بکئي کي کارائي، انهن جي گهر کي کارائي، آکهه کي کارائي ۽ پاڻ بک جهلي گهر ۾ بہ نہ اچي بڌائي تہ متان ڪروڌ ٿئي، تہ جڻ ماني پاڻ کاڌائين پگهر جي پورهئي مئون ڪنهن بکئي جي بک لاهجي.

پنهنجي جدائي ڏسي روئجي. پنهنجي جدائي سنياري تہ فراق جاڳيس. جدائي اهڙي آهي. اها بہ سنيارجي فڪر ۾. جدائيءَ ۾ فراق آهي ڏاڍو. انهن کي جنکي لڳل آهي، اوهين بہ لائي ڏسو. دانهن رڳو جدائيءَ جي آهي. ڪنهن ڪنهن کي فراق چڱو آهي. فراق دردوند ڪري ٿو وجهي. فراق ڪانسواءِ ماڻهو بيدرد آهي. پنهنجي جدائي سنياريو. پري نہ آهيو، ياد آهيو، اوهين نہ وساريو. ائين آڏا تا گهمو. پنهنجي جدائي سنياريو تہ جوش جاڳن.

جاڳيا جوش دل ۾ درسد پرين جا،
واندي گهمہ نہ ويني ڪر ڪا ڪار ڪتڻ.
جدائي ۾ فراق آهي ڏاڍو.
الفراق اشد من الموت، آئٖهتي نہ هوندياس،
آس نہ لاهينداس،من جيئري جت ڏسين مران.

فراق اهڙي شي آهي. جدائي وارو ڏينهن ويجهو پوندو ٿو وجي. هي بدن خاڪي خرقو آهي، تنهن ۾ جدائيءَ جي لار آهي.

چڙا توکي چوري، ٻوليءَ وڌو ڪن؟
ڏيئي ريهہ رنگ جو، توکي جاڳايو جن،
وٺان تن، پرين لڳي لار فراق جي.
هي هي جي نہ هوءِ تہ جيڪر جيءُ جلي وڃي.
هي هي بہ جنهين کي لڳل هوندي انهن ۾ هوندي،

درد مند تڏهن ٿيندو جڏهن پنهنجي جدائي سنياريندو. مرشد وارا آهيو پاڻ سنياريو. هيءَ جيئري جي ڳالهه آهي، پوءِ مرشد کان طالب مئي به پري نه آهي. سو اوهان پري چو ٿا سمجهو پاڻ کي. هيءَ جدائيءَ جو هڪڙو ناز محبوب جو ٿيل آهي. باقي رب جيئري خواه مئي جدا نه ڪندوَ. پر جدائيءَ ۾ فراق آهي. جهڙي مونکي لائي ويا آهيو تهڙي اوهان کي به لڳل آهي. معشوق عاشق سان ڳالهائي ٿو پر ڳجهوو ٿو ڳالهائي. عاشق کي معشوق انت نه ڏيندو، چو ته پلي ڪري جدائيءَ جو فراق جاڳيس. جدائيءَجو عذاب موت کان به سخت آهي. پر جن کي لڳل هوندي. جدا نه رهو پنهنجي رب ڪريم کان. پوتل هججي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي تنهن لڙهيءَ ۾. ٻئي ڪنهن سان ريس نه ڪجي. جڏهن معنيٰ ۾ ايندو تڏهن درد جاڳندس. جي دانهن ڪري ته وجهجيس غمن جي ڪوهه ۾. اجا درد جي دانهن ڪري ته غمن جو گيڙو ڏجيس.

ڪڪور ڪوهيار چپر چاڙان موڪليون،
هيڪر هنهيٽيءَ ئي پيرو ڪج پتار،
ساجن ترهون تار، ڏنو ڏينهن قيام جي.

هتئون مڙيئي لڏ ڪٽي آهي، سو جيئري ئي سنيارجي پنهنجي جدائي. هيئنر گهٽي سوڙهي آهي. انسان سوڙهيءَ گهٽيءَ مان آيل آهي، وجي ٿو انهيءَ گهٽي مان به نڪرندو. مري لنگهڻو آهي، سرت رکو. اڳ وسوڙيل آهيو، اونهون نظر مان نه ڪيو. ريت رکو ڪا. جِنُ به ريت پت رکندو آهي، تون ته ماڻهوءَ جو يار آهين. عقل جا دانائو گهڻو، پر چا ڪجي جو پنهنجي ڳڻ ڪانه ڪئي اٿو. گهٽي علم کان گهڻو ويساه پلو آهي. عقل مان جڏهن نڪربو تڏهن خبر پوندي. ڪل عقل کي پوءِ پهچبو. ڪل کي تڏهن پهچندو جڏهن فڪر رکندو. هلي ته ڪل عقل پهچي. رب پاڪ جن کي عقل ڏنو ان سڃاتو پنهنجي رب کي ۽ سڃاتائون راهه رب جي. اڳيئون به سهڻا اها تا لڳن جن سڃاتو رب کي ۽سڃاتائون راهه رب جي. ماڻهو پاڻيهي هلي اهو پلو آهي، بيو پلو رب ڪريم آهي جو پلاين جو صاحب آهي. جن کي يادگيرا پنهنجا تو ڏيئي انهن سان پلائي آهي.

# چوند گفتا

1.الله سائينءَ وٽ وڃجي تہ اها شي کڻي وڃجي جا وٽس نہ هجي، نياز،چاڪاڻ تہ هو بي نياز آهي

2. الله سائين ڪائي چا تو؟ خودي

3. موت گهري نہ ونجي، رب گهري ونجي.

4. عيب ڪنهن جو نہ ڪولجي. بي عيبو هڪڙو الله سائين آهي،ٻيو هر ڪوئي عيبن پريل آهي.

5. تعريف پنهنجي خالق، مالڪ جي جڳائيندڙ آهي، باقي پنهنجي تعريف ڪرڻ شيطان جو ڪم آهي.

6. جي چاهين تہ رب ڪريم منهنجڳو فيصلو ڪري تہ پاڻ پنهنجو عيپضو نہ چڪاءِ.

7. ڪافر اهو جيڪو الله کي پاڻ کان جدا سمجهي.

8. دنيا دار اهو جيڪو رب ڏانهن فراموش آهي.

9. ڪامل اهو جو دشمن جي دل ۾ تنگ نہ ڪري.

10. جاهل اهو جو جيڪو علم مان گهٽو واقف هجي پر پاڻ ڏانهن بي خبر!

11. جي ڪو ڪنهن سان ڪوڙ تو ڳالهائي تہ ائين سمجهجي تہ سندس دل ڪندا جهليا آهن اجا گل نہ جهليو اٿس.

12. تورو ڏسي ارهو نہ تجي، گهٽو ڏسي سرهو نہ تجي. صبر ۽ شڪر ۾ رهجي.

13. سچ ڏئي ڏجي توٽي وٽي يا نہ. پر اهو سچ نہ چئجي جنهن مان ڪچهريءَ ۾ خلل پوي.

14. مني ۾ منو پاڪ ميوو آهي بڪ. بڪ اهڙو تہ منو ميوو آهي جو هڪ دفعو ڪاڏائين تہ وري وري پيو ڪائيندو.

15. تورو ڳالهائڻ، تورو سمهڻ ۽ تورو ڪائڻ وڏي هدايت آهي.

16. لڇمي ڏسڻ جي سهڻي، ڳهن ڳنن سان سينگاريل، پر پٺ اٿس اُگهاڙي، اڳ اٿس، پر پٺ اصل ڪانهيس.

17.حرام چا اهي؟ هڪ بيگناه ڏکوئڻ، ٻيو ناحق ڪرڻ يعني ظلم ڪرڻ،

ٽيون ڪنهن شي ۾ شڪ پوي تہ حلال آهي يا حرام تہ اها بہ نہ کائجي جو اهو بہ حرام آهي.

18. چٽي لکي انڌي، پڙهي گونگي ۽ سمجهي ڪاٺي.( دنيا ڏانهن انڌو، دنيا ڏانهن گونگو ۽ ڪاٺو معنيٰ يڪ نظر)

19. " ب" وچي ڏيو ٻين کي، اوهين " ا" سان رهو.

20. هي جهان آهي فنا جو. محل ماريون بہ فنا، تون آءٌ بہ فنا، ڏک ڏوراپا بہ فنا.

21. دعويٰ ڇوڙ تہ درسن پاوين.